
مولانا حبيب حضوري جي

ديني ۽ علمي

خدمتن جو تحقيقي جائزو



مصنف

مولانا اعجاز علي سوڍر

ڇپائيندڙ: علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ـ ميهڙ

ميهڙ جي عظمت هاڻِي ڏرتي

ميهڙ ۾ هِت ڏيرن جي جا ذات رهي آ،
اتم اعلىٰ تن جي ڪا بات رهي آ،
عالم فاضل، قاري، حافظ، ادب اوتارا،
دين متين جا رهيا سچا سپاهي سارا،
اگر ديرويءَ جِي جَي تِي دانائي ڏِسجي،
پوءِ قاري محمد جي قِرائت ڪَسجي،
قاري سعيد به آهي اهڙي سعادت ماٽي،
ميهڙ جي هنن ڏيرن جي آ عجب ڪهاٽي،
علمي ميراث جيڪا هنن ماٽي ورتي،
ميهڙ کي بڻايو تن عظمت هاڻِي ڏرتي،
هن خاندان جي بڻجي عظمت وئي نوري،
پيدا ٿيو جنهن گهراڻي ۾ حبيب حضوري،
ميهڙ جو علم و ادب ۾ استاد گهراڻو آ،
هر فرد هن خاندان سندو موتيءَ داڻو آ،
سوڍِر سچ آ اهڙن جو ذڪر عبادت آهي،
انمول تو لئي به هيءَ وڏي سعادت آهي.

ارپنا

آءٌ پنهنجي هن ننڍڙي ڪاوش کي پنهنجي استادن جي نالي ارپيان ٿو جن مون کي صحيح معنىٰ ۾ جيئڻ سيکاريو، جن مون کي فرش تان کڻي عرش تي پهچايو. مرحوم سائين مانجهي خان هالو، سائين سيد عبدالرحيم شاهه، سائين حسين بخش ڳورڙ، سائين امير بخش شيخ، سائين سيد اعظم علي شاهه، سائين محمد صديق ٻلهڙو، سائين الطاف حسين ٻلهڙو، مرحوم سائين محمد اسلم گلال، سائين علي محمد هالو، سائين محمد اسماعيل ڏيپر، سائين فياض احمد ڪولاچي، سائين لياقت علي ڪوسو، سائين حافظ نوراحمد ”بيباڪ“ جتوئي، سائين محمد جمن چنه، سائين سيد علي اڪبر شاهه (ٿڦڻ) ۽ ٻيا جيڪي منهنجا روحاني والد رهيا ۽ مون کي پنهنجي ٻچن جيان پيار، محبت ۽ دڙڪن سان پڙهائي لائق بنائڻ جي جستجو ڪندا رهيا.

مهما طال الليل لابُدّ من طلوع الفجر
مهما طال العمر لابُدّ من دخول القبر

ڪتاب جو نالو	:	مولانا حبيب حضوري جي ديني ۽ علمي خدمتن جو تحقيقي جائزو
موضوع	:	سوانح حيات
ليکڪ	:	مولانا اعجاز علي سوڍر
ڇاپو پهريون	:	ڊسمبر 2021ع
تعداد	:	500
قيمت	:	450 روپيا
ٽائيٽل ڊزائننگ	:	اظهر سولنگي (آدرش پرنٽنگ پريس ميهڙ)
ڪمپوزنگ	:	ڊاڪٽر نويد سوڍر
ڇپائيندڙ	:	علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ
ڇپيندڙ	:	ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد

فهرست

اظهار تشڪر

آءٌ الله رب العزت جو شڪر بجا آڻيان ٿو جنهن مون کي ميهڙ جي هن عظيم علمي گهراڻي جي بي شخصيت تي قلم کڻڻ جي توفيق بخشي. منهنجي ايم فل ٿيسز جو عنوان ”حضرت مولانا قاري محمد ڏيرو صاحب جون ديني ۽ علمي خدمتون ۽ معاشري تي ان جا اثر“ آهي. الحمد لله اها ٿيسز مڪمل ٿي ۽ مون کي ڊگري ملي وئي. هاڻي انهيءَ ٿيسز کي ڪتابي صورت ۾ ڇپرائڻ جي جستجو آهي. ڪجهه معاشي حالات کي مدنظر رکي ان ڪم کي ڪجهه مؤخر ڪيو آهي. الله رب العزت آساني فرمائيندو ته منهنجي اها محنت به تمام جلد ڇپجي منظر عام تي ايندي ۽ توهان پڙهندڙن جي هٿن ۾ هوندي. هن عظيم علمي خاندان جي علمي سپوتن جن منجهان مولانا عبدلاڪريم ڏيرو، مولانا قاري محمد ڏيرو ۽ مولانا قاري سعيد احمد ڏيرو صاحب جن جي سوانح ۽ خدمات تي ايم فل جون ٿيسزون لکجي چڪيون آهن. آءٌ جڏهن پنهنجي ايم فل جو فائينل سيمينار پيش ڪري رهيو هئس ته ان وقت منهنجي استاد محترم اهو سوال ڪيو ته توهان کي ميهڙ ۾ صرف ڏيرا خاندان ئي لکڻ لاءِ مليو آهي ڇا؟ جو هڪڙو مولانا عبدالڪريم ڏيرو تي پيو لکي، ٻيو مولانا قاري محمد تي پيو لکي ۽ ٽيون وري سندس پٽ مولانا قاري سعيد احمد تي پيو لکي. آخر ماجرا ڇا آهي؟ مون ان جي جواب ۾ مؤدبانه عرض ڪيو ته سائين هن گهراڻي جي علمي خدمتن ۽ هن گهراڻي جي علمي عظمت کي جڏهن ڏسون ٿا ته اسان جون ٽوپيون ڪِرِيو پَون ٿيون. هن گهراڻي جو هر فرد بدرِمنير جيان رهيو آهي. شاگرد پنهنجي استاد جو آئينو هوندا آهن. اگر هن گهراڻي جي صرف شاگردن کي ئي ڏسجي ته توهان کي انهن جي عظمت جو اندازو ٿي ويندو ۽ پوءِ توهان جو اهو اشڪال به ختم ٿي ويندو. مون پنهنجي ٿيسز اندر انهن شاگردن کي لکيو آهي. خير الحمد لله علىٰ ذالڪ جو مون ناچيز کي اهڙي خدمت جو موقعو نصيب ٿيو. انهيءَ تي الله رب العزت جو وري به شڪريو ادا ڪريان ٿو. ان سان گڏ هن ڏيرا خاندان جي انهن فردن جن منهنجي هن علمي ڪم ۾ همٿ وڌائي، حوصلو ڏياريو ۽ مواد طرف رهنمائي ۽ رسائي ڏني جو ٿورو مڃان ٿو. مولانا حبيب الله ”حبيب حضوري“ جو به احسانمند آهيان، جنهن تمام گهڻي منٿن ۽ ايلازن بعد پاڻ تي لکڻ لاءِ اجازت ڏني.

مان ميهڙ جي محقق، اسلامي اسڪالر ۽ پنهنجي دادلي دوست سائين حافظ امجد علي هالو صاحب جو به احسانمند آهيان جنهن مون کي هن علمي سفر لاءِ همٿايو، منهنجو تقريبًا هر علمي سفر ۾ ساٿ ڏنو ۽ ڪافي مواد مهيا پڻ ڪيو. انهيءَ جو به شڪريو ادا ڪريان ٿو. ان سان گڏ سائين اعجاز علي هالو صاحب جن جو به بيحد مشڪور آهيان جنهن ڪافي سفرن لاءِ اجازت سان گڏ دعائن سان به نوازيو ۽ همٿايو. پنهنجي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر الله بخش سوڍر جو به مشڪور آهيان جنهن مون کي ڪافي ڪم ڪار کان آجو رکي هيءَ خدمت ڪرڻ لاءِ آزاد رکيو ۽ کُلي دل سان خرچ پڻ ڏنو. پنهنجي گهاٽي دوست سائين محمد موسىٰ ڪوسو جو به شڪريو ادا ڪريان ٿو جيڪو اڪثر مون سان هن

علمي خدمتن ۾ گڏ رهيو آهي. انهيءَ سان گڏ پنهنجي پيارن جهڙي دوست سائين رستم علي لاشاريءَ جو به شڪريو ادا ڪريان ٿو ۽ آخر ۾ سائين پروفيسر عبيدالله لاڪير صاحب جو به شڪريو ادا ڪريان ٿو جنهن منهنجي هر ڪم ڪي ساراهيو ۽ پنهنجن قيمتي مشورن سان پڻ نوازيو ۽ منهنجي هن علمي ڪم تي نظرثاني ڪري منهنجي ڪافي درستگي پڻ فرمائي. الله رب العزت سيني محسنن کي سندن احسانن جو عظيم بدلو عطا فرمائي.

آمين ثم آمين

تنہا آئے تھے تنہا ہی جاؤ گے
خالی ہاتھ آئے تھے خالی ہاتھ ہی جاؤ گے
چند دنوں کا مہمان ہے تو انمول
مٹی سے تھے مٹی ہی ہو جاؤ گے

فانی ہے یہ سب کچھ فانی ہے
یہ حسن جوانی بھی سب جانی ہے
دولت شہرت تو سب جائے گی انمول
نیک سیرت ہی بس کام آنی ہے

مان ڪهڙا تنهنجا نانءُ رڪان

تعريف ان مالڪ جي جيڪو هر شيءِ تي قادر آهي، جيڪو رب العالمين آهي، جيڪو عزت ذلت ڏيڻ جو مالڪ آهي، درود ۽ ثنا ان پيغمبر مٺان جنهن کي رحمت للعالمين بڻايائين. الله تعالىٰ پنهنجي ڪُل مخلوق مان انسان کي اشرف المخلوقات بڻائي عزت ۽ اڪرام سان نوازيو. اسان جي سنڌ ۾ نوجوان ۽ نئين ٽهي جي جن ليکڪن ۽ ليکڪائن نثر ۽ نظم ۾ پاڻ مڃايو آهي انهن مان بيشمار خوبين ۽ خداداد صلاحيتن سان مالا مال ميهڙ جو نوجوان شاعر ۽ ليکڪ منهنجي ٻچپن جو دوست ۽ پنج سال هاءِ اسڪول نمبر2 ميهڙ جو هم سبق ۽ هم استاد رهڻ وارو پيارو ساٿي مولانا اعجاز علي سوڍر به هڪ آهي، جيڪو ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي، جنهن نظم ۽ نثر ۾ پاڻ مڃرايو آهي. سندس نظم ۾ تخلص ” انمول“ آهي ۽ پيشي جي لحاظ سان پرائمري اسڪول ٽيچر آهي. الله پاڪ انسان کي هن دنيا ۾ پنهنجي عبادت ۽ انسانيت جي خدمت لاءِ ئي موڪليو آهي. اڄ ڪلهه هن نفسا نفسيءَ واري دور ۾ سُٺائي ۽ ڀلائي وارا ڪم ڪرڻ وارن انسانن جي تمام گهڻي کوٽ آهي. انهن گهٽ انسانن مان تمام ڪي ٿورڙا ماڻهو آهن جن جي تعريف ڪرڻ ڪان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي. اهڙن انسانن جو مقصد ٻين ڪارڻ جيئڻ ئي هوندو آهي، جيڪي پنهنجي سموري زندگي انسانيت جي خدمت ڪرڻ، مجبور ۽ مظلوم ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏيندا آهن ۽ هو دنيا جون مشڪلاتون سهندي ثابت قدم رهي پنهنجي سموري حياتي سچائيءَ سان فَنَ ۽ فيلڊ لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙن ئي انمول انسانن ۾ مولانا اعجاز علي سوڍر جو به

شمار ٿئي ٿو، جيڪو هڪ قيمتي هيري جيان آهي. مولانا اعجاز علي سوڍر منهنجو هاءِ اسڪول جي دور کان وٺي يعني ڇهين ڪلاس کان وٺي سُٺو دوست رهيو آهي، پر سندس تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهان، ڇو ته مان سندس ڪردار ۽ خدمت جو اکين ڏٺو شاهد آهيان. اسان هاءِ اسڪول 2 ميهڙ ۾ هم درس هئاسين، ان دور کان ئي کيس لکڻ، پڙهڻ ۽ ادب سان چاهه هوندو هو. مئٽرڪ کان پوءِ اڳتي تعليم حاصل ڪرڻ جي جُنون ۽ ڪجهه ذاتي مصروفيتن سبب لکي نه سگهيو ۽ ادب کان ڪجهه عرصو پاسيرو رهيو. پاڻ وري 15_2014ع ۾ لکڻ طرف موٽي آيو. مولانا اعجاز صاحب ٿورڙي ئي عرصي ۾ ميهڙ جي ٻين شاعرن، ليکڪن ۽ اديبن کان ٻيڻي محنت ڪري گوءِ کٽي ويو.

پاڻ هن وقت به راتين جو جاڳي مطالعو ۽ مشاهدو ڪري تمام سُٺو ادبي ڪم ڪري رهيو آهي. وٽس اڻ ڇپيل مواد جو ڪاٿو پاڻ ئي ڪري سگهي ٿو پر سنڌي ادب کي هڪ ناياب ۽ بي بها قيمتي تحفو ”مَهان ماڻهو ميهڙ جا “ پيش ڪيو اٿائين جنهن جي ڪري اسان ميهڙ وارا سندس احسانمند رهنداسين. سندس اهو ناياب ڪتاب شاد پبليڪيشن حيدرآباد مان جنوري 2021ع ۾ شايع ٿي منظر عام تي آيو آهي. هن ڪتاب ۾ ميهڙ جي 110 شخصيتن تي تحقيقي ڪم ڪري انهن جي فَنَ، فڪر، شخصيتن، خدمتن، ڪردارن ۽ سوانح حيات کي ڪتاب ۾ شامل ڪيو اٿائين. ”مَهان ماڻهو ميهڙ جا “ ڪتاب جي پهرين حصي ۾ مذهبي شخصيتون ۽ ٻئي حصي ۾ شاعر، ليکڪ، اديب ۽ ٽئين حصي ۾ صحافي، استاد، ڊاڪٽر، سياسي، سماجي ۽ معزز شخصيتون شامل ڪيون اٿائين. سندس سنڌي ادب لاءِ هي ٻيو

ڪتاب ”مولانا حبيب حضوري جي ديني ۽ علمي خدمتن جو تحقيقي جائزو“ توهان جي هٿن ۾ آهي. هي ڪتاب سنڌ جي نالي واري عالم، فاضل، محقق، استاد، ليکڪ، شاعر، اديب، تعليمدان، مرتب ۽ مقرر مولانا حبيب الله ڏيرو ادبي نانءُ ” حبيب حضوري“ جي فَن، فڪر، شخصيت، ڪردار ۽ ادبي خدمتن تي تحقيق ڪري سهيڙي اسان پڙهندڙن جي نظر ڪيو آهي. وٽس ٻيا به ڪجهه اڻ ڇپيل ڪتاب زير قلم آهن جن تي تحقيق ڪري لکي رهيو آهي، جيڪي انشاءَ الله تمام جلد ڇپجي اسان تائين پهچي ويندا ۽ سنڌي ادب ۾ هڪ خوبصورت اضافو پڻ ٿيندو.

احساس مئگزين، آواز سنڌ مئگزين، سورمي مئگزين، روزاني اخبارن ڪوشش، هلال پاڪستان، چٽنگ، سنڌ سجاڳ، ايڪتا، هاڪ، واڪا، نئون سج، سڌ، پاڪ، وفاءِ سنڌ، جيجل، جيجل ماءُ، سنڌي اجرڪ، آس، نئين آس، عين عبادت، مهراڻ، ارادو، آجيان، عوامي خدمت، پاڪ سنڌ، سنڌ، حق سچ، نجات، سنڌو، قومي توجه، عوامي راڄ، سنڌ جو آواز، الڪو، خبرون، ايچ اين اين نيوز، سانجهي، عوامي ڪوشش، نئين سوچ، سلام سنڌ، سنڌ لائين، عوامي فورم، گراف، ڏيان طلب، جُنگ، قومي آواز، ارادو، اپيل، ايڪسيلينس، جيجل منهنجي سنڌ، سماچار سنڌ، امڪان، دعاءِ سنڌ، ميٽرو، هلچل، اندس، نيوز ٽائيم، سنڌ ٽائيمز، جاگير، پاڪ بليٽن، قلم سنڌ، سنڌ يار وغيره ۽ ٻين ڪيترين ئي سنڌ جي ننڍين وڏين اخبارن ۾ سندس مواد ڇپجي چڪو آهي ۽ اجان تائين سندس مواد ڇپجندو رهي ٿو. پاڻ ڪيترائي ريسرچ آرٽيڪل لکيا اٿائين جن منجهان 7 سَتَ ريسرچ آرٽيڪل ڇپيل اٿس ۽ ٻيا ڇپائي جي مرحلي ۾ آهن. پاڻ ڪجهه

ڪتابن جا مهاڳ ۽ ٻه اکر به لکيا اٿائين. مان شروع ۾ ئي ذڪر ڪري چڪو آهيان ته مولانا اعجاز علي سوڍر ڪيترين ئي خداداد صلاحيتن ۽ خوبين سان مالا مال آهي.

جڏهن سائين اعجاز مون کي فون ڪري چيو ته مان سائين مولانا حبيب حضوري جي فَنَ، فڪر ۽ شخصيت تي ڪتاب آڻي رهيو آهيان. اوهان مون کي ڪتاب لاءِ ٻه اکر لکي ڏيو. سچ پُڇو ته ان وقت خوشي به ڏاڍي ٿي ۽ ٿوري حيرت ۽ پريشاني به ٿي. خوشي ان ڳالهه جي ٿي ته سائين مولانا حبيب الله ڏيرو المعروف حبيب حضوري به گهڻ رُخي شخصيت جو مالڪ آهي. استاد، عالم، فاضل، ماهرِ تعليم، ليکڪ، شاعر، اديب، ڪمپيئر، قومپرست، صحافي ۽ ٻين ڪوڙ ساري خوبين جو مالڪ آهي. موهيا ڪنهن نه مال، سَندا چولين چوهَه، ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ادبي خدمتون، شاهه لطيف ۽ قرآن مجيد، سوينئر2015، جيجل جهولي، ٻارن لاءِ تقريرون ۽ ميهڙ جا مٽيادار ماڻهو جهڙا شاندار علمي ڪتاب اسان کي ارپيا اٿائين. سندس گڏيل شاعري جي ڪتابن ۾: سنڌڙيءَ تي سِر ڪير نه ڏيندو، ڏيئا جرڪيا ڏيهه ۾ شامل آهن. ان سان گڏ ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ ۽ ٻه اکر پڻ لکيا اٿائين.

مولانا حبيب حضوري ڪيترين ئي علمي ادبي تنظيمن جو روح روان ۽ عهديدار به رهي چڪو آهي، ڪيس سندس خدمتن عيوض ڪيترائي اعزاز، انعام، اجرڪ، سنڌي ٽوپيون ۽ ايوارڊ ملي چڪا آهن. پاڻ نه صرف گهڻ پاسائي شخصيت آهي پر هڪ سُٺو انسان پڻ آهي، جنهن ڪري ڪيترن ئي نوجوانن کي نثر، نظم ۽ سنڌي ادب ۾ نه صرف متعارف ڪرايو اٿائين بلڪ

نَوَن نوجوان ليکڪن کي متاثر بہ ڪيو اٿائين. انهن مان راقم الحروف بہ هڪ آهي. مان پاڻ سائين جن جي فَن ۽ شخصيت کان ڪافي متاثر آهيان. خوشي ان ڳالهہ جي ٿي تہ حبيب حضوري تي ڪم ٿيڻ گهرجي ها جيڪو تعصب پرستي ۽ ڄندا پٽ جي ڪري ڪنهن بہ نہ ڪيو پر مولانا اعجاز علي سوڍر اهو ڪري ڏيکاريو جنهن ڪي هو پاڻ لاءِ وڏو اعزاز سمجهي ٿو ۽ مان بہ هڪ اعزاز سمجهان ٿو. مولانا اعجاز علي سوڍر کي مان سائين ان ڪري چوندو آهيان جو پاڻ هڪ دستاربند عالم ۽ پيغمبري پيشي سان سلهاڙيل انسان آهي. حالانڪہ اسان ٻئي گڏ پڙهيا آهيون ۽ ٻئي تمام گهڻو حجائتا بہ آهيون ۽ اڪثر اسان جي وچ ۾ ادبي ۽ علمي بحث پڻ تمام گهڻو وڌي ويندو آهي، پر اسان ٻئي ڪڏهن بہ اخلاق کان ڪريل ڳالهہ زبان تي ناهيون آڻيندا. مان ڪيس جيترو سائين اعجاز چئي مخاطب ٿيندو آهيان اوترو هو موٽ ۾ منهنجي بہ عزت ڪندو آهي. ها تہ مون ڳالهہ پئي ڪئي تہ خوشي ٿي جنهن جو مان ذڪر ڪري آيو آهيان. حيرت ۽ پريشاني ان ڳالهہ جي ٿي تہ مان پنهنجي هن قيمتي هيري جهڙي ناياب پياري دوست اعجاز علي تي يا ان جي خدمت تي ڇا لکان؟ جنهن جي لکڻ لاءِ مون وٽ لفظ ئي ناهن. مولانا اعجاز علي ايترو تہ جاکوڙي انسان آهي جو مان تہ ڇا پر توهان بہ سوچي نہ ٿا سگهو. پاڻ پرائمري استاد هجڻ باوجود تازو سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم فل مڪمل ڪري هاڻي پي ايچ ڊي ۾ داخلا وٺي پڙهي بہ رهيو آهي. پنهنجي آبائي زمينن جي ديک ڀال ڪرڻ، برادري ۾ غمي خوشي ۾ شامل ٿيڻ بہ سندس ئي ذمي آهي. تعلقي ميهڙ جي ليکڪن، شاعرن ۽ اديبن جا هر موضوع تي نوان پراڻا شايع ٿيل

ڪتاب وٺي پنهنجي خرچ تي ڄامشورو، حيدرآباد، ڪنڊيارو، گهوٽڪي، شڪارپور ۽ سنڌ جي مختلف لائبريرين ۾ وڃي ڏئي ايندو آهي تہ جيئن دوستن جا ڪتاب محفوظ ٿي وڃن ۽ ايندڙ نسل تائين پهچائڻ لاءِ محفوظ هٿن ۾ هجن. مولانا اعجاز سوڍر ڪڏهن ڪنهن دوست جي ڪتاب جي سيٽنگ ڪندي نظر ايندو آهي تہ ڪڏهن ڪنهن ڪتاب جي پروف ريڊنگ ڪندو آهي، ڪڏهن ڪنهن جي ايندڙ ڪتاب لاءِ مهاڳ يا ٻہ اکر پيو لکندو آهي يا اخبار لاءِ وينو مضمون لکندو رهندو آهي. راقم جو مواد ڪمپوز ڪرڻ ۽ ادارن ڏانهن اي ميل بہ پاڻ ئي ڪندو آهي. مان رڳو ڪيس مواد پني تي لکي ڏيندو آهيان، پاڻ انهيءَ کي ڪمپوز ڪري، سيٽنگ ڪري، اصلاح ڪري ادارن ڏانهن موڪلي ڇڏيندو آهي. سندس هڪ عادت جيڪا مون کي ڏاڍو وڻندي آهي اها هيءَ تہ جڏهن ڪيس ڪنهن دوست جي نئين آيل ڪتاب جي خبر پوندي آهي تہ جيستائين ڪائنس ٻہ ٽي ڪاپيون وٺي نہ ايندو آهي تيستائين ڪيس سُڪون نہ ايندو آهي. هڪ ڪاپي پاڻ وٽ رکندو ۽ ٻيون لائبريرين تائين پهچائيندو آهي.

مان جڏهن ڳوٺ موڪلن ۾ ايندو آهيان تہ پوءِ اسان ٻنهي جي ڄڻ عيد هوندي آهي. موٽر سائيڪل تي اچي چوندو آهي تہ اچ هلون ٿا خيرپور ناٿن شاهہ سائين فياض بلوچ کان طبيعت پُڇي اچون، ڪڏهن چوندو آهي تہ اچ هلون ٿا سائين عبيد الله لاکير سان ڪچهري ڪري ٿا اچون، ڪڏهن ڪهڙي پاسي تہ ڪڏهن ڪهڙي پاسي هليا ويندا آهيون. اڄ هي تعارف لکيو آهي، اڄ هي فلاڻو مضمون لکيو اٿم، اڄ هن جو تعارف لکيو آهي وغيره مطلب تہ ادبي ڳالهہ ٻولهہ بہ ٿيندي رهندي آهي ۽ چانهہ جي

چسڪي بہ هلندي آهي. سچ پڇو تہ مون کي ساڻس گڏ چانهہ پيئندي ۽ ڪچهري ڪندي ڏاڍو مزو ايندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مذاق ۾ چوندو آهي تہ يار پاڄائي مون کي ڏاڍو بد دعائون ڏيندي هوندي تہ ڪجهہ ڏينهن لاءِ ڳوٺ اچي ٿو پر پوءِ بہ مولوي ڪيس هر وقت پاڻ سان ويهاريون ويٺو آهي. يار پاڄائي کان منهنجي طرفان معافي ونجاءِ ۽ نياپو ڏجانءِ تہ اڍي پر يار تون اڍِي نہ چئجانس، اڍِي منهنجو بہ ڪجهہ حق اٿس سو ان ڪري اڌ ڏينهن مون سان اڌ ڏينهن گهر وارن سان. گستاخي جي معافي بابا. سندس ان ڳالهہ تي ٻئي ٺهڪ ڏئي کلندا آهيون. خير تہ ڳالهہ ٿي هلي سائين اعجاز جي تہ هو سُٺو ليکڪ هجڻ سان گڏ سُٺو استاد ۽ ملنسار ماڻهو بہ آهي. ڪيس مون جيان ڪوڙي، ڏوکي باز ۽ ساڙولي ماڻهو کان نفرت ڏاڍي هوندي آهي، باقي يارن جو يار آهي، بشرطيڪہ ڪيس پنهنجي طبيعت ۽ ماحول جو ماڻهو ملي وڃي. سندس لکڻين جو اڪثر موضوع معاشري جا سُور ۽ معاشري ۾ موجود برائين ۽ انهن جي اصلاح لاءِ مشورا ئي هوندو آهي. مان سندس محنت ۽ جاکوڙ ڏسي ڪيس داد ڏيندو رهندو آهيان ۽ دل ئي دل ۾ چوندو آهيان تہ مان تنهنجا کهڙا نانءَ رکان؟ اسان وٽ ڪنهن فيلڊ سان يا ادب سان وابستہ ماڻهوءَ جو جيئري ڪو قدر ناهي ڪيو ويندو ۽ مرڻ کان بعد ان جي ياد ۾ تعزيتون، ورسيون ۽ سالگراهون ملهايون وينديون آهن. انهن بابت تاثرات ۽ ڪتاب پيا ڇپرائيندا آهن. حبيب حضوري ضعيف العمر انسان ۽ رٽائرڊ استاد آهي، جنهن جي زندگيءَ ۽ خدمتن تي ڪتاب لکڻ ضروري هو. مون کي اڪثر ڪوثر ٻرڙو جو هي گيت جيڪو سنڌ جي قومي انقلابي راڳي مرحوم سرمد سنڌي

ڳايو آهي، هر وقت اهو گيت منهنجي ذهن ۾ گردش ڪندو رهندو آهي، جنهن جا ٻول هي آهن:

رڳو ويڙهہ جهيڙو ڇنڊا پَٽ جون ڳالهيون
اها منهنجي سنڌ جي اديبن جي دنيا
اها منهنجي سنڌ جي سياست جي دنيا

ميهڙ ۾ ڪيترائي نالي وارا قلم ڌڻي موجود آهن ۽ انهن جا نالا لکي مان سندن دل آزاري ڪرڻ نہ ٿو چاهيان، اگر اهي چاهن ها تہ حبيب حضوري تي ڪتاب سهيڙي پئي سگهيا. اڪثر حبيب حضوري جي باري ۾ ڪجهہ ڳالهيون ٻڌندو رهندو آهيان تہ سائين حبيب حضوري هي ٿو ڪري هو ٿو ڪري، پر سُٺايون ۽ بُرايون هر ماڻهوءَ ۾ موجود هونديون آهن ۽ هر ماڻهوءَ جا ٻہ رُخ هوندا آهن. صحيح ۽ غلط پر اسان رڳو غلط رُخ کي ڏسندا آهيون ۽ صحيح رُخ کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهيون، مولانا حبيب حضوري ۽ مولانا اعجاز علي سوڍر لاءِ وڌيڪ لکڻ جي لاءِ مون وٽ لفظ ناهن جو اڳتي بيان ڪري سگهان. بس آخر ۾ تابش بخاري جو هي شعر پڙهي اوهان پڙهندڙن جي نظر ٿو ڪيان.

مزو زندگيءَ جو وٺو زندگيءَ ۾،
ڪرڻ جي گهرو تا ڪيو زندگيءَ ۾
مرڻ بعد ورسيون ملهايو پلي پر
ڪنهن ماڻهوءَ کي مڃتا ڏيو زندگيءَ ۾
(تابش بخاري)

زاهد ابڙو
ڳوٺ لطف الله ٽيبو ميهڙ
7 آگسٽ 2021

حبيب حضوري بيحد قابل انسان

سنڌ نہ فقط هڪ ڌرتي يا ديس جو نالو آهي پر سنڌ نالو آهي امن جو، عشق جو، بهادريءَ جو، سَهپ جو، قربانيءَ جو، رواداريءَ جو، تهذيب جو، پاڻ ارپڻ جو ۽ مهمان نوازيءَ جو. سنڌ ڌرتي هزارين سال پراڻي تهذيب ۽ سڃاڻپ رکندڙ آهي. سنڌ هميشہ ڪيترائي عالم،سورهيہ، دانشور، اديب، شاعر، سياسي، سماجي ميدان جا شهسوار پيدا ڪيا آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي زبان، بيان، قلم ۽ زور بازو ذريعي سنڌ ڌرتي جي عظمت ۽ خوبين ڪي بيان ڪندا رهيا آهن. هن حيرت ڀري واريءَ (مٽي) ۾ سدائين محبت، امن ۽ انصاف جي جوت جڳائي انساني دلين ڪي روشن ۽ منور ڪيو آهي. اهڙن قلم ڪارن جي فهرست ۾ اسان جي پياري ۽ معتبر لکاري سائين حبيب حضوري جن جو نالو بہ نمايان آهي. حبيب حضوري سان ڪجهہ سال پهرين پياري ادبي دوست زاهد ابڙو جي معرفت سان تعلق جڙيو. سائين حبيب حضوري گورنمينٽ طرفان عربي استاد هجڻ جي باوجود ايڏي ذميواريءَ جي عهدي تي هوندي بہ پنهنجي قيمتي وقت منجهان ادب کي بہ سُٺو وقت ڏنو آهي. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪيس ادب سان سچائي ۽ لڳاءُ آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اڄ هو ڪوڙ سارن ڪتابن جو مصنف پڻ آهي. جن ۾ هند سنڌ جي مشهور علمي، ادبي،سياسي ۽ سماجي افق جي ستاري جي سوانح ۽ خدمات تي مبني ڪتاب ”موهيا ڪنهن نہ مال“، سائين حبيب حضوري جي شاعري جو مجموعو ”سَندا چولين چوهَہ“، ميهڙ جي علمي افق جي بدر منير خاندان جيڪو سندس پنهنجو خاندان

آهي ۽ محسنِ عرب وعجم خاندان جي علمي ستارن جي سوانح ۽ خدمات تي مبني ڪتاب ”ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ادبي خدمتون“، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي فرمان ” جي تو بيت ڀانئيا سي آيتون آهين“ ڪي سندس ئي ڪلام جي قرآن مجيد جي روشنيءَ ۾ تشريح ڪري علمي شهڪار ڪتاب ”شاهہ لطيف ۽ قرآن مجيد“، ميهڙ جي تاريخ ۽ تاريخ ساز شخصيتن جي احوال تي مبني رسالو ”سوينئر2015“، ٻاراڻي ادب ۾ بهترين تحفو ”جيجل جهولي“، اسڪول جي ٻارن مٿان احسان ”اسڪولي ٻارن لاءِ تقريرون“ ۽ ميهڙ تعلقي جي علمي،ادبي ۽ سياسي شخصيات جيڪي ميهڙ جو ملهُ ۽ شلهُ رهيون جي احوال تي سهيڙيل معلومات جو انمول خزانو ”ميهڙ جا مٽيادار ماڻهو“ شامل آهن. سائين حبيب حضوري مضبوط ڪردار جو مالڪ، با همت ۽ بيحد قابل انسان آهي. توڙي جو سائين حبيب حضوري سان قريبي رابطو ناهي رهيو پر پوءِ بہ اديب دوستن ۽ علمي ماڻهن جون سندس بابت ڪيل ڳالهيون، مولانا اعجاز علي سوڍر ۽ زاهد ابڙو جا سندس لاءِ احسان مجڻ واريون ڳالهيون ۽ تعريف ۽ سندس محبت ۽ خوش اسلوبيءَ منجهان ايئن محسوس ٿيندو اٿم جڏهن فون تي ٿورو گهڻو ڪم ڪارن سبب رابطو ٿيندو آهي تہ پاڻ محسوس ڪرائيندو آهي تہ سائين حبيب حضوري سان منهنجو چوويهہ ڪلاڪ ئي رابطو آهي ۽ اسان هڪ ٻئي جي هر وقت قريب ئي هجون ٿا ۽ اسان جو تعلق تمام پراڻو هجي. سندس اهڙي مؤقف ۽ پنهنجائپ واري احساسن ڪي بيان ڪندي خوشي محسوس ڪريان ٿو. هڪ ڀيري سائين حبيب حضوري اهو اظهار ڪيو تہ توهان جي مئگزين ” آواز سنڌ “ حيدرآباد جي

ميهڙ ۾ پڌرائي تقريب رکرايون ٿا. اها تقريب هن پنهنجي ذاتي خرچ تي رکرائي تمام سُٺي تقريب منعقد ڪرايائين. جنهن ۾ سُٺن نالي وارن دوست شاعرن، اديبن شرڪت ڪئي، جنهن جي رپورٽ پڻ آواز سنڌ جي ايندڙ پرچي ۾ شايع ڪئي وئي. سندس اهڙي محبت ۽ موٽ تي اسان مئگزين جي سڄ جا دوست تمام گهڻو خوش ٿياسين. جڏهن ته ان موقعي تي اسان سيني دوستن مان اسان جي رسالي جي چيف ايڊيٽر اشرف نوناري (شهيد) حبيب حضوري جا تمام گهڻا ٿورا مڃيا هئا، جيڪو هن وقت اسان ۾ موجود نه آهي پر سندس ڏنل محبتون ۽ ڌرتيءَ لاءِ ڪيل اڻٿڪ محنت ۽ جدوجهد هميشه ياد آهي ۽ ياد رهندي. اشرف نوناري سنڌ نيشنل تحريڪ جو چيئرمين ۽ آواز سنڌ رسالي جو چيف ايڊيٽر پڻ هو.

تازو ئي ڀاءُ مولانا اعجاز علي سوڍر ٻُڌايو ته مان سائين حبيب حضوري جي خدمتن ۽ زندگيءَ تي ڪتاب ترتيب ڏئي رهيو آهيان، ان لاءِ مون کي مولانا حبيب حضوري تي ٻه اکر لکي ڏيو. مون کي ان ڳالهه تي تمام گهڻي خوشي ٿي ته سائين حبيب حضوريءَ جي زندگيءَ ۾ ئي ڪنهن محقق دوست طرفان خراج پيش ڪرڻ جي همٿ ڪرڻ ۽ سائين کي سندس زندگيءَ ۾ ئي مڃتا ڏيڻ لاءِ ڪو اهل قلم ڏٺي رقم طراز ٿيڻ جو سندرو ٻڌي ميدان ۾ لٿو آهي. مون ڪانئس پُڇيو ته ادا صرف سائين حبيب حضوريءَ تي ئي ڪتاب آڻي بس ڪندا يا اڃان به ڪنهن ٻئي تي قلم کڻڻ جو ارادو اٿوَ؟ منهنجي انهيءَ سوال تي ڀاءُ سوڍر صاحب وراڻيو ته ادا هن موت کان بعد ڪنهن جي موت کي ڪيش ڪرڻ جي روايت کي ٽوڙي سندس زندگيءَ ۾ ئي ڪيس

مڃتا ڏئي مرڻ کان پوءِ به ڪيس سارڻ جو پڪو ارادو ڪيو اٿم، انهيءَ ڪري هاڻي انشاءَ الله پنهنجي قلم کي نه روڪبو. جيسيتائين صحت، همت، علم، عقل، جيب ۽ حوصلي ساٿ ڏنو پنهنجو علمي فرض پورو ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪبي، پاڻ کي علمي خدمت " ٽڪائي نفس کي اهو باور ڪرائبو ته هي محسنِ قوم ڪنهن هڪ خاندان يا هڪ قبيلي جي ذاتي پراپرٽي ناهن، هي منهنجي به ميراث آهن، هنن جي وارثي ڪرڻ لاءِ ناچيز جو قلم ميدان ملهائڻ جي جدوجهد ڪندو. هنن علمي ملڪيتن جو قدر جيئري ڪرڻ وارا منهنجي اقتدئ ۾ پنهنجي وراثت سنڀالي وٺندا. ان ڪري هن کان بعد ٻين جي به خدمت تهه دل سان ڪرڻ جو پورو ۽ پُختو ارادو آهي. سندس انهيءَ گفتگو تي تمام گهڻي خوشي ٿي ته ههڙا جوان ميدان ۾ لٿا ته پنهنجي وڃايل ورثي کي وري سنڀالي وٺندا. مولانا اعجاز علي سوڍر جهڙا محنتي ۽ جاکوڙي ماڻهو مون گهٽ ڏٺا آهن. هو هڪ يار ويس، سچو ۽ نه ٽڪجڻ جهڙو شخص آهي. سندس ئي قلم سان تحرير ڪيل حبيب حضوري جي شخصيت تي هي ڪتاب ادبي حلقي ۾ سُٺي سڃاڻپ حاصل ڪندو ۽ پڙهندڙن لاءِ ڪارائتو ڪتاب ثابت ٿيندو. اهڙي محنت تي مولانا اعجاز علي سوڍر کي جس ڏيان ٿو جنهن محنت ۽ محبت سان هي ڪتاب "مولانا حبيب حضوري جي ديني ۽ علمي خدمتن جو تحقيقي جائزو" ترتيب ڏنو آهي.

ديدار "شاد" گوپانگ
ايڊيٽر روزاني سانجهي حيدرآباد
15 آگسٽ 2021ع

مهاڳ

ميهڙ جو مست الست ڪردار: حبيب حضوري

سنڌ جي ڪنڊڪُڙڇ ۾ اهڙا مست الست ڪردار پيدا ٿيندا رهيا آهن جن پنهنجي ڌرتيءَ سان پنهنجي وَس ۽ وِت آهر پاڻ نڀايو آهي. ميهڙ جي ڪنڊ به سنڌ ۾ ڀاڳيري رهي آهي، جنهن مختلف وقتن تي مختلف سياسي، سماجي ۽ علمي ڪردار پيدا ڪري پنهنجي حصي جو ڪردار خوب نڀايو آهي. ميهڙ ۾ ماضيءَ جي ڪردارن ۾ رئيس شمس الدين بلبل، مولانا غلام محمد گرامي، سيد علي اڪبر شاهه، مولانا الاهي بخش ايري، مولانا شفيع محمد سوڍر، موالان عطاءُالله فيروزشاهي، مولانا محمدصالح مهيسر رهڙوي، سيد علي اصغر شاهه، اسحاق راهي، ناظم منگي، حاجي غلام نبي مهيسر، ملنگ حيدري، شمس ابن ضياءِ ابن بلبل، خدابخش خادم ۽ ٻيا ڪوڙ سارا اهڙا ڪردار رهيا آهن جن علم ۽ ادب ۾ پنهنجو نالو ڪمايو. دورِ حاضر ۾ ميهڙ جو انتهائي ڪاهوڙي ڪردار مولانا حبيب الله ڏيرو المعروف ” حبيب حضوري “ پڻ گهڻ پاسائتي شخصيت رهيو آهي. سندس شخصيت ۽ ڪردار جا انيڪ رنگ ۽ روپ آهن، جيڪي مذهب، مٽيءَ سان محبت، ثقافت ۽ روايتن سان لڳاءُ، علم دوستي ۽ انسانيت جي پرچارڪ تائين ڪيس پهچائي مجرائي ڇُڪا آهن. هن شخص کي جڏهن اسان گورنمينٽ هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ۾ هڪ

استاد جي رُوپ ۾ ڏسون ٿا ته هي سيني استادن کان نمايان ۽ مٽيرو محسوس ٿئي ٿو. اسڪول جي هر سرگرميءَ ۾ حبيب حضوري جو هجڻ ڄڻ ته ان محفل جي ضرورت هجي. وري جڏهن ڪيس ادبي اجتماعن ۾ ڏسون ٿا تڏهن به هن جا رنگ ۽ رُوپ وٽندڙ ۽ نرالا نظر اچن ٿا. اسان جڏهن شهر جي مسئلن يا سماجي مسئلن تي ڪو ڌرڻو يا احتجاج ڏسون ٿا ته اتي به ميهڙ واسين سان حبيب حضوري ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هم آواز نظر اچي ٿو. اسان جڏهن ڪو مذهبي اجتماع ڏسون ٿا ته اتي به حبيب حضوري مذهب جو فلسفو ۽ انسانيت سان پيار جا درس ڏيندي نظر اچي ٿو. بهرحال هن قسم جا ڪردار پنهنجي علائقي جي سونهن ۽ ضرورت هجن ٿا، ڇاڪاڻ ته هو هر فورم تي عام ماڻهو ۽ ڌرتيءَ جي حقن جي وڪالت ڪندي نظر اچن ٿا.

مولانا حبيب الله ڏيرو ميهڙ جي ڳوٺ ” لاڪو تڪيو “ ۾ جنم ورتو ۽ ان کان پوءِ ميهڙ ۾ مولانا قاري محمد ڏيرو صاحب جي مدرسي ۾ زيرِ تعليم رهي پنهنجي ذهانت جا جيڪي جوهر ڏيکاريا اهي اڄ به سندس شخصيت منجهه جرڪن ٿا. پاڻ درس نظاميءَ جي تڪميل جامع مسجد اڪبري ميهڙ ۾ مرحوم سائين مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جن وٽ ڪيائين. اڄ به سندن شمار مفتي صاحب جي نمايان شاگردن ۾ ٿئي ٿو. مولانا حبيب حضوري پنهنجي محترم استاد مفتي ڪريم بخش مگسي سان انتهائي عقيدت ۽ احترام رکي ٿو. جنهن ڪري سندن شخصيت

۽ ڪردار تي گهڻو ڪجهه لکيو اٿائين، جنهن جو مفصل بيان سندس ڪتابن ” پلا پونءِ نہ وسرن “ ۽ ”ميهڙ جون مٿيادار شخصيتون“ ۾ ملي ٿو. مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب اصل ۾ سوڀو خان مگسي جا هئا جيڪي ميهڙ ۾ مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ جا مهتمم ۽ روح روان رهيا ۽ تمام وڏو عرصو ديني درس و تدريس سان وابسطہ رهيا. ڳوٺ سوڀو خان مگسي منهنجي ڳوٺ بخش لاڪير کان صرف ڏيڍ ڪلوميٽر جي فاصلي تي هئڻ ڪري مفتي صاحب جي خاندان سان اسان جا تعلقات وڏن کان وني هڪ صديءَ کان بہ وڌيڪ وقت وارا ۽ ويجهڙائيءَ وارا رهيا آهن. هن ڳوٺ ۾ منهنجي بابا سائين محمد بچل لاڪير جا دوست سِرائي شهاب الدين مگسي، سِرائي غلام الرسول مگسي ۽ سِرائي ممتاز علي مگسي کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي دوست جن ۾ سائين شرف الدين مگسي، سائين الله ورايو لاڪير، سائين عبدالله لاڪير ۽ سائين عبدالمجيد مگسي پڻ شامل هئا. سائين مفتي ڪريم بخش مگسي جا فرزند محمد امين مگسي ۽ ايڊووڪيٽ خواجہ معين الدين مگسي سان منهنجا تعلقات ويجهڙائي وارا رهيا آهن. سائين مرحوم محمد امين مگسي سان ڪچهريون منهنجي يونيورسٽيءَ جي وقت جي ڪلاسي سِرائي عزيز عرف ذوالفقار مگسي جي معرفت ٿينديون رهيون ۽ خواجہ معين الدين مگسي منهنجو شاگرد رهيو آهي جڏهن 1988ع کان 1990ع تائين مان مڊل اسڪول نئون ڳوٺ ۾

جونيئر اسڪول ٽيچر رهيس. هي خاندان نہ صرف ديني تعليم ڏيڻ وارو عالمن جو خاندان رهيو آهي پر علائقي ۾ وچولي زمينداري ۽ علمي دوستيءَ ۾ بہ هن خاندان جو وڏو نالو رهيو آهي. مون کي ڪيترائي دفعا ميهڙ جي جامع مسجد ۾ نماز پڙهڻ جو موقعو مليو ۽ مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جي امامت ۾ سندن قرآن مجيد پڙهڻ جو انداز ماشاءَ الله دلپذير ۽ سندن خطبو بامعنيٰ ۽ اصلاحي هوندو هو. ڪين مون پنهنجي اکين سان ڪجيءَ جي تڏن تي شاگردن کي درس و تدريس جي خدمت وڏي جاکوڙ ۽ سچائيءَ سان ڪندي ڏٺو. سندن مڪتب ۾ حبيب حضوري جهڙا نالي وارا شاگرد پڙهي آيا ۽ پوءِ درس و تدريس ۾ پنهنجو نالو ڪمايائون. هن مدرسي مان جيڪي پڙهي آيل شاگرد مون ڏٺا انهن کي علم ۽ ادب تي دسترس ۽ دنياوي معاملن تي وڏي ڄاڻ هوندي هئي. جڏهن استاد مفتي ڪريم بخش مگسي جهڙا ڪامل ۽ فرشتا صفت انسان هجن تہ شاگرد بہ حبيب حضوري، مولوي نثار احمد مگسي، عبدالحڪيم چانڊيو ۽ محمد امين مگسي جهڙا پيدا ٿيندا آهن. جن پنهنجي علم، ادب ۽ ڏاهپ جا درس ڏئي علائقي ۾ نالو ڪمايو.

حبيب حضوري لاءِ شاعر خوب چيو آهي تہ:

هي وڏو عالم ۽ اڪابر بہ آ
هي استاد ماهر ۽ شاعر بہ آ

هي نہ صرف عالم پر ديني ۽ دنياوي معاملا بہ هڪ اڪابر وانگر مدلل انداز ۾ سمجهائيندو آهي ۽ 30 سالن کان مٿي جو عرصو استاد رهيو آهي. ان کان پوءِ انسان دوستيءَ وارا احساس رکڻ سبب هڪ سُٺو شاعر پڻ آهي. سندس شاعريءَ ۾ انسانيت، علم دوستي، امن پسندي، سنڌ ڌرتيءَ سان لازوال محبت ۽ سنڌي ماڻهن جي اهنجن سان سندس واقفيت سندس شاعري جا خاص موضوع رهيا آهن. هر انسان جي اندر ۾ فطري پهلو هوندو آهي. هن جي شاعري نازڪ احساسن ۽ قدرت جي جماليات کي ظاهر ڪندڙ خيالن سان ڀرپور آهي.

کيس محترم عاجز سرگاٽي علائقي جو مشهور شاعر هن طرح ياد ڪري ٿو:

جنهن کي بيحد ٿو سچل پٽائي وٽي
۽ عنايت ۽ سيد سنائي وٽي
صاف صوفي نہ جنهن کي وڏائي وٽي
سو حبيب حضوري وڏي ڳالهہ آ

بهرحال مولانا حبيب الله ڏيرو المعروف حبيب حضوري واقعي هڪ گهڻ رخي شخصيت آهي جنهن کي مان ميهڙ جو اهڙو مست ۽ الست ڪردار چوان ٿو جيڪو هر هنڌ نمايان ۽ جرڪندي ملندو آهي. سندس اندر ۾ ڪيني ۽ ڪلفت جو ڪٽو بہ ڪونهي، منجهس بس رڳو محبت ۽ ماڻهپو وَسي ٿو جنهن ڪري

هو پنهنجي فطرت ۾ سراپا پيار ۽ پاٻوهہ آهي جيڪو هر جاءِ تي ڪُڏي پهچندو ۽ انس ۽ پيار جون ڳالهيون سهڻي ۽ سيبتي انداز ۾ پهچائڻ جو ماهر آهي. ميهڙ جو انتهائي مانائتو ڪردار جنهن جي محنتن کي اسان جي دوست ميهڙ جي عالم، اديب، استاد ۽ محقق مولانا اعجاز علي سوڍر سهيڙي ۽ سندس ڪردار ۽ ڪوشش کي مڪمل تحقيق ڪري هي ڪتاب سهيڙيو آهي، جيڪو هن شخصيت جي تاريخي ڪردار کي هميشہ لاءِ امر ڪري ڇڏيندو ۽ ايندڙ نسل بہ روشناس ٿيندو تہ:

هئا ڪي ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي

پروفيسر عبيدالله لاکير
پرنسپال گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف، ميهڙ ، دادو
16 آڪٽوبر 2021
0300-3093627

پنهنجي پاران

عيبن کان پاڪ ذات صرف الله رب العزت جي هوندي آهي باقي مخلوق ۾ ڪو نہ ڪو عيب هجڻ ڪا اڻ ٿيڻي ڳالھ ناهي. نبي عليهم السلام گناهن کان معصوم هوندا هئا جو انهن مٿان وحي جو هر وقت پهرو هوندو هو ۽ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم محفوظ هئا جو انهن کي نبوت جي زبان ۽ خالق پنهنجي ڪلام ۾ نجات جا سرٽيفڪيٽ ڏئي ڇڏيا هئا. باقي عام انسان ڀلي ڪيترو بہ وڏو رتبو حاصل ڪري وٺي پر خطا ۽ غلطي ڪرڻ سندس کان سرزد ٿي سگهي ٿي. ها گناھ جو نہ ٿيڻ فرشتن جي نشاني آهي، گناھ ٿي وڃڻ جي باوجود ان تي اصرار ڪرڻ يا ان تي ضد ڪرڻ شيطان جو شيوا آهي باقي غلطي ٿي وڃڻ کان پوءِ توبه ڪري ان جي معافي وٺڻ حضرت انسان جو خاصو آهي. شخصيات جي سوانح ۽ خدمات کي قلمبند ڪرڻ بہ تاريخ جو هڪ حصو آهي.

ڪنهن اهل علم بزرگ مون کي چيو هو تہ ادا توهان جيڪو زندھ ماڻهن جا مثبت پهلو ڪڍي سندن گڻ بيان ڪيو ٿا سي ڏاڍا خطرناڪ آهن، چاڪاڻ تہ انسان جي حالات جو ڪو ڀروسو ڪونهي، ڪڏهن بہ هو پنهنجي ڪردار تان ڦري سگهي ٿو يا مجبورً ا مٽجي سگهي ٿو. توهان جهڙو ظاهر ڪيو ٿا ٿي سگهي ٿو هو بعد ۾ هو اهڙو نہ رهي. مون کيس عرض ڪيو تہ سائين اسان انسان جي ظاهر جا مڪلف آهيون باقي دلين جا راز

۽ نيتون تہ رب ئي ڄاڻي ٿو. اسان کي پنهنجي مسلمان ڀاءُ لاءِ حسنِ ظن رکڻ جو حڪم ٿيل آهي، سو مان بہ حسنِ ظن رکي سندن موجوده ۽ گذريل حالات ۽ ڪردار لکان ٿو باقي مستقبل جو مڪلف مان بہ ناهيان. ها ان نيت سان لکندو آهيان تہ مَنَ منهنجي لکڻ ڪري اگر منجهس ڪي باطني خاميون هجن بہ تہ هو انهن کي درست ڪرڻ جا جتن ڪري پاڻ کي ٺاهي وٺي يا اهو سمجهي تہ ماڻهو منهنجي ظاهر کي ڏسي اهڙو گمان رکن ٿا تہ پوءِ ڇو نہ پاڻ کي سندن گمان ۾ ڍلڻ جي ڪوشش ڪجي. هر انسان مَهان ضرور هوندو آهي بس اگر فرق آهي تہ اهو صرف ۽ صرف نظر جو. ڪو ڪنهن جي نظر ۾ مَهان هوندو آهي تہ اهو ساڳيو ئي ماڻهو ٻئي جي نظر ۾ گهٽيا ۽ نيچ ٿي سگهي ٿو. وري ٻيو اهو آهي تہ جنهن سان محبت ۽ چاهت هوندي آهي تہ ان جون سڀ خاميون بہ خوبيون نظر اينديون آهن ۽ اگر نفرت هوندي آهي تہ پوءِ هر خوبي بہ خامي ئي نظر ايندي آهي. هر انسان جي اندر اگر ڪي خاميون هونديون آهن تہ منجهس ڪي خوبيون هئڻ جو انڪار ڪو ڪم عقل ئي ڪري سگهي ٿو.

ليڪڪ ۽ قلمڪار قوم جو امانتي هوندو آهي مٿس حق ۽ سچ لکي ايندڙ نسل کي پنهنجي ماضي کان آگاهي ڏيڻ ذمي هوندو آهي. ظاهر آهي تہ هو ڪنهن جون بہ خاميون نہ لکي سگهندو آهي، چاڪاڻ جو هڪ اهو تہ هو ايندڙ نسل لاءِ ايلچيءَ جو ڪم ڪري ٿو تہ ظاهر آهي هو مثبت پيغام ڏيڻ جي ئي

ڪوشش ڪندو آهي باقي اگر هو خامي لکڻ چاهي ته ڪيس لکڻ هرگز نه ڏنو ويندو ۽ ڪيس چيو ويندو ته لکڻو هو ته توکي خوبيون نظر نه آيون باقي خاميون لکي ڪنهن جو پردو کڻي ڪيس موت کان پهريان مارڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي، ٻيو ته خامي لکي ايندڙ نسل کي ڪو مثبت پيغام ته نه ٿو ڏئي سگهجي. سو موجوده دور جي ماڻهن جا مثبت پهلو قلمبند ڪري سياڻي جي تاريخ کي محفوظ ڪرڻ ۾ ڪو حرج مون کي نظر ڪونه ٿو اچي. انهيءَ ڪري زنده انسان مٿان لکڻ کي غلط نه ٿو سمجهان. هر انسان جا چاهيندڙ ۽ مخالف به ضرور هوندا آهن. چاهيندڙن کي ان انسان جي حالات کان باخبر ٿيڻ تي خوشي ملندي آهي ته وري مخالفن کي تڪليف رسندي آهي. اها ئي حقيقت آهي. خير هي ڳالهيون ڪجهه خدشن کي ذهن ۾ پيدا ٿيڻ کان پوءِ اڀرندڙ سوالن جا جواب ڏيڻ جي ڪوشش جي نتيجي ۾ لکيم. باقي هر ڪنهن انسان جي پنهنجي پنهنجي سوچ ۽ سمجهه آهي. ڪجهه منهنجي هن عمل کي سُٺو ڄاڻندا ته ڪي وري منهنجي مٿان تنقيد جا پٿر اڇليندا. هونئن به جڏهن ڪنهن اديب يا قلمڪار سان ڪا رهاڻ يا شام ملهائي ويندي آهي ته سندس تعريف جا ڪيترائي قصيده پڙهندي قلم ڌڻين کي ٻڌندا آهيون، انهن محفلن ۾ انهيءَ ميدان جي شهسوارن تي لکيل منقبتون، سندن لاءِ لکيل تعريفي ڪلمات ٻڌڻ لاءِ به ججهي انداز ۾ ملندا آهن ۽ اها روايت ڪافي پراڻي آهي، اگر زنده ماڻهوءَ سان محفل

۾ ويهندي ٻين جي سامهون سندس تعريف سرعام ڪرڻ ۾ ڪو به حرج نه ٿو سمجهيو وڃي ۽ نه ئي ان کي ڪو برو عمل سمجهي ٿو ته پوءِ ساڳي روايت کي قلمبند ڪرڻ ۾ ڪهڙي برائي آهي.

دنيا ڇڏي وڃڻ وارن ماڻهن جي حالات کي قلمبند ڪرڻ ۾ به ڪي ڳالهيون اڻ پوريون رهجي ويندیون آهن يا انهن ۾ وڌاءُ ٿي ويندو آهي. ان ماڻهوءَ جي زندگيءَ جا ڪي اهم پهلو به پسِ پرده رهجي ويندا آهن ۽ ڪجهه ڳالهين جي تصديق ڪرڻ ناممڪن ڪم بڻجي ويندو آهي، جنهن ڪري اهل قلم صرف پنهنجي گمان موجب تخمينا وينو لڳائيندو آهي. جيئن اگر ڪنهن قلم ڌڻيءَ جي ڪلام جي تشريح ڪجي ته ان ڪلام جي تشريح مالڪ کان وڌيڪ صحيح ۽ حقيقي تشريح ٻيو ڪو به نه ٿو ڪري سگهي. اهڙي طرح هر انسان پنهنجي حالات ۽ پنهنجي ڪلام جو سڀ کان وڏو شارح هوندو آهي. ڀلي ڪوئي ڪانئس علم، عقل ۽ ڏاهپ ۾ ڪئي ڳُڻا وڌيڪ هجي پر مالڪ جي دل جي حالت، ان ڪلام جو پس منظر، ان ڪلام جي اصل تشريح پاڻ ئي ڪري سگهي ٿو. ٻيو صرف پنهنجو علم ۽ عقل استعمال ڪري تخمينو ئي لڳائي سگهندو آهي، بلا تميز ان جي ته هو ان ڪلام جي اصل حقيقت تائين پهچي وڃي يا مالڪ کان وڌيڪ بهتر تشريح ڇو نه ڪري پر اصل ۽ حقيقي شارح مالڪ پاڻ ئي هوندو آهي. منهنجي زندگيءَ ۾ به مون سان هڪ اهڙو واقعو پيش آيو جنهن منهنجي هن ڳالهه جي تصديق 100 سيڪڙو سچ ثابت ڪري

ڏيکاري. مون جڏهن پنهنجو ڪتاب لکيو ”مَهان ماڻهو ميهڙ جا“ تہ ان ڪتاب جي حوالي سان ڪجھ شاعري بہ لکي تہ ان ڪتاب ۾ شامل ڪندس. منهنجي ان غزل جو موضوع منهنجا اباڻا مطلب منهنجي ميهڙ تعلقي جا هي مَهان ماڻهو هئا. انهن بابت پنهنجي دل جا جذبات ۽ تاثراتي احوال غزل جي روپ ۾ لکيم. شاعري جي صنف کان ڪو گهڻو واقف نہ آهيان ۽ نہ ئي وري ان ۾ منهنجو ڪو استاد آهي. بس سُنا لفظ منتخب ڪري جملي جي بيهڪ کي مدنظر رکي ڪَنن کي فرحت بخشيندڙ ڪلام جي صورت ۾ ئي پيش ڪندو آهيان. جنهن ڪري ان ڪلام جي اصلاح لاءِ ميهڙ جي هڪ مشهور ۽ معروف شاعر کي عرض ڪيم. ان کي پنهنجو غزل پيش ڪيم جنهن جو ڪافيو هئو ”اباڻن کي تہ ساريان ٿي“ تہ هن صرف ڪجھ لفظن کي تبديل ڪيو ۽ ڪجھ لفظن جي جاءِ تي هم معنىٰ لفظ سيٽ ڪيا. جڏهن ان غزل کي اصلاح ٿيڻ کان بعد پڙهيم تہ ان جو پس منظر بلڪل تبديل ٿي ويو. گويا اهو غزل ڪربلا جي منظر تي لکيل پاتم. ان شاعر کي عرض ڪيم تہ سائين هي مون کي هاڻي ڪربلا جي پس منظر ۾ لکيل غزل لڳي ٿو. چيائين تہ بلڪل صحيح ٿا چئو، بلڪل ڪربلا جو ئي پس منظر آهي. مون کي ڏاڍي حيرت لڳي تہ هن ڪلام کي مون ميهڙ جي مَهان ماڻهن جي باري ۾ پنهنجي سِڪ ۽ محبت جو اظهار ڪرڻ جي نيت سان ۽ ان ئي پس منظر ۾ لکيو هو، هينئر تہ هن غزل جو مطلب

بلڪل بہ ساڳيو نہ رهيو. ان ڪري پنهنجي انهيءَ غزل کي ساڳي حالت ۾ رهڻ ڏنم. بلڪل اهڙي طرح اهل ممات جي ڪنهن بہ قول، فعل يا ڪلام جي تشريح بيو صرف تخميني ۽ اندازي سان لڳائي سگهي ٿو، پوءِ پلي هو ان قول، فعل ۽ ڪلام جي رُوح تائين بلڪل صحيح پهچي بہ وڃي پر پوءِ بہ گويا ان ۾ شڪ جي گنجائش ضرور رهجي ويندي آهي. ان ڪري اهل ممات جي مقابلي ۾ زنده ماڻهو جي تقريبًا سموري حالات جي ڄاڻ هوندي آهي يا ان جي باري ۾ يقيني معلومات حاصل ڪرڻ بلڪل آسان هوندي آهي ۽ ڪجھ ڳالهين جي تصديق ڪانئس پاڻ کان ڪري سگهجي ٿي.

مولانا حبيب الله ڏيرو جي زندگي بہ اسان جي سامهون آهي. اسان سندس ڪافي حالات کان واقف آهيون. ٿي سگهي ٿو سندس ڪجھ ڳالهين کي پس پرده ئي رهڻ ڏنو هجي يا ان جي باري ۾ معلومات نہ ملي هجي تہ بہ سندس ظاهر ۽ باطن کي ڪنهن حد تائين وائڪو ڪري سندس زندگيءَ کي قلمبند ڪري ڪيس زندگيءَ ۾ ئي خراج تحسين پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. اڄ ڪلھ ڪنهن اديب يا سماجي ماڻهوءَ کي سندس زندگيءَ ۾ اهو ملڻُ ۽ مرتبو نہ ڏنو ويندو آهي پر مرڻ کان فورًا بعد ڪو ڪيس ڪيش ڪرڻ لاءِ ميدان عمل ۾ لهي پوندو آهي. سو انهيءَ روايت کي نامناسب سمجهان ٿو. منهنجي پنهنجي ذاتي راءِ آهي تہ جيڪو سَملڻُ جنهن جو حق آهي سو ڪيس زندگيءَ ۾ ئي ڏنو

وجي باقي مرڻ کان پوءِ قبرن جي مجاوري ڪرڻ محبت جي علامت هرگز نہ ٿو سمجهان. انهيءَ ڪري پنهنجي سوچ کي ڪنهن حد تائين شروع ڪري چڪو آهيان ۽ جيسيتائين ممڪن ٿي سگهيو ان تي عمل ڪندو رهندس. موت پڄاڻان بہ ڪنهن جي مري وڃڻ جو حامي هرگز ناهيان، بس مخالف آهيان تہ ڪنهن جي موت کي ڪيش ڪرڻ جو. موت کان بعد مجتا ڏيڻ تڏهن سونهين ٿو جڏهن زندگيءَ ۾ بہ ڪيس ڪجهہ مجتا ڏني وڃي. هي منهنجي ذاتي سوچ ۽ ذاتي خيال آهي، ٻين جو خيال مَٽَ بہ ٿي سگهي ٿو يا منهنجو خيال ٻئي کي ناپسند بہ ٿي سگهي ٿو. بس زندگيءَ ۾ ڪجهہ ملڻُ سَملڻُ ڏيڻ جي نيت سان هن ڪتاب کي لکيو اٿم.

اعجاز علي سوڍر
پي ايچ ڊي اسڪالر ميهڙ
Aijazsodhar58@gmail.com
03013349366
03463087790

مقدمو

هن ڌرتيءَ جي گولي تي جيڪي اٺ هزار (8000) خشڪي ۽ ٻارهن هزار (12000) آبي مخلوقات رهي ٿي انهيءَ (20000) مخلوقات منجهان حضرت انسان کي سڀني کان وڌيڪ محترم ۽ مڪرم مخلوق جو اعزاز بخشي اشرف المخلوقات جو تاج پارايو ويو. ڌرتيءَ تي موجود ڪل مخلوقات منجهان انسان ئي واحد متمدن ۽ تهذيب يافتہ مخلوق آهي. حضرت انسان کي ايترو ملڻُ ۽ مرتبو سندس علم جي ڪري عطا ڪيو ويو. انسان ۽ جنات دنيا جي گولي تي صرف بہ ئي اهڙيون مخلوقون آهن جن کان الله رب العزت حساب ڪتاب وٺندو. هنن کان ئي سندس عملن جي پُڇا ڪري ان مطابق سندن شقي يا سعيد ٿيڻ جو اعلان ڪري سزا يا جزا جو فيصلو ڪيو ويندو. بعد ۾ ڪين هميشہ جي لاءِ اعزاز و اڪرام جي جاءِ يا سزا جي جاءِ تي پهچائي ابدي زندگي عطا ڪئي ويندي. پوءِ هميشہ لاءِ يا تہ انعام واري زندگيءَ جو مزو ماڻيندا يا هميشہ جي عذاب ۾ پيا رهندا. باقي ٻي ڪُل مخلوق کي حساب ڪتاب ڪري مليا ميٽ ڪيو ويندو. انسانن ۽ جنات کي جنهن اعليٰ مقصد لاءِ خلقيو ويو اهو مقصد خالق ڪائنات پاڻ ئي پنهنجي ڪلام ۾ ٻڌائي ڪين آگاهہ ڪري ڇڏيو. الله رب العزت قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو تہ:

”وَ مَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ “.[1]

ترجمو: مون جنن ۽ انسانن کي صرف پنهنجي عبادت لاءِ ئي خلقيو آهي.

انساني تخليق جو اصل مقصد ته الله رب العزت جي عبادت ئي آهي، ان سان گڏ انسان کي پنهنجي زندگي صحيح نموني سان گهارڻ لاءِ ڪجهه قائدن ۽ قانونن جو پابند بڻايو ويو. انسان ۽ سندس خالق جي وچ ۾ ايلچيءَ جي ڪم لاءِ انهيءَ قانون کي لاڳو ڪرڻ ۽ انسانن کي انهيءَ قانون سمجهائڻ لاءِ انبياءِ ڪرامن عليهم السلام جو هڪ مقدس سلسلو شروع ڪيو ويو. انهيءَ مقدس سلسلي جي ڪڙيءَ جي شروعات ابوالبشر حضرت آدم عليه السلام کان ٿي ته جيئن انسانيت پنهنجي ابتدا کان ئي پنهنجي خالق جو قانون ڄاڻي ۽ سندس چاهت وارو رستو اختيار ڪري دنياوي زندگي گهاري. ابوالبشر ۽ سندس اولاد جو ازلي دشمن ابليس به مهلت وٺي انسانيت کي خالق کان متنفر ڪرڻ جي سعي کي جنبي ويو. سندس اها دشمني انسانيت جي ابتدا کان وٺي رهندي دنيا تائين جاري رهندي. ابليس پنهنجي ڪوشش ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب به ٿي چڪو آهي، بس سندس چنگل کان اهو بچي سگهيو جنهن پنهنجي خالق سان ناتو جوڙي سندس پناهه ورتي. هڪ طرف شيطاني لشڪر انسانيت کي تباهي جي

1. سورت الذاريات 51، آيت 56

طرف سڏڻ لڳو ته ٻئي پاسي الله رب العزت جي برگزيده ٻندن جو ٽولو انسانيت کي ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جي طرف سڏيندو رهيو. هنن برگزيده ٻندن جي ٽولن جا سردار هر دور ۾ انبياءِ ڪرام ٿيندا آيا. هن مقدس لڙهي جو اختتام امام الانبياءِ خاتم النبيين امام المرسلين رحمت للعالمين حضرت محمَّد مصطفىٰ احمد مجتبىٰ ﷺ جن تي فرمائي.

صرف انبياءِ ڪرامن جي آمد جو اهو مڪرم سلسلو ختم ڪيو ويو باقي دنيا کي اجان ڪجهه وقت برقرار رکڻو هو ان ڪري نبوت جي مقدس پيغام کي ايندڙ انسانن تائين رسائڻ لاءِ عالمن سڳورن کي نبين جي علم جو وارث بڻايو ويو. العلماء ورثة الانبياءِ. جي فرمان تحت هر اهل علم عالم سڳورو نبوت جي علمي ميراث جو قانوني طور تي برابر جو حصيدار آهي ۽ نبوت جي مقدس پيغام کي ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ هنن جي ئي ذمي آهي. اهو ڪين اعلىٰ قسم جو فرض ڏئي ڪين باقي انسانن کان مرتبي ۾ ملڻ پريو رکيو ويو. خاتم النبيين کان بعد نبوت واري ساري ڪار عالمن سڳورن جي ڪلهي تي آهي. هن آخري نبي ﷺ جي آخري اُمت جي برگزيده ٻندن پنهنجي فرض کي خوب نڀايو، پنهنجون ساريون ڪاوشون هن فرض ۾ صرف ڪيون. پنهنجي جان مال جا نذرانه پيش ڪيا. پنهنجون زندگيون هن مقدس ڪم لاءِ وقف ڪري ڇڏيون. نبوت جو سلسلو ختم ٿي چڪو آهي مگر انسانيت جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ برگزيده ٻندن جو

اچڻ ختم نہ ٿيو آهي. رهندي دنيا تائين اهڙا بزرگ ايندا رهندا جيڪي ڀٽڪيل انسانيت کي پنهنجي خالق طرف سڌي سِڌي راهہ تي آڻڻ جي جستجو ڪندا رهندا. اسلام جو الهامي پيغام دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچي چڪو آهي. هي الهامي پيغام دنيا جي سموري انساني آباديءَ تائين پهچائڻ جو سهرو هن امت جي انهن مبلغن، مقررن ۽ عالمن سڳورن جي سر آهي جن پنهنجو جيون اسلام جي مڪرم پيغام کي پهچائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيا. مسلمان امت جي آبادي وارن علائقن ۾ عالم سڳورا پيدا ٿيندا رهيا آهن. هر هڪ علائقي پنهنجي وت ۽ وَس آهر دين متين جي خدمت ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا آهن. جنهن جي نصيب ۾ جيترو آيو انهن پنهنجو حصو ورتو آهي. اسان جي خداداد مملڪت اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي تقريبًا سيني شهرن توڙي ٻهراڙين پنهنجي حصي جو ڪم احسن طريقي سان ڪيو آهي. اسان جي سنڌ بہ علمي شهپارا پيدا ڪيا ۽ سنڌ امڙ اجان بہ بانجهہ نہ ٿي آهي، اڄ بہ سنڌ امڙ الهامي دين جا متوالا پيدا ڪري رهي آهي.

سنڌ جي ٻين علائقن جيان ميهڙ بہ علمي سپوت پيدا ڪرڻ ۾ نمايان رهي آهي. ميهڙ علمي اعتبار سان جوڌا جوان پيدا ڪرڻ ۾ ٻين علائقن کان ڪجهہ سرس رهي آهي. ميهڙ جي جن سپوتن نبوي علم جي خدمت ۾ اعلىٰ درجو حاصل ڪيو انهن شهسوارن ۾ ميهڙ جي ڏيرا خاندان جون خدمتون ناقابل

فراموش آهن. هن علمي خاندان استاد العلماءِ والصلحاءِ جو لقب حاصل ڪيو تہ ان سان گڏ شيخ العرب والعجم جو مقام بہ حاصل ڪيو. پاڪستان جي مسجدن ۾ امامت جا فرائض سرانجام ڏنا تہ ان سان گڏ نبوي مصلي تي بيهي رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ پورو پورو مهينو تراويحن ۾ قرآن مجيد ٻڌايو تہ وري حرمين شريفين جي امامن جا استاد پڻ رهيا. هن خاندان جو مورث اعلىٰ حضرت مولانا عبدالڪريم ڏيرو (ديروي) آهي. ان کان بعد هن خاندان جو ٻيو عظيم سپوت حضرت مولانا قاري محمد ڏيرو آهي. هن بزرگ سنڌ، هند، خراسان ۽ عرب جي وڏن وڏن قاري حضراتن کي علم تجويد جا سبق پڙهائي قرآن مجيد جي اهڙي تہ خدمت ڪئي جو جنهن جو فيض تقريبًا هنن ملڪن جي هر شهر توڙي ٻهراڙيءَ تائين پهتو ۽ سندس علمي فيض جو سرچشمو اجان بہ سندس شاگردن، شاگردن جي شاگردن ۽ شاگردن جي شاگردن جي شاگردن جي صورت ۾ جاري آهي. هن بزرگ جا شاگرد پنهنجي وقت جا عظيم قاري، اهل تصوف شيوخ، مهتمم، امام العصر، فقيہ، حافظ، شيوخ الحديث، شيوخ القرآن، شيوخ التفسير، آفيسر، محقق، مدبر، دانشور، سياستدان، سماجي ورڪر، مبلغ، مقرر، وڏا وڏا عالم ۽ وڏا وڏا مُدرس رهيا آهن تہ وري سنڌ جي وڏين گادين جا گادي نشين بہ سندس شاگرد رهيا آهن. هن علمي خاندان جا امت تي عظيم احسان رهيا آهن ۽ بلا مبالغہ هي گهراڻو هر طبقي جو استاد رهيو آهي. هن خاندان جي

علمي شخصيتن ۾ ماضي قريب ۾ مولانا قاري سعيد احمد به هڪ اعلىٰ پايي جو سبع عشر قاري ۽ مُدرس ٿي گذريو آهي. هن وقت به هن عظيم خاندان جا موجود فرد علمي خدمتن ۾ پنهنجون زندگيون وقف ڪري خدمت ۾ مصروف عمل آهن. هي امت جو غمخوار خاندان آهي، هن خاندان تي اسان کي ناز آهي ۽ هميشه رهندو. هن خاندان جي علمي فردن ۾ هڪ نالو مولانا حبيب الله ڏيرو المعروف حبيب حضوري جو به آهي. هن بزرگ جي علمي ادبي خدمتن جو ڪجهه تعارف هن ڪتاب ذريعي قارئين جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو.

مولانا حبيب الله ڏيرو جي زندگيءَ جو احوال

مولانا حبيب الله جا وڏا اصل ۾ ڪولاچي پرسان ڳوٺ رضا محمد ڏيرو تعلقو خيرپور ناٿن شاهه جا رهاڪو هئا. قحط سالي ۽ غربت جي ڪري اتان لڏو ڪٽي ڪاڇي جي ڳوٺ ڪنڀو ڏيرو ۾ رهڻ لڳا. اتي ڪافي عرصو رهيا. اتي هنن ڪجهه زمينون به خريد ڪيون جيڪي اڄ به حبيب الله ڏيرو جي وڏڙن جي نالن سان رڪارڊ تي موجود آهن. اتي هارپو ڪندي زندگي بسر ڪرڻ لڳا. اتي جون زمينون باراني هيون. اتي پوکي راهي بارش جي رحم و ڪرم تي ٿيندي هئي. اتي به ڏڪر ۽ قحط سالي ٿي جنهن ڪري مجبور ٿي اتان به لڏو ڪٽي ڪجهه وقت جي لاءِ ڳوٺ لاکو تڪيو ۾ رهيا. انهيءَ ڳوٺ ۾ ئي مولانا حبيب الله جو جنم ٿيو. بعد ۾ اتان آهستي آهستي ميهڙ ۾ هجرت ڪرڻ لڳا.

پيدائش

حبيب الله بن محمد عثمان بن عيسن (عيسىٰ) بن عثمان ڏيرو. ڪاڇي جي ڳوٺ لاکو تڪيو تعلقو وارهه ضلع لاڙڪاڻو (هاڻي تعلقو وارهه قمبر شهداد ڪوٽ ضلعي ۾ آهي) ۾ 8 ذوالحج

1378هجري مطابق 15 جون 1959ع بروز سومر جنم ورتو.[1] مولانا حبيب الله ڏيرو علمي خاندان جو فرد هو. سندس والد صاحب ديني علم سان سلهاڙيل، نيڪ سيرت ۽ اسلامي اصولن تي عمل پيرا رهڻ وارو بزرگ هو. سندس چاچو حضرت مولانا عبدالڪريم ڏيرو پنهنجي وقت جو مسلّم ولي الله، استاد العلماءِ والصلحاءِ، علمي اڪابرن جو استاد ۽ رهنما رهيو. پوري سنڌ اندر علم تجويد کي جهر جهنگ عام ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري پنهنجي لاءِ رهندي دنيا تائين صدقه جاري ڪرڻ وارو، حڪمت ۽ دانائي ۾ اعلىٰ رتبو ماڻڻ وارو، مسڪين ۽ ابوجهه ماڻهن جو في سبيل الله علاج ڪرڻ وارو ماهر حڪيم هو. هن بزرگ جي علمي استعداد ميهڙ جي ڏيرن جو ڳاٽ هميشه لاءِ اونچو ڪري رکيو. حاجي محمد عثمان جو ڀاءُ يعني حبيب الله جو چاچو مولانا قاري محمد پنهنجي وقت جو استاد القراءِ والعلماءِ والصلحاءِ ۽ شيخ العرب والعجم جو رتبو ماڻي عرب ۽ عجم جي وڏين وڏين علمي شخصيتن جو استاد رهيو. هن خاندان جي علمي شخصيتن مولانا قاري سعيد احمد، مولانا قاري احمد، مولانا قاري رشيد احمد، مولانا قاري محمد عيسىٰ قاري امان الله، مولانا قاري عبدالجليل ۽ قاري خليل احمد ڏيرو جا نالا ميهڙ جي علمي شخصيتن منجهه صف اول ۾ شامل ٿين ٿا.

---

1. سوڍر، اعجاز علي، مولانا، مَهان ماڻهو ميهڙ جا، ص 34، حيدرآباد، شاد پبليڪيشن 2021.

ديني خدمت ۽ علمي استعداد سان سلهاڙيل گهراڻي ۾ پيدا ٿيڻ ڪري مولانا حبيب الله جي پرورش خالص ديني ماحول ۾ ٿي. هن خاندان جو هر فرد بلا تميز ننڍو توڙي وڏو مرد توڙي عورت اسلامي احڪامات تي سختيءَ سان عمل پيرا رهڻ وارو هو. جنهن ڪري هر ٻار جيان مولانا حبيب الله پڻ ٻچپن کان ئي اسلامي احڪامات کان چڱيءَ ريت واقف ٿيو. هن خاندان ۾ نماز باجماعت، شرعي پردو، اسلامي تعليمات جي تبليغ ۽ عبادت ۾ انهماڪ جي پابندي هئڻ ڪري مولانا حبيب الله به ننڍي عمر کان ئي اسلامي احڪامات تي عمل ڪندي پرورش پائڻ لڳو. هن خاندان جو هر هڪ فرد بلا تفريق الله رب العزت جي عبادت ۽ علمي خدمت ۾ پاڻ مڃائي چڪو هو. هي خاندان اسلامي علوم جو استاد گهراڻو هو. هن خاندان جا ٻارڙا پنهنجن وڏڙن کي عبادت ڪندي ۽ اسلامي حڪم تي عمل پيرا رهندي پنهنجي اکين سان ڏسندا هئا ۽ گهر کان ٻاهر ۽ گهر جي اندر گذارڻ واري زندگيءَ ۾ دين متين جي هر حڪم جو خيال رکڻ سندن سامهون ٿيندو هو. ان ڪري انهن ڳالهين جو سنئو اثر هن خاندان جي هر ٻار تي پوندو هو، اهي ٻار بعد ۾ وڏا ٿي استاد العلماءِ بڻجندا رهيا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ان جو اثر اڄ هيتري وڏي عمر گذرڻ باوجود مولانا حبيب الله ڏيرو جي ڪردار ۽ عمل منجهان عيان نظر اچي ٿو.

تعليم

مولانا حبيب الله ڏيرو پنهنجي ابتدائي درسي تعليم مسلم پرائمري اسڪول ڳوٺ محبوب خان لاشاري منجهان حاصل ڪئي. انهيءَ اسڪول ۾ ان وقت جا قابل استاد محترم عبداللطيف سولنگي ڪندو واهه وارو ۽ محترم سائين جان محمد چانديو ڳوٺ گرڪڻ وارو مُدرس هئا. انهن وٽان درسي تعليم حاصل ڪندي ست درجا پڙهي مڪمل ڪيائين. انهيءَ سان گڏ ڳوٺ محبوب خان لاشاري ۾ ئي حضرت مولانا غلام حيدر چنو جي حلقہ درس ۾ شامل ٿي ابتدائي ديني تعليم پڻ حاصل ڪندو رهيو. انهيءَ ڪان بعد سندس والد حاجي محمد عثمان ڪيس 1973ع ۾ پنهنجي ياءُ مولانا قاري محمد صاحب جن جي مدرسي ۾ علم حاصل ڪرڻ لاءِ ويهاريو. ان وقت مولانا قاري محمد صاحب پاڪستان ۾ علمي خدمت ۾ نمايان مقام حاصل ڪري پنهنجي بهترين ۽ قابل جاءِ نشين تيار ڪري ديار يار ۾ دفن ٿيڻ جي شوق ۾ سعودي ۾ عرب جي نونهالن کي علم تجويد جي زيور سان آراستہ ڪرڻ لاءِ روانو ٿي چڪو هو. مولانا قاري محمد صاحب 1969ع ڌاري پاڪستان کي ڇڏي حجاز مقدس ۾ مستقل مقيم ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو.

جنهن وقت ۾ مولانا حبيب الله ڏيرو پنهنجي چاچي جي قائم ڪيل مدرسي ۾ حصول علم لاءِ داخل ٿيو ان وقت مولانا قاري محمد صاحب جا قابل شاگرد علمي خدمت ۾ مصروف هئا.

ان وقت مدرسي ۾ تدريسي مسند تي مولانا ابوبڪر رند، مولانا قاري سعيد احمد ڏيرو ۽ مولانا تاج محمد سڏايو جلوه افروز هئا. مولانا حبيب الله ڏيرو فارسي مولانا ابوبڪر رند صاحب وٽ پڙهڻ لڳو ۽ عربي جي تعليم پنهنجي سوٽ مولانا قاري سعيد احمد ۽ مولانا تاج محمد سڏايو صاحب ڪان حاصل ڪئي. اتي تعليم حاصل ڪرڻ دوران سندس والد محترم حاجي محمد عثمان ۽ مولانا تاج محمد سڏايو صاحب جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيا، جنهن ڪري مولانا حبيب الله پنهنجي ڀائرن لطف الله، عزيز الله، ثناءُ الله ۽ حزب الله ۽ ڀاڻجن مولانا محمد اسماعيل ۽ حافظ محمد ابراهيم ڏيرو کي ساڻ ڪري ميهڙ جي مشهور علمي شخصيت حضرت مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جن جي حلقہ درس ۾ مدرسہ عربيہ دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ داخل ٿيو. ان وقت مدرسہ عربيہ جامع مسجد جي مُدرس ۽ مهتمم جي مسند تي مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جن فائز هئا. مفتي صاحب جن جي هڪ سوچ اها هوندي هئي تہ علمي شمع جي پروانن کي علم سان پرپور ڪجي باقي عقيدي ۾ کين آزاد ڇڏجي تہ جيئن پاڻ علم ۽ عقل کي استعمال ڪري تحقيق ڪان بعد پنهنجي عقيدي تي ڪاربند رهن تہ جيئن منجهن عقيدي تي رهڻ ۾ پختگي پيدا ٿئي. اها ڳالهہ حاجي محمد عثمان صاحب کي ڏاڍي پسند آئي جنهن ڪري پنهنجن سيني پٽن ۽ ٻن ڏهٽن کي مفتي صاحب جي تدرس ۾ ويهاريو. مفتي صاحب مذهبي

رواداري ۽ اخوت جو اعليٰ مثال پيش ڪندي نه رڳو هنن علم جي عشاقن کي درس ۾ داخلا ڏني بلڪ سندن ڪاڌ، خوراڪ ۽ لَٽي ڪپڙي جو ذمو پڻ پاڻ کنيو. مولانا حبيب الله هن مدرسي ۾ مفتي صاحب سان جيڪي استاد ڪرام تدريس ۾ معاون هئا انهن وٽان به تعليم حاصل ڪئي. مولانا ڏتي بخش لغاري صاحب وٽ عربي ادب، منطق، صرف، نحو ۽ فلسفي جا ڪتاب پڙهيو. علم تفسير، حديث، فقه، اصول فقه ۽ علم فرائض جا ڪتاب مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جن وٽ پڙهيا. اتي ئي تعليم جي تڪميل ڪري 1980ع ۾ دستار فضيلت ٻڌائين. حصول علم ڪرڻ کان بعد اتي ئي پنهنجي استاد محترم جي نگرانيءَ ۾ تدريسي خدمت کي لڳي ويو. کيس ٻيا علوم حاصل ڪرڻ جو شوق طالب علمي واري دور کان وٺي هوندو هو. جنهن ڪري توريت، زبور ۽ انجيل جو مطالعو ڪرڻ لاءِ شڪارپور جي عيسائي اسڪول منجهان ٽپال ذريعي اهي آسماني ڪتاب گهرائي انهن جو مطالعو ڪيائين. انهيءَ ڪورس جي تڪميل تي 1979ع ۾ کيس تڪميل ڪورس جي سند پڻ ڏني وئي. ايتري ۾ سندس علمي پياس اجهامي نه سگهي جنهن ڪري ٻين علوم جي تحصيل لاءِ ٻين ادارن جو رخ ڪيائين.

حيدرآباد جي مشهور مدرسه "جامعه مفتاح العلوم" ۾ دوره حديث ٻيهر پڙهي ٻين ملڪي سطح جي بحر العلوم عالمن سڳورن ۽ جليل القدر اساتذه کان استفادو ڪرڻ جي نيت سان

1980ع ۾ داخلا ورتائين. اتي مولانا سيد جمال الدين شاهه صاحب وٽ صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم پڙهيائين، مولانا مفتي عبدالرؤف صاحب جيڪو ان مدرسي جو مهتمم به هو وٽ جامع سنن ترمذي، مولانا بحرالعلوم وٽ سنن ابي دائود. مولانا مفتي شمس الدين وٽ سنن نسائي ۽ طحاوي ۽ مولانا قاضي عبدالله وٽ ابن ماجه پڙهيو. دوره حديث جي تڪميل تي هڪ عاليشان جلسو ڪرايو ويو ۽ انهيءَ جلسي ۾ کيس به سَنَدَ عطا ڪئي وئي. 1980ع ۾ حيدرآباد بورڊ منجهان مولوي عربي، 1981ع ۾ مولوي عالم ۽ 1982ع ۾ مولوي فاضل جا امتحان پاس ڪري سرٽيفڪيٽ پڻ حاصل ڪيائين. انهن امتحانن جي تياري دوران مختلف ڪتابن جو مطالعو ڪري هر امتحان لاءِ الڳ الڳ نوٽ بوڪ به تيار ڪندو رهيو. امتحانن لاءِ انهن منجهان پاڻ به استفادو ڪيائين ۽ بعد ۾ اهي نوٽ بوڪ ٻين شاگردن به کانئس وٺي امتحانن جي تياري ڪئي. اهي نوٽ بوڪ اڄ به وٽس اڻ ڇپيل حالت ۾ موجود آهن. پاڻ ايتري ۾ به بس ڪين ڪيائين. درسي تعليم کي جاري رکڻ لاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺي 1983ع مئٽرڪ جو امتحان اورينٽل گروپ ۾ هاءِ اسڪول ميهڙ مان پاس ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه ۾ داخلا وٺي 1988ع ۾ انٽرميڊيئيٽ جو امتحان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺي 1990ع ۾ بي اَي جا

امتحان ڏنائين ۽ اتي ئي اسلامڪ ڪلچر ۾ ايم اَي جي ڊگري سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪري سندون حاصل ڪيائين.

درس نظامي جي تڪميل ڪرڻ کان پوءِ تنظيم المدارس اهل سنت لاهور جي سند حاصل ڪرڻ لاءِ "پير جو ڳوٺ" واري مدرسي منجهان فارم ڀري امتحانن جي تياري ۾ جنبي ويو. 1991ع ۾ پنهنجن ٻين دوستن سان گڏجي مدرسه عربيه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ طرفان حاضر ٿيو. اهو امتحان به سُٺن نمبرن ۾ پاس ڪري "الشهادة العالميه في العلوم العربيه والاسلاميه" جي سند حاصل ڪيائين. هيءَ سند هاير ايجوڪيشن ڪميشن طرفان ايم اَي عربيڪ ۽ ايم اَي اسلاميات جي برابر آهي. هي سند حاصل ڪرڻ مدرسه عربيه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ لاءِ به هڪ وڏو اعزاز بڻي. عادت موجب انهيءَ امتحان لاءِ به وڏن وڏن ڪتابن منجهان نوٽ تيار ڪري امتحانن جي تياري ڪيائين. سندس اهي نوٽ بعد ۾ ٻين شاگردن ڪي به اهي امتحان ڏيڻ ۾ تياريءَ لاءِ ڪم آيا.

خانداني ۽ استادن جي تربيت جو اثر

جيئن ته مٿي ذڪر ڪري چڪو آهيان ته مولانا حبيب الله ڏيرو "حبيب حضوري" جنهن خاندان جو فرد آهي ان خاندان علمي استعداد ۾ هڪ اهڙو مقام حاصل ڪيو جيڪو يقينًا ميهڙ جي ڪنهن به خاندان کي حاصل نه ٿي سگهيو آهي. هن خاندان

جو هر هڪ فرد بلاتفريق علمي هيرو ته رهيو پر پنهنجي ڪردار ذريعي ٻين دلين کي به موهي ٿي ورتو ۽ خالق جي چاهت وارو ڪردار اپنائڻ هن خاندان جي هر هڪ فرد جي خاص سڃاڻپ رهي. هن خاندان جيڪي علمي ناياب گوهر پيدا ڪيا انهن جون خدمتون ناقابل فراموش آهن. هي گهراڻو بلاشبه سنڌ، هند، خراسان ۽ عربستان جي ماڻهن جو استاد گهراڻو رهيو آهي. هن گهراڻي جو ذڪر خير ڪرڻ عبادت کان گهٽ نه ٿو ڀانئيان. هن خاندان ۾ ننڍن جي تربيت جو خاص خيال رکيو ويندو هو ۽ رکيو ويندو آهي.

هن خاندان جي هر هڪ ٻار کي سيپيءَ ۾ اسلامي اخلاق گهوٽي پيارا ويندا هئا. هن گهراڻي جي مرد حضراتن ته علمي سمنڊ ۾ غوطه هڻي موتي ميڙي ٻين ۾ ورهايا ته وري هن گهراڻي جي عورتن به علمي ۽ تربيتي ماحول ۾ پنهنجو پاڻ مڃايو آهي. هن گهراڻي جي ٻارن جي گهر کان ٻاهر جي تربيت مرد حضرات ڪندا رهيا ته گهر اندر عورتن اسلامي اخلاق جا سبق به خوب پڙهايا. مولانا حبيب الله ڏيرو به هن گهراڻي جو هڪ ٻار هو. سندس تربيت تي به اسلامي اخلاق ۽ ضابطه خوب اثر انداز ٿيا. هن خاندان مَردن ۾ علمي گُل ته خوب نڇاور ڪيا پر هن گهراڻي جون عورتون به پٺ تي نه رهيون. هن خاندان جي عورتن شڪارپور، ميهڙ ۽ انهن جي آسپاس جي عورتن کي علمي دولت سان خوب مالا مال ڪيو. هن عظيم ڪلرِخير مولانا

عبدالڪريم ڏيرو جي گهرواري، سندس نياڻي، مولانا قاري محمد صاحب جي گهرواري (مولانا قاري سعيد احمد جي سڳي امڙ)، مولانا قاري سعيد احمد جي گهر واري، مولانا حبيب الله جي امڙ ۽ هن وقت مولانا عبدالجليل ڏيرو جي گهرواري پنهنجون ڪاوشون صرف ڪري پنهنجون زندگيون وقف ڪري چڪيون.

مولانا حبيب الله ڏيرو جي امڙ جيجل صفوران ڏاڍي نيڪ سيرت ۽ صبر واري عورت هئي. حاجي محمد عثمان طبيعت ۾ ڪجهه تيز هوندو هو. امڙ جيجل پنهنجي اولاد کي پروانو ٿي پاليو. هر حال ۾ رب ڪريم جو شڪريو ادا ڪري ڏنل زندگيءَ تي راضي رهڻ واري عورت هئي. پنهنجي اولاد کي ديني علم سان سرشار ڪرڻ ۾ پنهنجي وَسان ڪين گهٽايائين. هن صابر عورت کي الله سندس صبر جو ڦل سندس اولاد کي صالح بنائڻ جي رُوپ ۾ عطا ڪيو.

جنهن گهراڻي جي مَردن ۽ عورتن ايترا وڏا علمي ڪارناما سرانجام ڏنا انهيءَ گهراڻي جي هن فرد مولانا حبيب الله ڏيرو کي به گهر ۽ گهر کان ٻاهر جو جيڪو ماحول مليو اهو خالص اسلامي هو. جنهن ڪري هو اسلامي اصولن ۽ قائدن جي ڇانوَ ۾ پليو. هن خاندان تمام وڏو علمي مقام حاصل ڪيو ته ان سان گڏ سخاوت ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ رهيو. حرام کان سختيءَ سان بچڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي. حرام کان تمام گهڻو پري ۽ ڊنل رهندا هئا. حلال جي رُکي سُکي کائڻ هنن جي اولين

ترجيح هوندي هئي. مولانا حبيب الله جو بچپن عالمن جي گود ۾ پلجندي گذريو، جنهن جي گهر جا سڀ فرد اسلام جا سچا جيالا ۽ علمي استعداد ۾ اعليٰ رهيا ۽ استاد به ولايت تي رسيل رهيا ان ماڻهوءَ جي تربيت جو اندازو انهيءَ ڳالهه منجهان ئي چڱيءَ ريت لڳائي سگهجي ٿو. تحصيل علم وارو دور به عالمن سڳورن جي نگراني ۾ گذريو ۽ تدريسي دور جو ڪافي عرصو به الله وارن جي نگراني ۾ گذريو. اهڙي ماحول جو اثر اڄ به سندس شخصيت کي ڏسي ۽ ملاقات ڪري ڏسي ۽ پرکي سگهجي ٿو. ساڻس ڪچهريءَ جي دوران سندس ڳالهين منجهان سندس علم جهلڪندو نظر ايندو آهي ته وري ظاهري صورت به بزگن ۽ عالمن واري هر ڪنهن کي ڪيس عزت ۽ احترام ڏيڻ تي مجبور ڪري وجهي ٿي.

علم جي سخا هن خاندان جي پرمپرا رهي آهي. راقم ان ڳالهه جو خود گواهه آهي ته جڏهن به پنهنجي تحقيق يا لکڻي ۾ ڪنهن به ڳالهه جو مونجهارو ٿيو ته مولانا حبيب حضوري سان ملاقات ڪري ان جو حل گهريو. هر بار ڏاڍي شفقت ۽ پاٻوهه سان رهنمائي ڪري پنهنجي خانداني روايت کي زنده رکڻ جو ثبوت پيش ڪيائين. هر مواد طرف رهنمائي ڪيائين، مواد تائين تڪليفون ڪاٽي به رسائي ڏيڻ جا جتن ڪندو رهيو. پنهنجن ڪتابن سان گڏ ٻين جا ڪتاب به حاصل ڪرڻ ۾ سندس ڪردار اهم رهيو. هن بزرگ ميهڙ جي تاريخ تي ڪافي حد تائين تحقيق

ڪري بنيادي ڄاڻ سهيڙي ڪتابي صورتن ۾ اسان جهڙن نوَن محققن لاءِ راهه هموار ڪئي آهي. سندس تصنيفي خدمتن تي ذڪر ڪندس تہ قارئين کي سندس تخليقي ۽ تصنيفي خدمتن جو چڱي نموني اندازو ٿي ويندو.

مولانا حبيب الله ڏيرو جون ديني ۽ علمي خدمتون

مولانا حبيب الله صاحب پنهنجي خانداني روايت کي برقرار رکندي پنهنجي پوري زندگي علم حاصل ڪرڻ، علم کي ٻين تائين رسائڻ، انساني خدمت ۽ ايندڙ نسلن تائين پنهنجي دور ۽ سابق دور جا حالات ۽ بزرگن جي خدمات کي محفوظ ڪري پهچائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي. سندس زندگيءَ جا مختلف پهلو رهيا آهن. سندس زندگيءَ جون ڪافي خدمتون ٻين جي لاءِ قابل تقليد رهيون آهن. پاڻ پنهنجي زندگيءَ کي الله رب العزت جي رضا حاصل ڪرڻ ۾ گذارڻ جي ڀرپور نموني ڪوشش ڪندو رهيو آهي. پاڻ پنهنجي تقرير، تحرير، تدريس ۽ تصنيف ذريعي امت مسلمہ کي اهو درس ڏيڻ چاهيندو رهيو تہ زندگيءَ جو اصل مقصد شريعت مطهره موجب زندگي گهاري پنهنجي خالق جي ٻُڌايل رستي تي عمل پيرا رهجي، انهيءَ ۾ ئي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي پوشيده آهي. پاڻ پنهنجي پوري زندگي شريعت جي مسئلن کي وائکو ڪري عوام کي ٻڌائڻ، اسلامي تعليمات کي ٻين تائين منتقل ڪرڻ ، ان جي تشريح ڪري آسان بنائڻ ۽

پنهنجي زندگيءَ کي ان جي سانچي ۾ ڍلڻ جي تبليغ ڪرڻ ۾ گذاريندو رهيو آهي.

تدريسي خدمتون

الله رب العزت حضرت انسان کي دنيا تي موڪلي ٻي يارو مددگار هرگز نہ ڇڏيو بلڪہ ان جي رهنمائي لاءِ نبوت جو جيڪو عظيم سلسلو شروع ڪيو ان جو مقصد بہ اهو ئي هئو تہ انسانيت کي پنهنجي خالق جو پيغام رسائجي. انهيءَ مقصد لاءِ سوا لک انبياء ڪرام مبعوث فرمايا. انهيءَ مالها جو آخري موتي حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جن کي بڻائي اهو ناياب هار پروئي مڪمل ڪيو. آقا ﷺ جن تي نبوت جو سلسلو اختتام پذير فرمائي ان سلسلي جو اختتام ڪيو. آقا ﷺ جن کان بعد نبوت جو پيغام رهندي دنيا جي انسانن تائين پهچائڻ جو ذمو هن امت جي عالمن سڳورن جي سپرد ڪيو ويو. عالمن سڳورن کي نبوت جو نائب بڻائي ڪين محترم ۽ مڪرم بڻايائين. هاڻي هن امت جي عالمن سڳورن جو اهو فرض بڻجي ويو آهي تہ انسانيت کي پنهنجي خالق جي تعليمات سان روشناس ڪن، انسانن کي پنهنجي خالق جي طرف حڪمت ۽ دانائيءَ سان سڏن، گمراهن کي حق ۽ سچ جو رستو ڏيکارن ۽ ظالمن کي ظلم ڪرڻ کان روڪين. هن امت جي عالمن سڳورن مٿان امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو بار رکي ٻين امتن جي عالمن کان مٿانهون رکيو

ويو. اڳين امتن جي عالمن کي ان ڪري ننديو ويو جو اهي حق جون ڳالهيون لڪائيندا هئا. پنهنجي نفس جي مرضي مطابق خالق جي قانون منجهه تحريف ڪرڻ کان بہ ڪين لنوائيندا هئا. وڏن ۽ امير ماڻهن لاءِ الهامي قانون ۾ تحريف ڪرڻ جهڙو ڪُڌو عمل ڪري وٺندا هئا ۽ غريب ۽ بيوس مٿان ان قانون کي اجان بہ وڌيڪ سخت ڪري ڇڏيندا هئا. غريب عوام مٿان وڏي سزا مڙهيندا هئا ۽ وڏن ماڻهن کي هلڪي سزا ڏئي انهن جي خوشنودي حاصل ڪندا هئا. الله رب العزت ان کي پنهنجي ڪلام ۾ هن طرح ٻڌايو آهي:

فَبِمَا نَقْضِهِمْ مِّيْثَاقَهُمْ لَعَنّٰهُمْ وَ جَعَلْنَا قُلُوْبَهُمْ قٰسِيَةً ۚ يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ عَنْ مَّوَاضِعِهٖ ۙ وَ نَسُوْا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ .[1]

ترجمو: پوءِ هنن عهد شڪني ڪئي جنهن ڪري اسان مٿن لعنت ڪئي ۽ سندن دلين کي سخت بڻائي ڇڏيوسين جو هو ڪلام کي پنهنجي جاءِ تي تبديل ڪري ڇڏيندا آهن ۽ جيڪا نصيحت انهن کي ڪئي وئي هئي ان جو وڏو حصو وساري ويٺا.

اهو ئي سبب آهي جو اهي قومون الله رب العزت جي غضب هيٺ اچي ويون. هن آخري امت کي دعوت ۽ تبليغ، نيڪي جو حڪم ڪرڻ ۽ برائي کان روڪڻ جي ڪري "خير امت" يعني ڀلي امت جو لقب عطا فرمايو.

1. سورت المائده5، آيت 13

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ تَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ؕ[1]

ترجمو: توهان بهترين امت آهيو جو ماڻهن لاءِ پيدا ڪئي وئي آهي تہ توهان سُٺين ڳالهين جو حڪم ڪندا ۽ بري ڳالهين کان روڪيندا آهيو ۽ الله تعالىٰ تي ايمان رکندا آهيو.

هيءَ دنيا دارالعمل آهي. آخرت جا انعامات يا آخرت جي سزا هن دنيا ۾ ڪيل عملن تي منحصر آهي. هتي جيڪو پوکبو اهو ئي لڻبو. مولانا حبيب حضوري هڪ باعمل ۽ اهل علم عالم ۽ شريعت تي عمل پيرا رهڻ وارو انسان آهي. شريعت جي تعليم حاصل ڪرڻ کان بعد مٿس اهو بار پئجي ويو تہ هو الهامي احڪامات ٻين تائين پهچائي. ڪجهه علماءِ ڪرام مدارس ۾ ويهي تعليم جي تبليغ ۽ اشاعت ڪن ٿا، ڪجهه پنهنجي تقريرن ذريعي الهامي پيغام ٻين تائين رسائن ٿا، ڪجهه پنهنجي تصنيفن ذريعي اهو فرض پورو ڪن ٿا ۽ ڪجهه اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏين ٿا. مولانا حبيب حضوري بہ اسڪولن ۾ درسي تعليم سان گڏ پنهنجو فرض نڀائڻ جي ڪافي سعي پڻ ڪندو رهيو تہ ان سان گڏ تقرير ۽ تحرير ذريعي پنهنجو پيغام ٻين تائين پهچائيندو رهيو آهي.

1. سورت آل عمران 3، آيت 110

مولانا حبيب حضوري 1980 ع کان 1983ع تائين پنهنجي استاد محترم مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جي نگرانيءَ ۾ اسلامي تعليمات جي خدمت ۾ پيش پيش رهيو. ان عرصي ۾ پاڻ دل جي سچي لگن سان پنهنجن شاگردن کي شريعت جي لازمي علمن جي تعليم ڏيندو رهيو. هن مدرسي ۾ پنهنجي استاد کان رهنمائي وٺي عربي ادب جا ڪتاب، منطق ۽ فلسفو پڙهائيندو رهيو. ان سان گڏ فقه ۽ اصول فقه به پڙهائيندو رهيو ته وري اصول تفسير، عربي گرامر (صرف ۽ نحو) حديث، اصول حديث ۽ عقائد جا ڪتاب پڙهائي پنهنجو فرض ڪنهن حد تائين پورو ڪرڻ جي سعي ڪندو رهيو. اها ڳالهه مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب پنهنجي ڪتاب " ميهڙ جون ديني درسگاهون“ ۾ هن ريت لکي آهي: " 1398ھ ۾ قاضي ڏٽي بخش لغاري وفات ڪري ويا ته عربي جو مُدرس مولانا حافظ محمد طاهر سولنگي کي مقرر ڪيو ويو، پر سندس دل درس سان ڪانه لڳي. تنهن ڪري ان جي جاءِ تي مولوي حبيب الله ديروي کي رکيو ويو، جيڪو اخدم جو شاگرد ۽ دستاربند عالم آهي، ان جي معاونت لاءِ مولوي نثار احمد مگسي اخدم جو پائٽيو ۽ مولانا عبدالحليم چنا مولانا مفتي عبدالباقي ڪرمپور وارن جي پائٽي جيڪي هتي علم ڪڍڻ لاءِ آيا هئا مقرر ٿيا. مولوي حبيب الله

ديروي، مولانا نثار احمد مگسي ۽ حافظ غلام مصطفيٰ شاهه پوءِ امتحان ڏئي عربڪ ٽيچر ٿيا.“[1] هتي اهڙي انهماڪ سان پڙهائڻ لڳو جو سندس استاد محترم کي مٿس ناز ٿيڻ لڳو ۽ مفتي صاحب دنيا جي دلدل ۾ ڦاسجي پَوڻ جي خدشي تحت پنهنجن شاگردن کي اسڪولن ۾ تعليم ڏيڻ کان منع ڪندو رهيو. حالانڪ مدرسن منجهه ته صرف اهي ٻار داخلا وٺي الهامي علم پڙهندا آهن جن جا والدين ڪجهه دين سان محبت ڪندڙ ۽ شريعت تي عمل ڪرڻ وارا هوندا آهن. باقي جيڪي ٻار اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهندا آهن انهن کي به شريعت جي علمن کان واقف ڪرڻ لاءِ قابل استاد گهرجن جيڪي پاڻ شريعت جا عالم ۽ عامل هجن. انهن اسڪولي ٻارڙن کي به دين جي تعليم ڏيڻ لاءِ سرڪار طرفان استاد مقرر ٿيل هوندا آهن. هاڻي هڪ عالم سڳوري ۽ اسڪولي تعليم حاصل ڪرڻ واري استاد جي علم ۽ عمل ۾ فرق سيڪو پاڻ سمجهي سگهي ٿو. هر ٻار تي سندس استاد جي علم ۽ عمل جو اثر ضرور ٿيندو آهي. سو انهيءَ ڪري اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين اندر به عالمن سڳورن جي خدمتن جي اشد ضرورت ۽ وقت جي تقاضا آهي. انهيءَ تقاضي جي پوري ڪرڻ لاءِ مولانا حبيب حضوري پنهنجن ڪجهه دوستن سان گڏجي عصري علوم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي

1. مگسي، ڪريم بخش، مفتي، مولانا، ميهڙ جون ديني درسگاهون، ص 88، ڪراچي، عربيه پبليڪيشن 2015.

استاد محترم کان چوري داخلا وٺي انهن جو نصاب پڙهندو امتحان ڏيندو ۽ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪندو رهيو.

1983ع ۾ سرڪار طرفان هاءِ اسڪول سَنَ ۾ عربي معلم طور ڀرتي ٿيو. سندس انهيءَ عمل تي سندس استاد محترم ڪانئس ڪجھ وقت سخت نالان رهيو. حضوري صاحب ڪي استاد جي عظمت ۽ سندس ناراضگي سبب ٿيڻ واري دنياوي ۽ اخروي نقصان جو بخوبي اندازو هو جنهن ڪري استاد محترم ڪي خط لکي معافي وٺندو رهيو ۽ استاد محترم جي ويجهن شاگردن ۽ سندس دوستن ذريعي ڪيس راضي ڪري معافي به گھرندو رهيو. بالآخر استاد محترم به وقت جي تقاضا ڪي سمجهندي ڪيس معاف ڪيو. مولانا حبيب حضوري جڏهن اسڪولن ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو ته ميهڙ اچڻ وقت اڪثر وقت مفتي ڪريم بخش صاحب جي صحبت ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ پڙهائڻ لاءِ پنهنجي استاد جي رهنمائي به وٺندو رهيو. پاڻ ڏاڍي ايمانداري ۽ شوق سان پنهنجن شاگردن ڪي سرڪار طرفان ڏنل نصاب سان گڏ شريعت جا موٽا موٽا ضروري مسئلا پڻ سيکاريندو رهيو. پاڻ سن، آمري، مانجهد، بوبڪ، بوٿرو، فريدآباد، سنڌي ٻٽڙا ۽ ميهڙ جي هاءِ اسڪولن ۾ شاگردن ڪي اسلامي تعليمات سان خوب سنواريندو رهيو. ميهڙ جي هاءِ اسڪول وَن ۾ مقرري کان پوءِ ميهڙ جي اعواڻ ڳوٺ جي جامع مسجد ۾ خطابت ۽ جمعي نماز جي امامت جا فرائض به بخوبي سرانجام ڏيڻ لڳو. پاڻ پنهنجي

تدريسي دور ۾ شاگردن جي تعليمي سرگرمين ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺي غير نصابي سرگرمين ۾ به روح روان رهڻ لڳو. شاگردن ۾ تقرير ڪرڻ جي اهليت پيدا ڪرڻ لاءِ تقريري مقابلا، تصنيفي ميدان ۾ قابل بنائڻ لاءِ مضمون نگاري جا مقابلا ڪرائي شاگردن ۾ انهيءَ ميدان جو شوق جاڳائيندو رهيو. مولانا حضوري جتي به مُدرس رهيو اتي پنهنجي ايمانداريءَ سان تدريسي خدمت ڪرڻ جي ڪري معزز ۽ محترم رهيو ته وري غيرنصابي سرگرمين جي محفلن جو روح روان ۽ هر دلعزيز پڻ رهيو. ڪيس ان ڳالهه جو بخوبي اندازو آهي ته صرف درسي ڪتاب پڙهڻ ئي تعليم جو معراج ناهي بلڪه انهيءَ سلسلي ۾ تقرير ۽ تحرير به هڪ لازمي عنصر آهي. سندس پوري تدريسي دور ۾ هزارين شاگرد ٿيا جن جو صحيح تعداد ڪيس به معلوم نه آهي. پاڻ پنهنجي محنت سان شاگردن ڪي پنهنجو روحاني اولاد سمجهي تعليمي ميدان ۾ سُٺي استعداد پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهيو ته تقرير ۽ تصنيف جي ميدان جا شهسوار پيدا ڪرڻ جو خواهشان پڻ رهيو.

مولانا حبيب الله ڏيرو مفتي ڪريم بخش صاحب جي انهن شاگردن منجهان هڪ آهي جن تي مفتي صاحب ڪي ناز هوندو هو. هن علمي عشاق شخصيت پنهنجي علمي پياس اجهائڻ دوران ئي 1980ع کان 1983ع تائين پنهنجي استاد محترم مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جي نگرانيءَ ۾ عربي علوم جو مُدرس مقرر ٿيو. انهيءَ عرصي دوران عربي ادب، منطق،

فلسفو، فقه، اصول فقه ۽ عقائد جا ڪتاب موقوف عليه تائين پڙهائيندو رهيو. ان وقت ساڻس مولانا عبدالحليم چنو سيوهڻ وارو ۽ مولانا نثار احمد مگسي سوڀو مگسي وارو به مُدرس هئا.

عربي معلم طور مقرر ٿيڻ

مولانا حبيب الله ڏيرو 20 سيپٽمبر 1983ع ۾ تعليم کاتي ۾ عربي معلم مقرر ٿيو. سندس پهرين پوسٽنگ هاءِ اسڪول سَنَ ۾ ٿي. سن ۾ تدريس دوران سنڌ جي رهبر ۽ سنڌي قوم جي جيالي محترم جي ايم سيد سان ملاقاتون ڪندو رهيو. انهن ملاقاتن جو اثر مٿس اهو ٿيو جو پاڻ به سندس فڪر، فلسفي ۽ نظريي جو حامي ٿي ويو. ان دوران پاڻ قومپرستيءَ ڏانهن مائل ٿيو. انهيءَ اثر هيٺ سيد صاحب جي زندگيءَ ۾ ۽ زندگيءَ کان بعد به سندس هر سالگره ۽ ورسي جي موقعي تي سَنَ ۾ ضرور پهچندو آهي. سَنَ ۾ نوڪري ڪرڻ کان پوءِ آمري، مانجهد، بوبڪ، بوٿرو، فريدآباد، سنڌي ٻٽڙا ۽ آخر ۾ هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ۾ تدريسي خدمت تي مامور رهيو. پاڻ 9 اسڪيل مان ترقي ڪندو 19 اسڪيل ۾ پهتو. پاڻ 14 جون 2019ع ۾ هاءِ اسڪول مان 19 اسڪيل ۾ رٽائرڊ ٿيو.

تصنيفي خدمتون

مولانا حبيب حضوري تقريري ميدان جي اهميت سان گڏ تحريري ميدان ۾ خدمتون ڪرڻ جي اهميت کان بخوبي واقف هو جنهن ڪري پاڻ انهيءَ ميدان ۾ به هڪ شهسوار جي حيثيت سان داخل ٿيو ۽ اجان به انهيءَ جوش وخروش سان انهيءَ محنت ۾ مگن آهي. پاڻ ڪيترين ئي اخبارن ۾ مختلف مضمون ۽ آرٽيڪل لکندو رهيو آهي. ان سان گڏ پاڻ ڪيئي ڪتابن جو مصنف آهي. جن منجهان جيڪي ڇپيل آهن انهن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو. باقي وٽس اجان به ڪيترن ئي ڪتابن جو مواد قلمي صورت ۾ ۽ تمام گهڻو احوال سندس سيني ۾ سانديل آهي. اها دعا آهي ته پاڻ پنهنجي علمي ۽ ادبي فيض سان اسان جهڙن تي اجان پيو احسان ڪندو.

1. موهيا ڪنهن نه مال

هي ڪتاب مولانا حبيب الله حبيب حضوري جو مرتب ٿيل آهي. هن ڪتاب جو موضوع ميهڙ جي هند سنڌ ۾ مشهور و معروف بي باڪ سياسي ۽ سماجي شخصيت حضرت سيد علي اڪبر شاهه[رح] جي سوانح، علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي خدمتون آهي. هي ڪتاب 2000ع ۾ سيد علي اڪبر شاهه يادگار ڪاميٽي ميهڙ پاران ڇپرايو ويو ۽ علامه آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ جي سهڪار سان ڇپرايو ويو. هي ڪتاب 325 صفحن تي مشتمل

آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ سنڌ جي مشهور اديب ۽ ليکڪ سيد علي مير شاهه صاحب جو لکيل آهي. سيد علي مير شاهه صاحب ٻه سيد علي اڪبر شاهه جي خدمتن کان ڪافي واقف هو جنهن ڪري پنهنجي مختصر مهاڳ اندر سيد صاحب جي خدمتن تي ڪافي روشني وڌي اٿائين. هي مهاڳ ٻه سيد علي اڪبر شاهه صاحب جي باري ۾ اهم معلومات فراهم ڪري ٿو ۽ پڙهڻ وٽان آهي. هن ڪتاب جو انتساب حضوري صاحب پنهنجي استاد محترم مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جن کي ارپيو آهي. انهيءَ کان پوءِ مرتب پنهنجي پاران لکيو آهي. جنهن ۾ هن سيد صاحب جي جوڙايل مدرسي ۾ پڙهڻ دوران ڪجهه يادون ونڊيون آهن ۽ " الحاج مرحوم سيد علي اڪبر شاهه يادگار ڪاميٽي ميهڙ" جي بنياد وجهڻ واري روداد لکي اٿائين. ان کان بعد ڪتاب مرتب ڪرڻ جي وجهه بيان ڪئي اٿائين. پنهنجي پاران کان بعد مرحوم محمد امين مگسي صاحب طرفان لکيل اظهار تشڪر ڇپيل آهي. هن ڪتاب ۾ " شجره نسب، خانداني پس منظر، ولادت ۽ ٻالڪ پڻو، حليو مبارڪ ۽ پوشاڪ، تعليم وتربيت، استاد عظام مولانا عبدالڪريم ديروي، مولانا الاهي بخش ايري، روحاني سلسلو، زهد ۽ پرهيزگاري، سادگي ۽ تواضع، توڪل علي الله، علمي خدمتون، دعوت نامي جو ڪارڊ، اشتهار جو متن، سنڌ يونيورسٽيءَ جو ليٽر، ادبي خدمتون، حوالا، ديباچه مولانا مثنوي روم، مخدوم نوح سرور، شمس الدين بلبل،

اسان جو سنڌ ديس، مولانا غلام محمد گرامي جي گواهي، پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني، سائين علي اڪبر شاهه جن جي شاعري، سياسي خدمتون، حقيقت جو انڪشاف مخدوم امير احمد، ڊائري جو هڪ ورق،اسيمبلي جون تقريرون، سماجي خدمتون،شهنشاهه خطابت، تقرير بندگي، پيغام محرم، واعظ جي هڪ مجلس، حاتم دوران سفر حجاز، خاندان جا افراد، اوسار منصور ويراڳي، وصال، اجان ڪي آهن ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي، حضرت علامه مفتي ڪريم بخش مگسي، سانگين لڌي سار (خط و ڪتابت)، سائين جي ايم سيد جو تاثر ۽ سندس ڏانهن خط، علامه عمر بن محمد دائود پوٽو، عزيز الله شيخ، حسن علي آفندي، ذوالفقار علي ڀٽو ڏانهن، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، مرحوم پير الاهي بخش، سر غلام حسين هدايت الله، سيد ميران محمد شاهه، عبدالستار پيرزادو، پروفيسر غلام حسين جلباڻي، مولانا عبدالواحد سنڌي، شير محمد راهوجو، عبدالله مهيسر، محمد علي جوهر، حضرت سائين پير منظور حسين، مولوي رحمت الله ميمڻ، خانبهادر قادر بخش خان جتوئي، پير نظام الدين پاتائي، مخدوم غلام حيدر هالائي ڏانهن خط، مخدوم امين فهيم ڏانهن، منصور ويراڳي، حاجي محمد حسين شاهاڻي، حاجي محمد حسين شاهاڻي ڏانهن، سيد ولي محمد شاهه سيوهاڻي، حڪيم محمد حسن صديقي سيوهاڻي، حاجي عبدالحميد خان جتوئي، رئيس ضياءُ الدين بلبل، سيد جميل واسطي، پير غلام

حسين سرهندي، مولانا تاج محمد آريجو، امام بخش محمد بخش، سيد فضل شاهه حسيني، مولانا حبيب الله ميمڻ، منظر عالم، يارمحمد ٿانوري، سيد ڪاظم علي شاهه، مراد ڪاظمي، مولانا محمد سليمان نوناري واعظ الاسلام، عبدالجليل عبدالجبار، مڙيا مٿي مچ ڊاڪٽر عبدالرسول غازي، آخوند عبدالرسول لاڪير، وڪيل محمد سچل رند، عبدالرسول ڪوسو، رئيس خدا بخش خادم، مبان عبدالرحمان سومرو، حصه النظم (شاعرن جي منظوم پيٽا)، مولانا غلام محمد گرامي، مولانا نصيرالدين چنو، درمحمد قريشي، اردو شاعري، محمد نجار، مولانا شمس الدين شمسي، عبدالحق متعلم، حاجي غلام نبي مهيسر، حاجي ميرل جويو، ملنگ حيدري، محبوب ڏيپر، حبيب ڏيرو، گلزار حسين، وفا پٽي، سيد علي اڪبر شاهه اهلِ قلم ۽ اهلِ دانش جي نظر ۾، علامه غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب، ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو، خانصاحب عبدالحميد خان جتوئي، نياز همايوني، علا احمد بروهي، علامه سيد وصي مظهر ندوي، م_ن محزون، مخدوم غلام محمد، پروفيسر سيد قوي احمد، ڊاڪٽر محمد نواز بلوچ، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، مولانا محمد حسن قلندراني، حاجي محمد حسن شاهاڻي ۽ يوسف جا خريدار“ جا عنوان ڏئي سيد علي اڪبر شاهه جي سوانح، خدمات، اهل علم ماڻهن جا تاثرات ۽ ساڻن سيد صاحب جا تعلقات بيان ڪري سيد صاحب جي زندگيءَ جي باري ۾ مختصر پر جامع معلومات سهيڙي اٿائين. آخر ۾ 17 ناياب

تصويرن سان ڪتاب کي سجائڻ لاءِ بہ مولانا حضوري جس لهڻو. هي ڪتاب پڪي جلد ۾ آهي جنهن جي قيمت 150 روپيا مقرر ٿيل آهي. بيڪ ٽائيٽل ميهڙ جي مشهور علمي شخصيت مرحوم محمد امين مگسي صاحب جو لکيل آهي. هي ڪتاب مولانا حبيب حضوري جي محنت جو زنده ثبوت ۽ علمي پنڌار جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهي. هن ڪتاب جي ذريعي مولانا صاحب ميهڙ جي سڀ کان وڏي سياسي قداور شخصيت جنهن جي سياسي ۽ سماجي اونچائي کي ڏسي ٽوپي مٿي تان ڪِري پَوي ٿي جي خدمتن ۽ زندگيءَ جو احاطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين. ميهڙ جي هن بي بها هيري جي خدمات کي سهيڙي ڪتابي شڪل ۾ هڪ اهڙو تہ تحفو ڏنو اٿائين جو اسان جا نسل بہ سندس شڪرگذار رهندا. هي ڪتاب مولانا حضوري صاحب جي خلوص ۽ پنهنجي جنم ڀوميءَ سان بيحد پيار جو اعلىٰ مثال آهي. مولانا صاحب هي ڪتاب سنڌي ادب کي ارپي سنڌي ادب ۾ هڪ سونهري اضافو تہ ضرور ڪيو آهي پر ان سان گڏ اسان ميهڙ وارن جي آن، مان ۽ شان ۾ اضافو ڪري اسان کي وڏو احسان ڪيو اٿائين. اسان ميهڙ وارن کي سيد صاحب جي خدمتن تي صدين تائين فخر رهندو ۽ هميشہ ڳاٽ اونچو ڪري هن شخصيت جي خدمتن کي بيان ڪنداسين. اگر مولانا صاحب سيد صاحب جي خدمتن ۽ زندگيءَ کي قلمبند نہ ڪري ها تہ هوند سيد صاحب ۽ سندس خدمتون اسان کان وسري وڃن ها. هي ڪتاب ميهڙ

وارن جي انمول پراپرٽي آهي، سندن ڳاٽ اونچو ڪرڻ جو ثبوت آهي. هن ڪتاب کي شايع ٿيندي 20 سال گذري چڪا آهن ۽ هي ڪتاب ناياب ٿي چڪو آهي. هن ڪتاب کي وري ڇاپڻ جي اشد ضرورت آهي. مان هن ڪتاب ذريعي اهل علم ۽ وس وارن کي درخواست ڪيان ٿو تہ هن ڪتاب کي ٻيهر ڇپرائي عام ڪيو وڃي تہ جيئن اسان جو وڃايل ورثو اسان جي ايندڙ نسلن تائين پهچي وڃي.

2. سوينئر 2015 هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ضلع دادو

مولانا حبيب الله حبيب حضوري جي هيءَ تصنيف بہ قابل تحسين آهي. مولانا صاحب 2015ع ۾ هاءِ اسڪول وَن ميهڙ جو هڪ دستاويزي رڪارڊ پبلش ڪرايو. هن رڪارڊ ۾ مولانا صاحب ميهڙ جي تاريخ، ميهڙ جي علمي ادبي شخصيتن جي سوانح ۽ خدمات، هاءِ اسڪول جون يادون ۽ تاريخ کي تصويري البم ۽ قلم جي نوڪ تي آڻي اهڙو تہ علمي شاهڪار ڏنو آهي جو نہ چاهيندي بہ دل منجهان آفرين صد آفرين جي صدا بلند ٿي پَوي ٿي تہ ان سان گڏ سندس احسان مڃڻ کان بہ دل رهي نہ ٿي سگهي. مولانا صاحب جو هي شهڪار ميهڙ وارن تي تمام وڏو علمي احسان آهي. لوهارن کي کهڙو قدر سَون جو جيڪي سارو ڏينهن وينا لوهہ ڪُٽن، جوهري کي ئي هيري جي سڃاڻپ هوندي آهي. اسان ميهڙ وارن کي جيڪا علمي ڪاٺ هن بزرگ ڪتابي صورت ۾

عطا ڪئي آهي انهيءَ مڃتا خاطر مون هيءَ ٿورڙي محنت ڪري سندس شڪريو ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مولانا حبيب الله هن سوينئر ذريعي ميهڙ جي پراڻي تاريخ ڪوٺي اسان ناچيزن جي سامهون رکڻ جو احسان ڪيو آهي. هي سوينئر 2015ع ۾ ساحل پرنٽرز حيدرآباد ڇپائي پڌرو ڪيو. هن سوينئر جي ارپنا هاءِ اسڪول وَن ميهڙ جي باني سنڌي صحافت ۽ ادب جي بي تاج بادشاهہ سڀ کان پهريان بہ قومي نظريو پيش ڪرڻ واري محسن سنڌ بلبل هند علمي افق جي بدر منير ملڪ الشعراءِ محترم جناب شمس الدين بلبل صاحب کي ڪئي آهي. ان کان بعد واري صفحي تي اسڪول جو لوگو ۽ ٻئي صفحي تي جناب شمس الدين بلبل صاحب جي وڏي تصوير ڏني اٿائين. ان کان پوءِ فهرست ڏني اٿائين. هن سوينئر جي شروعات حمد باري تعاليٰ ۽ نعت شريف جيڪي ميهڙ جي بزرگ عالم ۽ بحرالعلوم شخصيت مولانا غلام حسين چانڊيو (ڪارو) سيدپوري جا لکيل آهن ڏئي پوءِ پنهنجي پاران ۾ هن سوينئر جي پبلش ڪرائڻ جي وضاحت ڪئي اٿائين. هن سوينئر ۾ " هاءِ اسڪول وَن ميهڙ تاريخ ۽ تحقيق (حبيب حضوري)، ميهڙ تاريخي ۽ تحقيقي مضون (حبيب حضوري)، تعلقي ميهڙ جا عالم سڳورا جن اسان جي ديني رهنمائي ڪئي، ميهڙ تعلقي جا مرحوم شاعر شال الله پاڪ جي رحمت ۾ هجن، ميهڙ شهر جا زندهہ شاعر الله ڪين سلامت رکي آمين، ميهڙ تعلقي جا اديب، ميهڙ تعلقي جا

صحافي، ميهڙ تعلقي جا پي ايڇ ڊي ڊاڪٽر، ميهڙ تعلقي جا فنڪار، ميهڙ تعلقي جا تحفا، ميهڙ تعلقي جا ملھ پهلوان، ميهڙ تعلقي جون ذاتيون، ميهڙ تعلقي ۾ هندن جون ذاتيون، ميهڙ تعلقي جا سرڪل، ميهڙ تعلقي جا تپا، ميهڙ تعلقي جون ديهون، ميهڙ تعلقي جون يونين ڪائونسلون، ميهڙ تعلقي جون پوکون، ميهڙ تعلقي جي زمين کي سيراب ڪندڙ وڏا واهه، ميهڙ تعلقي جون حدون، ميهڙ شهر کي پر رونق بڻائيندڙ خارجي رستا، ميهڙ تعلقي جا سياستدان، ميهڙ تعلقي جون ڍنڍيون، ميهڙ تعلقي جون نيون، ميهڙ تعلقي جا ميوا، مها ٻوڏ 2010ع ۽ ميهڙ، فوٽو البم 1957ع، رئيس شمس الدين بلبل: سيد علي اڪبر شاهه، سنڌ جي هڪ عظيم شخصيت حاجي علي اڪبر شاهه مرحوم: انور ضياءُ عباسي، مرزا قليچ بيگ ۽ ميهڙ: آزاد انور ڪانڌڙو، هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ڪتبن جي روشنيءَ ۾، ميهڙ (نظم) : جوهر بروهي، گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ جي هيڊ ماستر صاحبان جا نالا، 1993ع: J.A هاءِ اسڪول ميهڙ جي بلڊنگ ۾ چندو ڏيندڙن جا نالا، 1933ع جي بلڊنگ جي ڊزائين ڪندڙ، گورنمينٽ هاءِ اسڪول وَن ميهڙ جا سدا بهار شاگرد ميٽرڪ ۾ 1933ع، ڪرڪيٽ ۾ بهترين 1933ع، ٽينس ۾ بهترين 1933ع، فٽبال ۾ بهترين 1933، والي بال ۾ بهترين 1933ع، استادن جي حاضري جو رجسٽر 1987ع، سيرت النبي ﷺ (نبي ﷺ جو خُلق عظيم) : اعجاز علي هالو، قرآن مجيد ۽ حديث شريف جي روشني ۾ علم جي اهميت : ذوالفقار

علي ڪوسو، ٻارن جي ديني ۽ اخلاقي تربيت ننڍپڻ کان ٿيڻ گهرجي : مولانا محمد زڪريا، هڪ تقرير (شاهه لطيف پورهيتن جو شاعر) : شڪيل احمد مهيسر، هڪ تقرير (فڪر لطيف) : مهتاب سومرو، بمبئي يونيورسٽي جو سرٽيفڪيٽ، سنڌ يونيورسٽي جو سرٽيفڪيٽ، روءِ زمين تي سڀ کان پهريون مدرسه (اسڪول)، اسلام ۾ ٻارن جا حق : عبدالواحد سمون، معاشرتي تعلقات سيرت نبوي جي روشني ۾ : منور علي راهمون، اڄ جو ٻار ڇو استاد کي آئيڊيل نٿو سمجهي؟ : لياقت علي ڏيپر، استادن جي حاضري جو رجسٽر 1990ع، پيچ چريا مست تا اچن : آخوند عبدالقادر لاکير، لطيف جي پيغام ۾ عدم تشدد ۽ عفو (بيت)، چرچائي پکي : پرمانند ميوا رام، چرٻٽ ۽ قلفي : امر جليل، منهنجي خواهش : روشن علي ٻگهيو، استادن جي حاضري جو رجسٽر 1995_1996ع، هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ منهنجون پنج بهارون : زين العابدين سومرو، منهنجون آخري يادون : غلام رسول بلوچ، علم دولت کان بهتر آهي : سعيد علي زرداري، يادون : احمد شاڪر گائنچو، علم جو اجالو هاءِ اسڪول ميهڙ (نظم) حبيب حضوري، ميهڙ هاءِ اسڪول جو مايهٔ ناز شاگرد ايم ايڇ پنهور : محمد امين مگسي، نامور تعليمي ماهر سيد علي اصغر شاهه : حبيب حضوري، ميهڙ هاءِ اسڪول جو هڪ مايهٔ ناز استاد م.ن محزون : محمد امين مگسي، هڪ استاد، هڪ ادارو سائين سعد الله سومرو : حبيب حضوري، صوفي چنيسر خان

جهتيال : مولوي عبدالله لاشاري، ميهڙ تعلقي جو هڪ سُنو عالم مولانا عبدالمالڪ خاصخيلي : احمد شبير خاصخيلي، منهنجو محسن استاد سائين محمد ابراهيم جتوئي : علي گوهر سيال، سائين محمد صديق خميساڻي : نصرالله خميساڻي، سائين خدا بخش مهيسر هڪ داناءُ استاد : حبيب حضوري، هڪ زنده دل انسان سائين نورالدين سومرو : محمد حسن سومرو، سائين نثار احمد پٽو (حال حيات) ستون : حبيب حضوري، گسٽا ضلعي دادو جو صدر رفيق احمد جتوئي : حبيب حضوري، ميهڙ تصويرن جي آئيني ۾، هر سبجيڪٽ تي دسترس رکندڙ سائين علي انور چنه : حبيب حضوري، هڪ ڪاهوڙي ڪردار سائين ارشاد علي سولنگي ستون : حبيب حضوري، منهنجا استاد منهنجا رهبر : عابد حسين مهيسر، 2015ع جي مسترول مطابق استادن جا نالا ۽ سندن عهدا، خدمتگار اسٽاف، هندو پنچائت جو مُکي دادا تولا رام ڳالهه ٻولهه : حبيب حضوري، چا ته اسڪول هو، چا ته استاد هئا : نذير احمد چانديو، مطالعي جا اصول، گسٽا يونٽ هاءِ اسڪول وَن ميهڙ جا عهديدار 2015ع، گسٽا تعلقي ميهڙ جا عهديدار 2015ع، گسٽا ضلعي دادو جا عهديدار 2015ع، هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ۾ داخل شاگردن جو تعداد، هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ۾ مقرر اسٽاف جون پوسٽون، ناليوارو هيڊ ماستر سائين شمس الدين ٻٽ : ستون : حبيب حضوري، سدا بهار شخصيت سيد عبدالرحيم شاهه : ستون : حبيب حضوري، خودي ۽ خود اعتمادي وارو ٽيچر سائين اختر

سهول : ستون : حبيب حضوري، هاءِ اسڪول ميهڙ لاءِ دعا، پروفائيل سائين عبدالرؤوف لاڪير، پروفائيل ذوالفقار علي ڪوسو، هاءِ اسڪول ميهڙ جا مثالي استاد : سڪندر علي منگي، هاءِ اسڪول وَن ميهڙ جو ذهين استاد اختر علي مگسي ستون : حبيب حضوري ۽ وزيٽر بوڪ" جا عنوان قائم ڪري جيڪا ميهڙ ۽ هاءِ اسڪول جي تاريخ سهيڙي ورتي اٿائين اهڙي تاريخ شايد ڪنهن سهيڙي هوندي. هي ڪتاب رجسٽر سائيز جي 160 صفحن تي مشتمل تاريخي دستاويز آهي. هن قيمتي ۽ ناياب مجموعي جي قيمت 500 روپيا رکي وئي آهي.

3. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون

هي ڪتاب مولانا حبيب الله حضوري پنهنجي خاندان جي علمي شخصيتن تي لکيو آهي. هي ڪتاب به سندس علمي ۽ ادبي مقام جو گواهه آهي. راقم جو تعلق خود ميهڙ سان آهي ۽ منهنجي ايم فل جي ٿيسز مولانا حبيب حضوري صاحب جي چاچي مولانا قاري محمد ڏيرو صاحب تي بعنوان: (حضرت مولانا قاري محمد ڏيرو جون ديني ۽ علمي خدمتون ۽ معاشري تي ان جا اثر) لکيل آهي. هن ٿيسز لکڻ لاءِ شڪارپور، گهوٽڪي، روهڙي، ڪنديارو، مٺياري، شهدادپور، نوشهروفيروز، درٻيلو ۽ ميهڙ تعلقي جي اڪثر اهل علم وٽان معلومات سهيڙي گڏ ڪيم.

ميهڙ جي ڏيرا خاندان جي علمي اونچائي ۽ استاد گهراڻي هئڻ ۽ سندن ڪردار جا تعريفي ڪلمات پڙهي رشڪ ٿيندو هو. اهو اعتراف ڪيان ٿو تہ منهنجي تحقيق موجب مولانا حبيب حضوري پنهنجي هن ڪتاب ۾ جيڪو پنهنجي خاندان جي باري ۾ لکيو آهي اهو تمام گهٽ لکيو آهي، هي خاندان اجان بہ وڏي مرتبي تي رسيل آهي. مولانا حبيب الله هي ڪتاب ميهڙ جي اهم علمي شخصيتن ڪي سهيڙي ميهڙ وارن تي تہ احسان ڪيو آهي پر ان سان گڏ سنڌي ادب ۾ هڪ سونهري باب جو اضافو پڻ ڪيو اٿائين. هي ڪتاب جي صورت ۾ دراصل ميهڙ جي تاريخ جو هڪ سونهري دور قلمبند ٿيل آهي. سندس هي ڪتاب ميهڙ جي علمي گهراڻي جي علمي فردن جن ۾ "حضرت مولانا عبدالڪريم ڏيرو (ديروي)، حضرت مولانا قاري محمد ڏيرو، حضرت مولانا قاري سعيد احمد، حضرت مولانا قاري احمد ڏيرو، قاري رشيد احمد، مولانا قاري حافظ محمد عيسىٰ ڏيرو ۽ مولانا حبيب الله ڏيرو (ڪتاب جو مصنف پاڻ)" جي سوانح ۽ خدمات ڪي قلمبند ڪيو اٿائين. هي ڪتاب علمي شهڪار چئي سگهجي ٿو. هن ڪتاب جي ارپنا پنهنجي امڙ جيجل کي ڪئي اٿائين. هي ڪتاب علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ طرفان ساحل پرنٽرز ايند پبلشر حيدرآباد مان 2015ع ۾ ڇپرايو ويو. هي ڪتاب 208 صفحن تي مشتمل پڪي جلد ۾ ڇپيل آهي. هن ڪتاب جي شروع ۾ فهرست کان بہ اڳ ۾ استاد العلماءِ والصلحاءِ شيخ العرب

والعجم علم تجويد ڪي سنڌ، هند، ايران، خراسان ۽ عربستان جي جهر جهنگ عام ڪرڻ واري بزرگ هستي حضرت مولانا قاري محمد ڏيرو نورالله مرقده جي هڪ صاف تصوير پوري صفحي تي ڏئي ڪتاب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا اٿئين. ان کان بعد هن علمي خاندان جي اهم شخصيتن جا فوٽو ڏئي وري جامع مسجد اڪبري ميهڙ، جامع مسجد گاهي مهيسر، جامع مسجد محمدي ميهڙ ۽ مدرسه عربيه دارالقرآن والحديث ميهڙ جون تصويرون لڳائي ڪتاب جي سونهن ۾ وڌيڪ اضافو پڻ ڪيو اٿائين. اصل ۾ هي سڀ تصويرون بہ ميهڙ جي تاريخ جون يادگار آهن ڇو تہ هنن مسجدن جي بعد ۾ نئين سر اڏاوت ٿيڻ ڪري پراڻي عمارتن کي تبديل ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ ميهڙ جي مشهور علمي ادبي شخصيت مولانا عبدالقيوم المعروف جوهر بروهي لکيو آهي. مولانا جوهر بروهي مولانا قاري محمد ڏيرو وٽ 8 سال پڙهيو آهي. پنهنجي استاد گهراڻي جي باري ۾ پنهنجون ڪجهہ يادون ۽ هن گهراڻي جي باري ۾ پنهنجا تاثرات ۽ جاڻ لکي اٿائين. ان کان بعد ليکڪ پنهنجي پاران لکيو آهي. ان ۾ پاڻ پنهنجي هن ڪتاب لکڻ جو مقصد بيان ڪيو اٿائين. هن ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل بوائز هاءِ اسڪول ڪوٽڙي جي استاد سڪندر علي ڪوسو لکيو آهي.

4. جيجل جهولي

مولانا حبيب حضوري جو هي ڪتابچو 2016ع ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ طرفان باک ڦٽي پبليڪيشن ميهڙ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب 39 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جا موضوع ” لقمان حڪيم جون پٽ کي نصيحتون، سيرت پاڪ جا سونهري ورق، لولي (استاد بخاري)، سنڌ بابت ڄاڻ، محنت جو ڦل، غريبن جا ٻار جيڪي دنيا جا وڏا ماڻهو ٿيا، تندرستي هزار نعمت آهي، هميشہ ياد رکڻ جون ڳالهيون، جهڙي آيس تهڙي موٽيس، ٻاراڻيون ڳجهارتون، سياڻو ڪانئُ، ڇا اوهان ڄاڻو ٿا؟ بادشاهہ ۽ مسخري جي ڳالهہ، جانورن جي عمر، نہ وڄائجي، پکين جي عمر، غريب جو ٻار ۽ عيد (حبيب حضوري)، ڪجهہ ٻاراڻيون رانديون، سنڌ جا وڏا شهر، سنڌ جا هيرا، رکو علم ادب سان ياري (حبيب حضوري)، عقلمند شخص، قرآن پاڪ جي باري ۾ اهم معلومات“ آهن. هن ڪتاب تي ميهڙ جي اديب ۽ محقق محترم پاويل جوڻيجو طرفان حبيب حضوري بابت ٻہ اکر لکيل آهن، هن ڪتاب جي ارپنا فرمانبردار شاگردن کي ڪئي اٿائين ۽ هن ڪتاب بابت مرتب پاران نوٽ پڻ لکيو اٿائين. هن ڪتابچي جي بيڪ ٽائيٽل تي ليکڪ جو تعارف ڇپيل آهي. سندس هي ٻاراڻي ادب لاءِ هڪ بهترين ڪاوش چئي سگهجي ٿي.

5. سَندا چولين چوهَہ

مولانا حبيب الله حبيب حضوري پنهنجو پاڻ کي شاعريءَ جي صنف تي بہ آزمائيندو رهيو آهي. سندس شاعري جو مجموعو ”سَندا چولين چوهَہ “ بہ علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ طرفان ساحل پرنٽرز ايند پبلشر حيدرآباد مان فيبروري 2017ع ۾ ڇپجي چڪو آهي. پاڻ هن ڪتاب جي ارپنا مزاحمتي شاعري کي ڪئي اٿائين. سندس هن ڪتاب ۾ پنهنجي پاران ڪان بعد ميهڙ جي بهترين ۽ پختہ شاعر اسحاق راهي جي گهراڻي جي بهترين ڪردار واري فرد محترم امتياز عادل سومرو جو مهاڳ لکيل آهي. ان کان پوءِ يوسف سنڌي جا ٻہ اکر : محبت جا، ۽ گوهر گل ڳورڙ جا ٻہ اکر ” سنڌ ۽ سنڌ واسين جي دردن جا ڪيڏارا لکندڙ شاعر“ جي نالي سان لکيل آهن، ان کان بعد ۾ محترم عاجز سرگاڻي صاحب جي حبيب حضوري کي منظوم پيٽا لکيل آهي. مولانا حبيب حضوري جي هن ڪتاب ۾ حمد باري تعاليٰ، نعت رسول مقبول، ٻہ سٽا، ٽي سٽا، چوسٽا، پنج سٽا، ڇهہ سٽا، پيٽا، نظم، غزل ۽ گيت شامل آهن. هي ڪتاب 236 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي قيمت 500 روپيا مقرر ڪئي وئي آهي. مولانا حبيب الله جي شاعري ۾ قومي جذبو، حب الوطني، سماج جي برائي خلاف اندر جي پڙڪندڙ باهہ ۽ عوام لاءِ اتساهہ واضع نظر اچي ٿو. سندس شاعري پڙهي سماج جي اندر موجود برائين جو پتو پئجي وڃي ٿو، قومي جذبو جاڳي اٿي، پنهنجي وطن ۽

جنم ڀُوميءَ سان محبت ڀڙڪا کائي اٿي ٿي ۽ اصلاح لاءِ دل اياري چڏي ٿي. سندس شاعري جو نمونو پيش آهي:

اجان پيي چوين ٿو مان توسان رهان
هتي ناهي محفوظ منهنجو نسل
معاشي انهن جو ٿئي پيو قتل
امن پيار محبت به نيلام ٿيو
منهنجو خون ناحق سرعام ٿيو
جنازن تي وينو سدائين روئان
اجان پيي چوين ٿو مان توسان رهان

وسيلا سيئي سنڌ جا تون کٽي وئين
اسان جي مفادن تي ڌاڙو هٽي وئين
صدين کان غلامي جا تحفا ڏئي وئين
کهڙا داغ ڌوئي وري کهڙا ڌوئان
اجان پيي چوين ٿو مان توسان رهان

پنهنجي وطن ۾ مان ناشاد آهيان
ڌاريا خوش خرم ۽ مان ناشاد آهيان
آخر مان به سنڌڙي جو اولاد آهيان
اهي سور سختيون مان ڪيسين سهان

اجان پيي چوين ٿو مان توسان رهان

ميارون پٽائي جون مون کي ملن
اياز ۽ بخاري به مون تي کلن
مزارن اسان جن تي جوتا ٽنگن
۽ لعنتن جا وسڪارا ٿين
انهيءَ کان اڳي ئي مري مان وڃان
اجان پيي چوين ٿو مان توسان رهان

مفاد پرست مڪار اهو ٿئي
ڌرتيءَ جو غدار اهو ٿئي

سنڌ کپائي وري آيو ٿئي
نڪ کپائي وري آيو ٿئي
پڙون جو پوتار اهو ٿئي
ڌرتيءَ جو غدار اهو ٿئي

دودو تجانءِ هوشو تجانءِ
هن غدار کي ووٽ نه ڏجانءِ
آمريڪا جو يار اهو ٿئي
ڌرتيءَ جو غدار اهو ٿئي

ووٽ ڏي ناهي ڏيان اسان جو
آزادي اعلان اسان جو
قول پڪو اقرار اهو ٿئي
ڌرتيءَ جو غدار اهو ٿئي

ڌاڙا چوريون ڦرون ڪرائڻ
ڏينهن ڏني جو اغوا ڪرائڻ
ڪندو ڪاروبار اهو ٿئي
ڌرتيءَ جو غدار اهو ٿئي

سنڌ جو دشمن گهر جو دشمن
قوم جو دشمن تر جو دشمن
ڌارين جو ڪمدار اهو ٿئي
ڌرتيءَ جو غدار اهو ٿئي

خدا ڪري ڪا هن جي پوري
حق چوي ٿو حبيب حضوري
لعنت جو حقدار اهو ٿئي
ڌرتيءَ جو غدار اهو ٿئي

دين وارن رهبرن مان دينداري وئي هلي
قرب وارن مان مٺا اڄ قربداري وئي هلي
ٿي بجيٽ ڪان ئي وڃي اڳ، چوٽ تي هر شيءِ چڙهي
ملڪ جي واپارين مان اڄ ايمانداري وئي هلي

رهو ڳڏجي سڀئي انسان، اهو آ امر قدرت جو
ٿو ماڻهو مان ڄمي ماڻهو، اهو قانون فطرت جو
پڄايو پوت نفرت جو، ڪڍو دل مان ڪدورت کي
ميڙيو سڀ محبتي ماڻهو ٻڌو ڳوٺ محبت جو

ڌرتي منهنجي ڏي اک نہ کڻ نولا
ملندئي ڪين سولا پٽر هن پونءِ جا

ڌرتي منهنجي ڏي تون نہ ڏس ٺڳ
لاهي وجهندئي پڳ دودا هن ديس جا

اڄ تہ پرچئون پاڻ ۾ ڪري ڪو ٽول
پيار ۽ پريت جو ٻهڳڻ ڪري ٻول
محبت جي مال جو پري ڏي ڪو جهول
اچي ويهہ ڪول تہ درد وڃن دفع ٿي

ستون ٿاهي سڪ جون آيا اديب دانشور
لکن ظلم ستم تي ٿيا جيڪي قوم سان قهر
امن، انسان، محبت اٿن اڪريل اهي اکر
نڪا دل دنيا سان، رڳو پرين جي پچر
هوڪو ڏين حق جو شام هجي يا سحر
"حضوري" تن کي لوڏو نہ لهر محشر جي ميدان ۾.

قرب ويو ماڻهن مان تي محبت مات
الفت جي انسان مان ڏور هلي وئي ذات
ڪانهي ڪنهن وٽ بات الفت جي اکر جي

پرين تنهنجي پسڻ سان ٿيون اميدون پوريون
ختم ٿي ويون ملڻ سان درد ۽ دوريون
منهنجون سموريون پرور ڪٽي پوريون ڪيون

جاويد عباسي، ممتاز لاشاري ۽ احمد بخش کوسو سندس شاعري ڳائي چُڪا آهن.

6. اسڪولي شاگردن لاءِ تقريرون

جيئن تہ مولانا حضوري صاحب اسڪول ۾ تدريس دوران غير نصابي سرگرمين جو روح روان ۽ شاگردن جو رهنما رهيو آهي. شاگردن کي مضمون نگاري سيکارڻ، تقريرون لکي ڏيڻ ۽ تقرير ڪرڻ جا گُر سيکارڻ ۾ پاڻ پيش پيش رهيو آهي. انهيءَ محنت جي هڪ ڪڙي سندس هي ڪتاب بہ آهي. هن ڪتاب جو موضوع مختلف موضوعن تي اسڪولي شاگردن لاءِ تقريرون آهن. هي ڪتاب بہ علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ طرفان ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشر حيدرآباد مان آگسٽ 2018ع ۾ ڇپرايو ويو. هي ڪتابچو 72 صفحن تي مشتمل آهن، هن ڪتاب ۾ ٽوٽل 7 تقريرون آهن جيڪي عيد ميلاد النبي ﷺ، معراج النبي، لطيف شناسي، علم جي اهميت، يوم آزادي 14 آگسٽ، علامہ اقبال جو ڏهاڙو، الوداعي تقرير ڪلاس ڏهون ۽ تقرير ڪلاس نائون جو موضوع تي لکيل آهن. دراصل مولانا حضوري صاحب اسڪول جي شاگردن کي تقرير لکڻ ۽ تقرير ڪرڻ لاءِ هي بطور نمونو (Sample) هي ڪتاب ڏئي ڪين همٿايو آهي تہ توهان هن طرز سان بيون ڪيتريون ئي تقريرون لکي ۽ پڙهي سگهو ٿا. هن ڪتاب لکڻ جو مقصد پاڻ پنهنجي پاران ۾ لکي ڇڏيو اٿائين تہ جيئن شاگردن جو تقرير ڪرڻ جو جذبو جاڳندو رهي ۽ هو هي ڪتاب آسانيءَ سان خريد ڪري پنهنجي جذبن جو اظهار ڪري سگهن. هن ڪتاب جي فرنٽ تي ان وقت نائون ڪلاس پڙهندڙ شاگرد

سعيد احمد سوڍر جي تقرير دوران ورتل تصوير ڏنل آهي. بيڪ ٽائيٽل اظهر آدرش لکيو آهي. هن ڪتاب جي قيمت هڪ سؤ روپيا مقرر ڪئي وئي آهي.

7. قرآن مجيد ۽ شاهه لطيف

هن ڪتاب ۾ حبيب حضوري صاحب شاهه عبداللطيف جي بيتن جي تشريح قرآن مجيد جي آيتن جي ترجمي ۽ تشريح سان ڀيٽي آهي. گويا شاهه صاحب جي دعويٰ ”جي تو بيت ڀانئيا سي آيتون آهين“ کي سچو ڪري ڏيکارڻ لاءِ هڪ علمي وِڪ وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو ڪلام اسان سنڌين وٽ قرآن مجيد جيترو مقدس مڃيو ويو آهي. اسان جي اڪابرن جو قرآن مجيد، حديث، فقه، تفسير مطلب ته الهامي علمن سان جيترو شغف ۽ چاهه هوندو هو اوترو ئي شاهه جي رسالي ۽ ڪلام سان هوندو هو. شاهه صاحب جي شارحن ۾ جيڪي اسان جي ميهڙ جو بلند پايه شخصيتون شامل آهن تن ۾ مولانا عبدالڪريم ديروي ۽ حاجي رسول بخش ڏيرو صف اول جا شهسوار آهن. ذات ۽ خاندان جو اثر هن بزرگ تي به پيو، جنهن ڪري هن پنهنجي خانداني پرمپرا کي نڀائيندي ان تي به قلم کنيو. سندس هي ڪتاب علامه آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ طرفان ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشر حيدرآباد مان ڊسمبر 2018ع ۾ ڇپرايو ويو آهي. هي ڪتاب لکڻ لاءِ شارح کي قرآن مجيد جي

آيتن جو ايترو مفهوم لازمي طور تي مستحضر هئڻ ضروري آهي جو هو شاهه صاحب جي ڪلام کي پڙهي ته سندس ذهن ۾ قرآن مجيد جي اها آيت يا ان آيت جو ترجمو يا مفهوم فورًا ذهن ۾ اچي جيڪا ان شعر سان مطابقت رکندي هجي. سندس هي ڪتاب به سندس علمي استعداد جو زنده گواهه آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ به شاهه صاحب جي شارح ۽ ميهڙ جي مشهور ۽ معروف شخصيت مولانا جوهر بروهي جو لکيل آهي. هي ڪتاب 224 صفحن تي مشتمل آهي جنهن جي قيمت 300 روپيا رکي وئي آهي. هن ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل مور ساگر جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ مهاڳ کان بعد شارح پنهنجي پاران لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ قرآن مجيد جون 132 آيتون پيش ڪري انهن جو ترجمو لکي شاهه صاحب جي ڪلام مان شعر پيش ڪري ان جي سمجهاڻي ڏني وئي آهي. انهيءَ جو مقصد اهو آهي ته اصل ۾ شاهه صاحب جو هي شعر قرآن مجيد جي هن آيت جي ترجمي يا مفهوم کي ظاهر ڪري ٿو.

8. ڀلا ڀونءِ نه وسرن

مولانا حبيب حضوري پنهنجي استاد محترم مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ هي ڪتاب لکيو. جيڪو جولاءِ 2019ع ۾ ساحل پرنٽرز حيدرآباد مان ڇپجي پڌرو ٿيو. مولانا حضوري صاحب جو هي ڪتاب 208

صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي قيمت 300 روپيه طئي ڪئي وئي آهي. هن ڪتاب جي ارپنا مولانا صاحب پنهنجي والد گرامي حاجي محمد عثمان ڏيرو ڪي ڪئي آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ سنڌس تمام گهرو رهندڙ دوست، هم درس ساٿي ۽ سنڌس استاد محترم جي وڏي صاحبزادي مرحوم محمد امين مگسي لکيو. ان ڪان علاوه به اڪر " ليکڪ جي باري ۾ همعصرن جا رايا" جي نالي سان سنڌس استاد محترم جي ٻئي نمبر صاحبزادي حافظ احمد ذهين مگسي، " ڪاڇي جي مهڪندڙ مٽي جي پيداوار سائين حبيب حضوري" سنڌس پياري دوست ۽ هم سبق محترم حافظ نور احمد جتوئي، "ميهڙ جو مٽيادار ماڻهو" صوفي جي ايم پٽي ۽ " ديس جو راهي" جي نالي سان حافظ الهندو تيوٽو صاحب لکيا آهن. ان ڪان بعد پنهنجي پاران ۾ پنهنجون يادون ۽ ڪتاب جي باري ۾ ڪجهه وضاحت ڪئي اٿائين.

هي ڪتاب پنهنجي استاد محترم جي سوانح ۽ خدمات تي تفصيلي لکڻ جي نيت سان لکيائين. سچ ڏاڍو ڪڙو ٿيندو آهي پر گستاخي ڪرڻ جي معافي طلب ڪندي عرض ڪندس ته هي ڪتاب بلڪل به پنهنجي مضمون سان نه ٿو نهڪي. هن ڪتاب ۾ جيڪو ڪجهه لکيو ويو آهي اهو ڪتاب جي مقصد ۽ نالي سان بلڪل به مناسبت نه ٿو رکي. اهو چوڻ مناسب ته نه ٿو لڳي ته مولانا حبيب حضوري صاحب هن ڪتاب ڪي لکڻ وقت ذهن ۾ ڇا رکي لکڻ چاهيو ٿي جو ڪتاب جو مقصد پوري ڪتاب ۾ ڪٿي

به نظر نه ٿو اچي. هن ڪتاب ۾ جيڪي عنوان ڏنا ويا آهن انهن تحت انهن جي وضاحت بلڪل نظر ئي ڪونه ٿي اچي. ها اهو ضرور آهي ته هي ڪتاب پڙهڻ سان ايئن محسوس ٿئي ٿو گويا مولانا صاحب پنهنجون يادون رقمطراز ڪيون آهن. باقي عنوان يا ذيلي عنوان منجهان جيڪو مقصد حاصل ڪرڻو هو اهو بلڪل عدم آهي. حسنِ ظن رکندي اهو چئي سگهجي ٿو ته مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي رح جن تي هن ڪتاب ڪان پهريان سنڌس شاگرد ڊاڪٽر عبدالرسول قادري صاحب "قرب ڪريمي" جي نالي سان جيڪو تحقيقي ڪتاب آندو آهي اهو مفتي صاحب جي سوانح ۽ خدمات تي مختصر پر جامع ڪتاب آهي. شايد مولانا حبيب حضوري انهيءَ ڪتاب جي اختصار ڪي وضاحت واري روپ ۾ آڻڻ لاءِ هي ڪتاب آندو. ايئن چوڻ به ڪو غلط نه هوندو ته اگر قرب ڪريمي ڪتاب ۽ هن ڪتاب پلا پوڻ نه وسرن ڪي گڏ ڪجي ته اهو مختصر پر جامع مقالو ڪافي حد تائين تفصيلي مقالو بڻجي ويندو. بهرحال قرب ڪريمي جي اختصار ڪي ڪجهه واڌاري لاءِ هي ڪتاب پنهنجي جاءِ تي هڪ اهميت جو حامل آهي ۽ ميهڙ جي ايڏي وڏي قداور شخصيت مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جي باري ۾ هي ڪتاب ڪافي نئون مواد مهيا ضرور ڪري ٿو. اهو راقم جو ذاتي رايو آهي، ان سان ٻئي جو متفق ٿيڻ لازم ناهي.

9. ميھڙ جون مڻيادار شخصيتون

مولانا حبيب حضوري جو ھي ڪتاب ميھڙ جي تاريخ جو اھم حصو آھي ۽ اسان ميھڙ وارن لاءِ علمي ميراث ۾ لاپائتو اضافو آھي. سندس ھي ڪتاب ميھڙ تعلقي جي 127 عالمن، حافظن، شاعرن، اديبن، سياسي ۽ سماجي شخصيتن جي سوانح ۽ علمي خدمات تي مبني ناياب ذخيرو آھي. ھي ڪتاب ڊيمي سائيز جي 352 صفحن تي مبني ميھڙ تعلقي جي شخصيات تي تاريخي دستاويز آھي. ھن ناياب نسخي جي قيمت 400 روپيا رکي وئي آھي. ھي ڪتاب علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميھڙ طرفان ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشر حيدرآباد مان جنوري 2021ع ۾ ڇپرايو ويو آھي. ھن ڪتاب جو مھاڳ مرحوم محمد امين مگسي جو لکيل آھي. ھن ڪتاب جي ارپنا شيخ العرب و العجم حضرت مولانا قاري محمد ڏيرو کي ڪئي اٿائين. ھن ڪتاب ۾ موجود اڪثر شخصيتن تي مختلف وقتن ۾ مختلف ڪتابن ۽ رسالن ۾ مضمون لکيل ھئا، انھن مضمونن جيڪي اوائلي دور جي مختلف ڪتابن يا رسالن ۾ ڇپيل ھئا تائين رسائي تمام مشڪل ڪم ھو. اھي وکريل مضمون مولانا صاحب پنھنجي ھن ڪتاب ۾ سھيڙي لازوال خدمت جو ثبوت پيش ڪيو آھي. ھن ڪتاب کي ميھڙ جي شخصيات سان سجائي ايندڙ نسل لاءِ سندن آباء و اجداد جون زندگيون سامھون رکڻ کان وڌيڪ ٻيو ڪھڙو ناياب تحفو ٿي سگھي پيو؟ مولانا صاحب ھي موجوده ۽ ايندڙ نسل لاءِ

بيش قيمتي تحفو پيش ڪيو آھي. ھن ڪتاب جي ھڪ خصوصيت تہ اھا آھي جو ھن ڪتاب اندر ميھڙ تعلقي جي علمي شھپارن جن ۾ مَردن سان گڏ عورتون بہ ھيون کي سھيڙيو اٿائين تہ مسلمانن سان گڏ ھندن کي بہ شامل ڪري سچي وطن پرست ھجڻ جو ثبوت پڻ پيش ڪيو اٿائين. ھن ڪتاب ۾ ڪجھ اھڙن گمنام شخصيتن کي ڪڍي منظرعام تي آندو اٿائين جن جي خدمتن کان موجوده نسل بلڪل بہ ناواقف ھو ۽ ھو وقت جي وھڪري ۾ لڙھي اسان کان ھميشہ لاءِ وسري وڃن ھا. مولانا صاحب پنھنجي ھن ڪتاب ۾ شامل ڪجھ بزرگن جي سوانح جي آخر ۾ مولانا دين محمد اديب فيروزشاھي جا لکيل تاريخ قطعہ ارتحال فارسي زبان ۾ جيڪي پھريان مھراڻ ۽ شريعت جي سوانح نمبرن ۾ ڇپيل آھن ۽ بعد ۾ انھن بزرگن جي سوانح لکڻ وارن انھن قطعن کي فارسي ۾ لکي بنا ڪنھن ترجمي جي لکي ڇڏيو. اسان وٽان فارسي جي تعليم تقريبًا موڪلائي رھي آھي، ھاڻي صرف چند بزرگن کان فارسي ڄاڻڻ وارا ملڻ تقريبًا ناپيد ٿي چڪو آھي. ان ڪري مولانا دين محمد اديب فيروزشاھي جي انھن تاريخي قطعن جو ترجمو ڪرڻ جي اشد ضرورت ھئي. انھيءَ جو ازالو مولانا حبيب حضوري ڪافي حد تائين ڪري ڇڏيو آھي. پنھنجي ھن ڪتاب جي انھن شخصيتن جن جي باري ۾ مولانا اديب صاحب قطعا لکيا ھئا، اھي فارسي ۾ لکي انھن

جو سولي سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪري هڪ نئون ڪارنامو پڻ سرانجام ڏنو اٿائين.

مولانا حبيب حضوري جا لکيل مضمون، مقالا ۽ مهاڳ

ڪتاب آس جو مهاڳ

مولانا حبيب حضوري الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن جي خدمات ۽ اديبن مٿان لکيل مضمونن جي مجموعي " آس " جيڪو ڪتابي صورت ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو جو مهاڳ لکيو آهي. سندس هي مهاڳ سماجي خدمتن ۽ صدقہ جاريہ جي باري ۾ هڪ اهم علمي آرٽيڪل آهي. پاڻ هن مهاڳ کي قرآن مجيد جي آيتن جي تشريح، احاديث رسول جي وضاحت ۽ صحابہ ڪرام جي واقعات کي بيان ڪندي ڏاڍي عمده پيرا ۾ لکيو آهي. هن مضمون جي مناسبت سان وڏن شاعرن جا شعر بطور دليل پيش ڪري مضمون کي وڌيڪ مزيدار بڻائي ڇڏيو اٿائين. مولانا حبيب حضوري جو هي مهاڳ بہ سندس علمي استعداد جو زندھ گواھ پڻ آهي. پاڻ هي مهاڳ 6 ڊسمبر 2016 ع ۾ لکيائين جيڪو ڪتاب جي صفحي نمبر 11 کان 17 تائين ڇپيل آهي.

ڪتاب رحيما لطيفي جو مهاڳ

مولانا حبيب حضوري ميهڙ جي مشهور علمي، ادبي شخصيت رئيس شمس الدين بلبل صاحب جو لکيل منظوم

ڪتاب ”رحيما لطيف“ سندس پوٽي محترم شمس ابن ضياء ابن بلبل نئين سر ڪجھ اضافي سان شايع ڪرايو جو مهاڳ لکيو آهي. سندس هي مهاڳ علمي مضمون آهي. هن مهاڳ ۾ مولانا حبيب حضوري لکي ٿو تہ الله جي عشق جا متوالا محبت جا پيالا پي پُر ٿي هليا ويا مٺ شراب طهور جا خالي ڪري سفر لاءِ راهي ٿي ويا. ان کان اڳتي مولانا صاحب لکي ٿو تہ مانوارو سائين شمس الدين بلبل بہ اهڙن انمول آبدار موتين مان هڪ هو، جنهن پنهنجي قابليت، خداداد صلاحيت ۽ اعلیٰ ذهانت جو ڀرپور مظاهرو ڪري ڏيکاريو ۽ ڪافي ڪتابن جو ذخيرو پوئتي ڇڏي اسان جي حوالي ڪيو.هن سنڌي قوم جي مُحسن فرد ۽ وڏي ڏاهي تمام گهڻو لکيو! مسلمانن جو ڪيس اعلیٰ اختيارين تائين پهچائڻ ۾ ڪابہ گهٽتائي ڪانہ ڪئي. هو صاحب گهڻ رُخي شخصيت جو مالڪ هو. ان کان بعد مولانا صاحب کي هن مهاڳ لکڻ لاءِ محترم شمس ابن ضياءِ جي طرفان چوڻ جي ڳالھ ۽ ڪتاب کي پڙهي ان بابت بہ اکر (مهاڳ) لکڻ جي ڳالھ لکي اٿائين. ان کان پوءِ ڪتاب جي باري ۾ بلبل صاحب جي ڪتاب ”رحيما لطيف“ منجهان ڪجھ شعر حوالي ۽ سمجهاڻي طور پيش ڪري انهن جي باري ۾ ٻُڌايو آهي. آخر ۾ ان ڳالھ جي وضاحت ڪئي اٿائين تہ جيڪي دوست چون ٿا تہ ”رحيما لطيف“ ”ڪريما“ جو ترجمو آهي. اهي غلط فهمي جو شڪار ٿيا آهن. پوءِ ان جي وضاحت ڪئي اٿائين تہ هي ڪتاب ان جو ترجمو ناهي. آخر ۾

شمس ابن ضياء جو ٿورو مڃيو اٿائين تہ پاڻ ڪتاب ”رحيما لطيف“ ٿيون ڀيرو ڇپرائي اسان تي احسان ڪيو اٿائين. آخر ۾ پنهنجو نالو ۽ ايڊريس لکي اٿائين. هن مهاڳ جي آخر ۾ 10_12_2016 تاريخ لکي اٿائين.

ڪتاب وجود جو هڳاءُ جومهاڳ

مولانا حبيب حضوي کي ڊاڪٽر فيض جوڻيجي پنهنجي ڪتاب ”وجود جو هڳاءُ“جو مهاڳ لکڻ لاءِ چيو. مولانا صاحب هن ڪتاب جو مهاڳ لکي ڪيس ڏنو، پر پوءِ الائي ڪهڙي سبب اهو مهاڳ هن ڪتاب ۾ شامل ٿي نہ سگهيو، بلڪ هن ڪتاب تي مهاڳ سِري ڪان آهي ئي ڪونہ ۽ نہ ئي وري ڪنهن جا ٻہ اکر هن ڪتاب ۾ شامل آهن. صرف اداري طرفان نوٽ لڳل آهي. مولانا صاحب جي لکيل ان مهاڳ جي ڪاپي راقم کي هٿ اچي وئي. ان باري ۾ ڪجھ لکي قارئين جي نظر ڪجي ٿو. مولانا صاحب جو هي مهاڳ قابل مدح شاعري جنهن کي ايئن چئجي تہ جائز ۽ ادب جي دائري اندر رهندڙ شاعري جي جواز جي باري ۾ ڪافي مفصل علمي بحث ڪيو آهي. هن علمي مضمون اندر مولانا صاحب عرب حضرات ۾ شاعري جو هڪ مثال، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري، استاد بخاري، مسڪين سمون، شيخ اياز ۽ يوسف شاهين جي شاعري جا ڪجھ نمونا بطور دليل پيش ڪيا آهن. ان ڪان بعد مولانا صاحب جناب عباس ڪوريجو جو ڊاڪٽر

فيض جوڻيجو جي شخصيت، محنت، شوق، جدوجهد ۽ جتن جي باري ۾ تحرير ٿيل مضمون پيش ڪيو آهي. ان ڪان پوءِ ڊاڪٽر فيض جي ڪافي ۽ وائي جا نمونا پيش ڪيا اٿائين. ان ڪان پوءِ سندس هن شاعري جي مجموعي بابت لکيو اٿائين. آخر ۾ مرتب لاءِ دعا ڪري پنهنجو نالو ۽ ايڊريس لکي اٿائين. هن مهاڳ تي 12_11_2017 جي تاريخ لکيل آهي. ڊاڪٽر فيض صاحب پنهنجي هن ڪتاب جي شروع ۾ ” مان پريا هٿ وندائيندڙ “ جي نالي سان پنهنجن سهڪاري دوستن جون تصويرون ۽ نالا لکيا آهن، انهن ۾ مولانا حبيب حضوري صاحب جي تصوير ۽ نالو پڻ شامل آهي.

ڪتاب شعور جي لاٽ جو مهاڳ

مولانا حبيب حضوري ميهڙ جي اديب ڊاڪٽر عبدالوهاب گلال جي سهيڙيل ڪتاب ”شعور جي لاٽ “ جيڪو ساحل پرنٽر حيدرآباد مان مارچ 2021ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو جو مهاڳ لکيو آهي. هي مهاڳ ڪتاب جي صفحي نمبر 11 ڪان 19 تائين ڇپيل آهي. مرتب جو هي ڪتاب اصل ۾ سندس مطالعي جو نچوڙ آهي. هي ڪا سندس پنهنجي تخليق نہ آهي بلڪ پاڻ جڏهن بہ جيڪو بہ ڪتاب پڙهندو هو تہ ان ۾ جيڪا ڳالھ ڪيس پسند ايندي هئي تہ ان کي لکي محفوظ ڪري ڇڏيندو هو. مولانا حبيب حضوري صاحب هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ مرتب سان پنهنجي

واقفيت ۽ تعلق جي وضاحت ڪئي آهي ۽ علمي انداز ۾ هن ڪتاب جي اهميت کي اجاگر ڪيو اٿائين.

انٽرويو

مولانا حبيب حضوري اڄ ڪلهه اخبارن جي نمائندگي ڪندي ڪافي اخبارن لاءِ مختلف ماڻهن جا انٽرويو وٺي رپورٽ ڪري چڪو آهي پر پاڻ " الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ " جي سرواڻ محترم جناب شفيق احمد چنا کان انٽرويو وٺي ان کي قلمبند ڪري " آس " ڪتاب جي صفحي نمبر 21 کان 25 تائين ڇپرائي ڇڏيو. هن انٽرويو ۾ الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن جي سرواڻ کان انٽرويو ذريعي سندس زندگي، خاندان جي سماجي خدمات ۽ پنهنجي خدمتن جي باري ۾ سوال پُڇي گويا سائين شفيق احمد کي کولي عوام جي سامهون رکيو اٿائين. سندس هي انٽرويو سندس بهتر صحافي ۽ اينڪر پرسن هجڻ جو هڪ ثبوت پڻ آهي.

حضرت مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي رح

مولانا حبيب حضوري پنهنجي استاد محترم مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جي سوانح ۽ خدمات تي هڪ علمي مضمون لکيو. سندس هي مضمون ميهڙ منجهان نڪرندڙ ماهوار بلند حوصلو حيدرآباد جيڪو ساحل پرنٽرز حيدرآباد منجهان ڇپجي پڌرو ٿيندو رهيو. هن رسالي جي سيپٽمبر آڪٽوبر 2020ع

واري شماري جي صفحي نمبر 14 کان 17 تائين ڇپيل صفحن تي مشتمل ڇپيل آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو شعر لکي هن مضمون جي شروعات ڪئي اٿائين. ان کان بعد مفتي صاحب جي پيدائش ۽ ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان وٺي درس نظامي مڪمل ڪرڻ ۽ پنهنجي استاد مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جن جي زيرنگراني تدريسي خدمت جو ذڪر ڪيو اٿائين. ان کان اڳتي هلي مولانا حبيب حضوري مفتي صاحب جو ميهڙ اچڻ بيان ڪيو آهي. ميهڙ جي مدرسه عربيه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ تدريسي خدمتن ۽ اتي علم جي شمع تي پروانن جو اچڻ بيان ڪيو اٿائين. اتي مفتي صاحب جي محنت ۽ لگن جي ڪري شاگردن جو تعداد وڌڻ ڪري ٻين استادن کي مقرر ڪرڻ ۽ مسجد جو اوقاف کاتي حوالي ٿيڻ ۽ مفتي صاحب جو انهيءَ مسجد ۾ اوقاف کاتي پاران امام ۽ خطيب مقرر ٿيڻ جو ذڪر ڪيو اٿائين. انهيءَ کان پوءِ مفتي صاحب جي تصوف جي سلسلي ۾ بيعت ڪرڻ، سندس مرشدن جو احترام ۽ انهن جي حاضري ڀرڻ جو تذڪرو ڪيو اٿائين. انهيءَ کان پوءِ مفتي صاحب جي تدريسي ڪردار تي روشني وجهي سندس پٽن جو تفصيلي ذڪر ڪري آخر ۾ مفتي صاحب جي وفات جو تفصيلي بيان ڪري مضمون پورو ڪيو اٿائين.

ميهڙ تاريخ ۽ تحقيق جي آئيني ۾

مولانا حبيب حضوري جو هي ميهڙ جي تاريخ تي تحقيقي مضمون بہ ميهڙ منجهان نڪرندڙ ماهوار بلند حوصلو حيدرآباد جيڪو ساحل پرنٽرز حيدرآباد منجهان ڇپجي پڌرو

ٿيندو رهيو. هن رسالي جي ڊسمبر 2020ع واري شماري جي صفحي نمبر 21 ۽ 22 تي ڇپيل آهي. مولانا حبيب حضوري پنهنجي هن مضمون جي شروع ۾ لکي ٿو تہ ” ميهڙ جي نالي جي تحقيق جو دروازو کليل آهي ۽ کليل رهندو، پل تحقيق بہ ٿئي ۽ تنقيد بہ ٿئي، مون ڪجهہ رايا ڏنا آهن تہ جيئن محقق اسان جي رهنمائي ڪن! “ مولانا صاحب ميهڙ شهر جي نالي بابت پنج مخلف رايا تاريخي پراڻن ڪتابن جي حوالن سان پيش ڪيا آهن. سندس راين ۾ تحقيق تہ شامل آهي ۽ سندس هر هڪ رايو ميهڙ جي نالي جي اهم وجہ نظر اچي ٿو. سندس پيش ڪيل هر هڪ رايو مسلَم اهميت جو حامل آهي. چئي سگهجي ٿو تہ ميهڙ جو ميهڙ نالو هنن راين منجهان ڪنهن هڪ رايي سان متفق ضرور هوندو.

نئين سال جو غمناڪ تحفو: گوهر گل ڳورڙ جي جدائي

مولانا حبيب حضوري جو ميهڙ جي اديب، ليکڪ ۽ شاعر مرحوم گوهر گل ڳورڙ جي وفات جي مناسبت سان لکيل تعزيتي مضمون آهي. مولانا صاحب جو هي مضمون ميهڙ منجهان نڪرندڙ هفتيوار اخبار ” سچ جو آواز “ جلد 4، شمارو 50، 3 اپريل کان 11 اپريل 2018ع تائين ۾ ڇپيو. مولانا صاحب جو هي مضمون مرحوم گوهر گل ڳورڙ جي ڪردار ۽ خدمات بابت سُٺي تفصيل سان لکيل آهي. هن مضمون ۾ گوهر گل ڳورڙ جي وڇوڙي سان ميهڙ جي شاعرن مان هڪ بهترين شاعر جي کوٽ جو درد بيان ڪيو ويو آهي. هن مضمون ۾ سندس شاعري کي بہ بطور دليل پيش ڪيو اٿائين. آخر ۾ محترم عاجز سرگاڻيءَ جو

قطعو ان ڏک جي صداقت پيش ڪرڻ لاءِ ڏنو اٿائين. اهو قطعو هن طرح آهي:

نئين سال غمناڪ تحفو ڏنو آ
ادب جي گلشن منجهان گل چنو آ
ڪيئن ٿيندو برداشت گوهر جو صدمو
هي سرگاڻي عاجز سڄڻ لئي رُنو آ

استاد القراء حضرت مولانا حافظ قاري محمد ميهڙ وارو

مولانا حبيب حضوري پنهنجي چاچي ميهڙ جي عظيم هستي ۽ شيخ العرب والعجم حضرت مولانا قاري محمد صاحب جي سوانح ۽ علمي خدمتن تي مشتمل هي مضمون لکيو آهي. سندس هي مضمون روهڙي منجهان نڪرندڙ ” ماهوار شريعت “ رسالي جلد 43، شمارو 7، جنوري 2016، ربيع الثاني 1437هہ ۾ صفحي نمبر 17 کان 21 تائين پنج صفحن تي ڇپيو. مولانا صاحب پنهنجي هن مضمون کي ڏاڍي شاندار پيرا ۾ حضرت مولانا قاري محمد صاحب بابت لکيو آهي. هن مضمون ۾ سندس زندگيءَ جي اڪثر پهلوئن کي ڪَوَر ڪري ورتو اٿائين. سندس هي مضمون علمي اعتبار سان تمام گهڻي اهميت جو حامل مضمون آهي. مولانا صاحب هن مضمون ۾ ” مولانا قاري محمد صاحب جي پيدائش، تعليم ۽ تربيت، درس تدريس، قاري محمد ديروي جن جي ميهڙ ۾ آمد، قاري محمد ديروي جي حرمين شريفين علم قرائت و تجويد سکڻ لاءِ روانگي ۽ مسجد نبوي ۾ تراويح پڙهائڻ جوشرف، قاري محمد ديروي جا پنج وڏا ماياناز شاگرد، پير جو ڳوٺ ۾ دوره قرائت ۽ مولانا ثناءُ الله جتوئي جي شاعري،

خميس مشيط سعودي عرب، قاري محمد پهريان پاڻ عمل ڪيو، قرآن جو عاشق، مدرسه عربيه دارالقرآن ميهڙ جو قيام، وصال، تصنيف، اولاد، حضرت مولانا حماد الله هاليجوي ۽ قاري محمد " جا عنوان قائم ڪري هر هڪ عنوان جو تفصيل لکيو اٿائين. هن مضمون جي آخر ۾ مولانا قاري محمد صاحب جي شاگردن جا نالا مختصر تعارف سان پڻ پيش ڪيا اٿائين. مولانا حبيب حضوري جو لکيل هي مضمون سندس ڪتاب "ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون " ۾ ساڳي ريت ڇپيل آهي. سندس هي مضمون راقم جي ايم فل ٿيسس جنهن جو عنوان " حضرت مولانا قاري محمد صاحب جون ديني ۽ علمي خدمتون ۽ معاشري تي ان جا اثر " جو بنياد هو. هن مضمون مون کي ٿيسس لکڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي.

خوبين جي کاڻ

مولانا حبيب حضوري جو هي مضمون ميهڙ جي نوجوان سماجي ورڪر ۽ جاکوڙي ڪردار واري انسان مرحوم عبدالشڪور ٻگهيو جي وفات تي تعزيتي مضمون آهي. سندس هي مضمون ڪتاب "سرهاڻ جا گيسو" جيڪو حاجي عبدالڪريم فائونڊيشن المعروف " حق فائونڊيشن " طرفان پارس پرنٽنگ پريس حيدرآباد منجهان مارچ 2020ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. مولانا صاحب جو هي مضمون ڪتاب جي صفحي 85 ۽ 86 تي ڇپيل آهي. مولانا صاحب هي مضمون ميهڙ جي نوجوان سماجي خدمتگار جي ڪردار، اخلاق ۽ سماجي خدمتن بابت سُٺي ۽ عمده پيرا ۾ لکي مرحوم جي خدمتن ۽ ڪردار تي روشني وڌي آهي.

هر ڏُکي انسان جو درد سمائيندڙ شخص

مولانا صاحب جو هي مضمون به مرحوم عبدالشڪور ٻگهيو جي اوچتي وڇوڙي تي تعزيتي مضمون هي. هي مضمون به ڪتاب "سرهاڻ جا گيسو" جي صفحي 86 ۽ 87 تي ڇپيل آحي. هي مضمون مرحوم جي نيڪ ڪردار، اخلاق ۽ سماجي خدمتن تي لکيل آهي. هي مضمون مرحوم جي خوبين کي ڪافي حد تائين واضع ڪري ٿو.

الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ جي باري ۾ مولانا حبيب حضوري جو رايو

مولانا حبيب حضوري الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ جي باري ۾ پنهنجا جيڪي تاثرات پيش ڪيا اهي ڪتاب " آس " جي صفحي 26 تي ڇپيل آهن. هن تاثر ۾ مولانا صاحب ويلفيئر جي ڪمن جي ساراهه ۽ نيڪ جذباتن جو اظهار ڪيو ۽ دعائن سان نوازيو آهي.

سماج سڌارڪ سائين شفيق احمد "شفيق" چنا

مولانا حبيب حضوري جو لکيل هي مضمون ڪتاب " آس " جي صفحي نمبر 42 ۽ 43 تي ڇپيل آهي. مولانا صاحب جو هي مضمون الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ جي سرواڻ محترم سائين شفيق احمد جي باري ۾ لکيل آهي. پاڻ هن مضمون ۾ الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ جي ڪيل خدمتن ۽ سائين

شفيق احمد جي ڪردار ۽ سماجي خدمتن جي باري تفصيل سان لکيو اٿائين.

صاحب رهاڻ حبيب حضوري جي تقرير

22 مئي 2016ع تي ميهڙ جي اديبن ۽ ليکڪن طرفان مولانا حبيب حضوري جي ادبي خدمتن کي ملڻُ ڏيندي ساڻس هڪ شام (رهاڻ) ملهائي وئي. پاڻ انهيءَ رهاڻ واري پروگرام ۾ جيڪا تقرير ڪيائين سا ڪتاب " آس " جي صفحي نمبر 72 کان 75 تائين ڇپيل آهي. پاڻ هن تقرير ۾ محفل منعقد ڪندڙن، شريڪ ٿيندڙن سيني ماڻهن جا نالا وني ۽ جن ٻن فنڪارن انور پتوجو ۽ قمر منظور سرهيو جن سندس ڪلام ان محفل ۾ پڙهيو جو شڪريو ادا ڪيو. ان کان پوءِ پنهنجي علمي ادبي خدمتن جي باري ۾ ڪجهه ڳالهائي سندس ان خدمت تي ٿيل تنقيد جي وضاحت ڪئي ۽ انهيءَ تنقيد جي اصلاح جو عزم ڪيو. انهيءَ کان بعد وري آخر ۾ سيني جا ٿورا مڃي پنهنجي تقرير جي پڄاڻي ڪيائين.

صحافي ڪامريڊ الاهي بخش چانڊيو سان ادبي رهاڻ

27 نومبر 2016ع بروز آچر تي ميهڙ جي سڀ کان پراڻي اخباري هاڪر، صحافي ۽ سماجي شخصيت محترم الاهي بخش چانڊيو سان " الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ " پاران

الشفيق پبلڪ اسڪول ميهڙ ۾ رهاڻ ملهائي وئي. انهيءَ پروگرام جو تفصيلي احوال مولانا حبيب حضوري هن مضمون تحت پيش ڪيو آهي ته هن پروگرام رکڻ جو مقصد، هن پروگرام جي صدارت، هن پروگرام جي ڪمپيئرنگ ڪندڙ، هن پروگرام جا شرڪاء ڪهڙا ڪهڙا هئا؟ ڪهڙي مهمان هن پروگرام ۾ چا چا ڳالهايو، اهل علم ۽ قلم ڏٽين ڪهڙا ڪهڙا رايا پيش ڪيا. مطلب ته هن پوري پروگرام جو اکين ڏٺو احوال لکيو اٿائين، جيڪو ڪتاب " آس " 113 صفحي کان 115 صفحي تائين ڇپيل آهي.

انور علي پتوجو هڪ سالڪ، سگهڙ ۽ ملوڪ ماڻهو

مولانا حبيب حضوري جو هي مضمون 25 آڪٽوبر 2016ع تي دارالبقا جي طرف راهي ٿيڻ واري مرحوم انور علي پتوجو جي باري ۾ پنهنجون يادگيريون ۽ تاثرات تي مبني آهي. هي مضمون ڪتاب " آس " جي صفحي 116 کان 118 تائين ڇپيل آهي.

هاري اڳواڻ ڪامريڊ بگن چانڊيو جي 12 ورسي جو احوال

مولانا حبيب حضوري جو هي مضمون 22 جنوري 2017ع تي " الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ " طرفان الشفيق پبلڪ اسڪول ميهڙ ۾ 12 ورسي ملهائڻ واري پروگرام جو مڪمل

احوال آهي. پاڻ ان پروگرام جو احوال قلمبند ڪري ڪتاب ” آس “ جي 119 کان 121 تائين ڇپرايو اٿائين.

ڪتاب ” محسن قوم، شمس العلماءِ ملڪ الشعراءِ سنڌ رئيس شمس الدين بلبل “جي مهورتي تقريب

هي مضمون بہ اصل ۾ ميهڙ جي مشهور و معروف علمي ادبي شخصيت جناب رئيس شمس الدين بلبل جي سوانح ۽ خدمات تي مشتمل مختلف قلم ڌڻين جي مضمونن جو ناياب مجموعي ڪتاب ” محسن قوم، شمس العلماءِ ملڪ الشعراءِ سنڌ رئيس شمس الدين بلبل “ جي مهورتي پروگرام جيڪو 12 مارچ 2017ع تي ٿي گذريو جو سربستو احوال آهي. هن ڪتاب جي مهورتي تقريب جو پروگرام ”بلبل هائوس“ ميهڙ ۾ ” الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ “ طرفان منعقد ڪيو ويو. مولانا صاحب جو هي احوالي مضمون ڪتاب ” آس“ جي صفحي 122 ۽ 123 تي ڇپيل آهي.

شمس الدين بلبل جي شاعري تي هڪ نظر

مولانا حبيب حضوري جو هي علمي مقالو رئيس شمس الدين بلبل صاحب تي لکيل مختلف مضمونن جي مجموعي ڪتاب ” محسن قوم، شمس العلماءِ ملڪ الشعراءِ سنڌ رئيس شمس الدين بلبل “ جي مهورتي پروگرام جي حوالي سان لکيل

آهي. جيڪو پاڻ ڪتاب جي مهورتي پروگرام ۾ پڙهيو هئائين. مولانا صاحب هن مقالي ۾ ڪتاب جو مختصر احوال پيش ڪيو آهي، ان کان پوءِ جناب بلبل صاحب جي سماجي ۽ علمي خدمتن جو ذڪر ڪيو اٿائين. هن مضمون ۾ بلبل صاحب جي شاعري تي ڪافي سُٺو علمي بحث پڻ ٿيل آهي. مولانا جو هي مضمون ڪتاب ” آس “ جي صفحي 124 کان 127 تائين ڇپيل آهي.

بلبل جي شاعري بابت ڏات ڌڻين جا رايا

مولانا حبيب حضوري جو هي مضمون بلبل جي شاعري بابت قلم ڌڻين جا رايا ۽ تاثرات لکيا آهن. هن مضمون ۾ بلبل جي شاعري تي محترم ايڊوڪيٽ عبدالحڪيم چانڊيو، م.ن محزون پٽي، سيد علي اڪبر شاهه (پير آف ميهڙ)، شعبان بخت، احمد خان ايم سيال، حاجي محمود خادم لاڙڪاڻوي، ظفر ڪاظمي، ديوان ليلارام ڏيونداس رچنداڻي (انڊيا)، مخدوم طالب المولىٰ، مولانا غلام محمد گرامي، حافظ محمد احسن چنا، ضياءُ ابن بلبل ۽ محمد امين مگسي صاحب جا تاثرات لکيا اٿائين. سنڌس هي علمي مقالو ڪتاب ” آس “ جي صفحي نمبر 128 کان 132 تائين ڇپيل آهي.

نامياري شاعر مجبور ميمڻ سيتائي سان رهاڻ

مولانا صاحب هي خبري مضمون " الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ " ۽ سرجڻهار فورم پاران سنڌ جي پلوڙ ۽ قومي شاعر خادم حسين ميمڻ المعروف مجبور ميمڻ جيڪو ڪيترن ئي سالن کان وٺي فالج جي بيماريءَ سبب بستري پيڙو هو جنهن ڪري هيءَ رهاڻ سندس گهر جي اڱڻ تي سيتا ۾ ملهائي وئي. ان رهاڻ جو سربستو احوال هن مضمون ۾ لکي محفوظ ڪري ڪتاب " آس " جي صفحي 139 کان 140 تي ڇپرائي ڇڏيائين. پاڻ هن رهاڻ جو احوال پيش ڪندي لکي ٿو ته هن پروگرام جي صدارت استاد الشعراءِ قلندر بخش " قلندر " ميمڻ ڪئي، هن پروگرام جو خاص مهمان حبيب حضوري هيو، اعزازي مهمانن ۾ " الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ " جو صدر شفيق احمد چنا، برک صحافي پاويل جوڻيجو، ڪالم نگار ممتاز همراهي، سگهڙ شاعر محبوب ڏيپر، استاد عبدالستار چوهاڻ ۽ گلزار ڪلهوڙو هئا. ان کان بعد محفل ۾ شريڪ مهمانن جيڪي چيو يا پڙهيو ان جو احوال لکيو اٿائين.

شايان انقلابي رستي جو سپهه سالار ۽ سنڌ جو سپوت

مولانا حبيب حضوري جو لکيل هي تعزيتي مضمون ميهڙ جي نوجوان اديب ۽ سماجي خدمتگار مرحوم شايان علي ڳورڙ جي وفات کان احمد خان چانڊيو ۽ منظور مهيسر طرفان

سهيڙي 2018ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي منجهان ڇپرايل ڪتاب "پتنگ جيئن پيدا ٿيو" ۾ ڪتاب جي صفحي نمبر 58 ۽ 59 تي موجود آهي. سندس مضمون جيئن جو تيئن پڙهندڙن جي نظر ڪجي ٿو:

شايان انقلابي رستي جو سپهه سالار ۽ سنڌ جو سپوت

هي دنيا آهي، جنهن کي اسان سدائين رهڻ جو مقام سمجهيو آهي، اسان جي زندگي ۾ ئي الاهي ماڻهو ڄميا آهن ۽ فوت ٿي راهه رباني ورتي اٿن. موت ۽ زندگي جو فلسفو حڪيمن، ڏاهن، باخبر انسانن ۽ باشعور عقلمندن ٻڌايو آهي پر اسان ان تي ڌيان ڏيڻ کان سواءِ، حياتيءَ جون قيمتي گهڙيون گذاري رهيا آهيون. قرآن پاڪ چيو آهي ته : " موت ۽ زندگي جو سلسلو ان ڪري رکيو ويو آهي ته اسين ڏسون ته اوهان مان ڪير تو سُٺا ۽ سهڻا عمل ڪري ڏيکاري!" (احسن عملاً) سهڻي، سني، صالح ۽ سالم عمل ڪرڻ وارا تمام گهٽا ماڻهو آهن، ته وري ڏسون ته انهن مان به +وڌيڪ سنو ۽ سهڻو عمل ڪنهن ڪري ڏيکاريو! ان جو مقام ۽ مرتبو وري ٻين کان اعلىٰ ۽ ارفع آهي. هي ڳالهه طئه ٿيل آهي ته موت زندگيءَ جو پيڇو ڪري رهيو آهي، هتي ڪوبه هميشه ناهي رهيو. هي حسين پر شوق زندگي ڪنهن به وقت موت جي ويران ۽ اڻ ڪٿ وادي ۾ وڃي اختتام پذير ٿيندي، اها به پڪ آهي ته حياتي جو ڏيئو ڪنهن به وقت طوفان جي وَر چڙهي وسامي ويندو، پر ان هوندي به وسيلا ۽ وڪ ٻڌجي زندگي جي شاهراهه تي ملندا رهون ٿا، پڪي پوڪ ۾ لابارو پوي ته ڪا عجب جهڙي ڳالهه ناهي! پر ڪچڙيون ڪليون

ٽڙڻ کان اڳ ۾ مرجهائجي وڃن ته ذهن، دل ۽ دماغ تي ڪاپاري ڌڪ ضرور لڳي ٿو.

شايان علي شير ڳورڙ هڪ نوجوان عزم ۽ همت سان سرشار ذهانت ۽ اهليت سان پرپور، ڪي ٿو، هماليه جهڙو حوصلو رکندڙ، سنڌ جي خوشحالي ۽ ترقي جا خواب سيني ۾ سانڍي گهمندڙ، باضمير، باشعور سنڌ جو آئيندو، ايئن تڪڙو ڏوراهين سفر تي هليو وڃي! ته سندس والدين ۽ عزيز و اقارب ته ضرور سوڳوار ٿيندا، پر اسين دوست، احباب ۽ سنڌ واسي به غمگين ۽ ڏکارا ضرور ٿينداسين. اهو هڪ فطري عمل آهي، جيتوڻيڪ منهنجي ذاتي طرح ڪا شايان سان ويجهڙائپ ڪانه هئي، چو ته نوجوان نوخيز ۽ نو عمر 21، 22 سالن جو ڳڀرو ۽ شهزادو ۽ آءٌ عمر رسيده، پڪو پوڙهو، جهونو، پر سائين علي شير ڳورڙ ۽ سائين حسين بخش ڳورڙ سان نه رڳو پراڻي شناسائي، پر محبت، قرب ۽ دوستي جو به رشتو آهي. ها! پر شايان سان ذهني ۽ نظرياتي هم آهنگي هئي، هو منهنجو آئيندو، منهنجو روشن مستقبل ۽ سنڌ جو سپوت انقلابي دستي جو سپهه سالار هو.

ڌارين جي ڪاهه ۾ سنڌ جي جوڌن جو ڪردار

مولانا حبيب حضوري جو لکيل هي سنڌ جي سورهيه سپوت ۽ سائين جي ايم سيد جي سچي سپاهي سميع الله ڪلهوڙو جي خدمتن تي لکيل هي مضمون اپريل 2005ع ۾ آزاد پبلشنگ هائوس، ديش ميڊيا حيدرآباد طرفان محترم آزاد انور ڪانڌڙو صاحب جي سهيڙيل ڪتاب "ڌرتيءَ جو شهيد، سميع الله ڪلهوڙو" جي صفحي نمبر 151 کان 153 تائين ٽن صفحن تي

مشتمل ڇپيل آهي. مولانا صاحب هن مضمون ۾ سنڌ مٿان ٿيل ڌارين جون ڪاهون ۽ انهن جي اڳيان سينا سپر ٿي بيهڻ وارن جوڌن جوانن جو ذڪر ڪري سميع الله ڪلهوڙي جي خدمتن ۽ بهادريءَ تي روشني وڌي آهي. سندس لکيل هي مضمون سنڌ پرستي، ڌرتي پرستي ۽ قوم پرستيءَ مٿان هڪ دليل آهي.

بلبل هائوس ميهڙ

مولانا حبيب حضوري جو هي مضمون ميهڙ جي قديمي ۽ علم جو پنڊار عمارت "بلبل هائوس" جي باري ۾ لکيل آهي. بلبل هائوس خود ميهڙ جي تاريخ جو هڪ باب آهي. مولانا حبيب حضوري ان بابت ڪتاب " آس " جي هڪ صفحي جيترو لکيو آهي، سندس هي مضمون ڪتاب جي صفحي 141 تي ڇپيل آهي. مولانا صاحب هن بنگلي جو تعارف ڏاڍي عمده پيرا ۾ ڪرايو آهي. قديم آثارن سان چاهت رکندڙن لاءِ سندس هي مضمون لاياڻتو آهي.

ميهڙ ۾ ٽن پلوڙ سگهڙ شاعرن سان ادبي رهاڻ ملهائي وئي

مولانا حبيب حضوري جو هي مضمون اصل ۾ رهاڻ پروگرام جو احوال آهي. هي رهاڻ 30 آگسٽ 2017ع تي " حق فائونڊيشن " پاران ٽن پلوڙ شاعرن محبوب ڏيپر، اويس قرني ۽ منظور مولائي ڪوسو سان " الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ " جي سهڪار سان الشفيق پبلڪ اسڪول ۾ ملهائي وئي. هن

پروگرام جو مهمان خاص پروفيسر اياز لاڪير هو ۽ صدارت شمس ابن ضياء ابن بلبل ڪئي. اعزازي مهمانن ۾ پروفيسر عبيدالله لاڪير، حبيب حضوري، عبد مگسي، سڪندر سوڍر، نور نبي ٻگهيو، فيض محمد ٻگهيو، معصوم بخاري، الاهي بخش چانڊيو، رياض چانڊيو، آزاد انور ڪانڌڙو، ساجد چانڊيو ۽ ممتاز سومرو هئا. مولانا حبيب حضوري هن مضمون ۾ انهيءَ پروگرام جو احوال قلمبند ڪيو آهي. سندس هي مضمون به ڪتاب " آس " جي صفحي 142 ۽ 143 تي ڇپيل آهي.

ميهڙ ۾ عيد مشاعرو ۽ ليڪچر پروگرام ٿيو

مولانا حبيب حضوري جو هي مضمون ميهڙ ۾ عيدالاضحیٰ جي موقعي تي " سنڌي ماڻهن کي موجوده حالتن ۾ ڇا ڪرڻ کپي؟ " جي عنوان تحت ٿيو. هن پروگرام کي " الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ " طرفان منعقد ڪيو ويو. هن پروگرام ۾ ايڊوڪيٽ معين مگسي ليڪچر ڏنو. انهيءَ پروگرام ۾ شرڪاءَ ڇا ڇا ڳالهايو ۽ پروگرام ڪيئن ٿي گذريو تي بحث ڪيو اٿائين. سندس هي مضمون به ڪتاب " آس " جي صفحي 144 ۽ 145 تي ڇپيل آهي.

پهرين مئي مزدورن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان مولانا حبيب حضوري مزدورن جي محنت، عظمت ۽ همت تي هڪ نظم لکيو جيڪو ڪتاب " آس " جي صفحي 183 تي ڇپيل آهي.

پلوڙ شاعر مرحوم ناظم منگي کي حبيب حضوري پاران ڀيٽا

هي نظم مولانا حبيب حضوري صاحب ميهڙ جي مشهور ۽ معروف شاعر مرحوم امان الله منگي المعروف ناظم منگي کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ هڪ نظم لکيو جيڪو ڪتاب " آس " جي صفحي 185 تي ڇپيل آهي.

12 مارچ 2017 ڪتاب جي مهورت وقت شمس الدين بلبل کي ڏنل منظوم ڀيٽا

هي نظم مولانا حبيب حضوري ميهڙ جي مان ۽ شان بنجڻ واري هستي جناب رئيس شمس الدين بلبل بابت لکيل مضمونن جي مجموعي جي باري ۾ ۽ بلبل صاحب جي خدمتن جي باري ۾ لکيو آهي. سندس هي نظم ڪتاب " محسن قوم، شمس العلماءِ، ملڪ الشعراءِ سنڌ رئيس شمس الدين بلبل " جي مهورت واري پروگرام ۾ پڙهيو هئائين. سندس اهو نظم ڪتاب " آس " جي صفحي نمبر 186 تي ڇپيل آهي.

مولانا حبيب الله حبيب حضوري هن ڪتاب " آس " جي ترتيب ڏيڻ ۾ محترم شفيق احمد "شفيق" چنا جو ٻانهن ٻيلي رهيو. گويا هن ڪتاب کي مرتب ڪرڻ جو سمورو ذمو احسن طريقي سان نڀايو اٿائين.

ڪتاب " وجود جو هڳاءُ " پاڱو پهريون ۾ شامل شاعري

هي ڪتاب محترم ڊاڪٽر فيض جوڻيجو جو ترتيب ڏنل آهي. هي ڪتاب پهُہ پبلشرز ڪراچي طرفان ڇپجي منظر عام تي آيو. هن ڪتاب ۾ مرتب 108 شاعرن کي شامل ڪيو آهي. هر هڪ شاعر جو مختصر پروفائيل لکي سندس تعارف ڪرائي پوءِ سندس شاعري جا نمونا ڏنا اٿائين. هن ڪتاب جي صفحي نمبر 60 ۽ 61 تي مولانا حبيب حضوري جو پروفائيل تصوير سان گڏ ۽ سندس شاعري منجهان سنڌ تي لکيل قومي نظم کي شامل ڪيو اٿائين. ان نظم جو هڪ بند هن طرح آهي.

پوڙهي پيءُ جي گهر مان ڪجهي پئي ڪنواري
پنهنجو ننگ ٽڪن تي ڪپايو جُواري
بکئي پيٽ تي آهي مزدور هاري
قلم ڪونہ ٽياسين قلمڪار آهيون
اسان سنڌ تنهنجا گنهگار آهيون!

ڏيئا جرڪيا ڏيهہ ۾ (گڏيل شاعري)

هي ڪتاب سنڌ جي مختلف 60 شاعرن جي شاعريءَ جو گڏيل مجموعو آهي. هي ڪتاب نوجوان ليکڪ، شاعر ۽ صحافي ديدار علي "شاد" گوپانگ سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد طرفان جنوري 2018ع ۾ ڇپرائي منظر عام تي آندو. هن ڪتاب جي صفحي نمبر 45 کان 49 تائين مولانا حبيب حضوري جو مختصر احوال ۽ شاعري ڇپيل آهي. هن ڪتاب جي صفحي نمبر 45 تي مولانا حبيب حضوري جو مختصر تعارف تصوير سان لکيل آهي. سندس شاعري منجهان هڪ ڪلام پيش خدمت آهي.

گيت

سماجي جيل ۾ آهيان
وڏي مان ويل ۾ آهيان

ڪٿي قتلام نياڻي جو
نياڻي پي نماڻي جو
ڪٿي نيلام غيرت جو
ڪٿي ماتم حسرت جو
ڪڙهائي تيل ۾ آهيان
وڏي مان ويل ۾ آهيان

سدائين سوچ تخريبي
مون وٽ سوچ مغربيي
جنهن کي ناهيان
جنهن کي ڏاهيان

ٿيو جي قتل برما ۾
روهينگيا شام سيريا ۾
نجف ايران عربيا ۾
يا گهٽي گهر جي درميان ۾
سدا ڏک ڏيل ۾ آهيان
وڏي مان ويل ۾ آهيان

هتي قانون فرعوني
هلي ٿي طرح ترخاني
ڪري هرڪو ٿو مَن ماني
ٽارچر سيل ۾ آهيان
وڏي مان ويل ۾ آهيان

ازل کان مون تي ڪاهون ٿيون

رُڌل بس کيل ۾ آهيان
وڏي مان ويل ۾ آهيان
۽ ڏارين جون هلائون ٿيون
هي ڌرتي روز پئي کسجي
نٿي کا روشني ڏسجي
اونداهي ليل ۾ آهيان
وڏي مان ويل ۾ آهيان

سنڌڙيءَ تي سِر کير نہ ڏيندو؟

بادِھ جي مردم خيز مٽيءَ مان جنم وٺندڙ بهترين ليکڪ، شاعر، صحافي ۽ سچي انسان محترم ديدار شاد گوپانگ سنڌ جي سپوتن جيکي سنڌ ڌرتيءَ مٿان شاعري کري پنهنجي جذبن جو اظهار کيو آهي، انهن قومي شاعرن جي شاعري جو مجموعو "سنڌڙيءَ تي سِر کير نہ ڏيندو؟" نالي سان سهيڙي شايع کئي. هي کتاب موسیٰ پبليکيشن ڄامشورو منجهان جنوري 2018ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن کتاب جي صفحي نمبر 288 کان 291 تائين ڇئن صفحن تي مولانا حبيب حضوري جا سنڌ ڌرتيءَ لاءِ لکيل غزل ۽ ڇئو سٽا شامل کيا ويا آهن. سندس انهيءَ شاعري جو نمونو کجھ هن طرح آهي:

سنڌو کي سُکائڻ جي کوشش نہ کريو
غلط آ منصوبو سفارش نہ کريو
ڏيو حق اسان کي ٿا خيرات ۾ ڇڻ
اهڙي کا اسان تي نوازش نہ کريو

غزل

سنڌ ۾ توکي رهڻ نہ ڏبو

ووٽن تي ٿو سنڌ وکٽين واھ وڏيرا يار
کجھ سوچ ۽ ويچار او! سنڌي سوچ ۽ کر ويچار

قوم سنڌي جو رت وهي ٿو تون ٿو خوشيون ملهائين
هني مون ۽ پکنک پارٽيون کيئي رنگ رچائين
اصل کان آهين قوم جو دشمن ڌرتي جو تہ غدار

ڊيم نهن ٿا سنڌو ندي تي تو کي خبر کا ناهي
سنڌ جي ڌرتي سنڌ جي ٻولي ڌاريو پيو ٿو مٽائي
کتن ويڙهائڻ جو وقت نہ آهي ڇڏ سيئي شوق شکار

ماروئڙا ۽ سانگيئڙا کندا ڌرتي کي آزاد
هوشو هيمو دولھ تنهنجو سکون کندا برباد
سنڌ ۾ توکي رهڻ نہ ڏبو اهو تو سان آ اقرار

ووٽ انهيءَ جو آهي جيکو سنڌ سان ناتو نڀائي
سنڌ جي خاطر جيل وڃي ۽ کوڙا ڦٽکا کائي
"حبيب حضوري" جو شعر هي تولاءِ آهي ڄڻ تلوار

ايترو کائو جيترو هضم ٿي سگهي

مولانا جو هي مُلڪ ۾ موجود ڪرپشن جهڙي ناسور تي لکيل آرٽيڪل آهي. سندس هي آرٽيڪل روزاني عوامي محاذ ڪراچي جي جلد نمبر 21، شمارو 226 تاريخ 25 آگسٽ 2017ع بروز جمعو ۾ ڇپيو آهي. سندس هن مضمون ۾ ماروئڙن جا وهندڙ ڳوڙها، سندن اهنج ۽ ڏکيائيون صاف نظر اچن ٿيون، پاڻ هن مضمون ۾ سانگين جا سُور بيان ڪري اقتدار ڌڻين ۽ واڳ ڌڻين جي ضمير کي جنجهوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪرپشن جي لعنت جي وَر چڙهيل پنهنجي سماج جي عڪاسي ڪري ايوانن ۽ طاقتور ڪرسين تي براجمان آفيسرن ۽ نمائندن کي پڪاري سندن سُور ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين. ان سان گڏ کين للڪاريو بہ اٿائين تہ پنهنجي ڪردار کي سڌاريو، پنهنجي ناجائزين کان باز اچو. پنهنجي معاشري جي راشي آفيسرن جي عهدن تي رهڻ سبب جيڪي هو رشوتون وٺن ٿا جو ذڪر ڪيو اٿائين. آخر ۾ انهن راشي ماڻهن کي عرض ڪيو اٿائين تہ گهٽو کاڌو اٿوَ هاڻي بس ڪيو ۽ هن مُلڪ تي رحم ڪيو.

اجا کي آهين کل جڳ ۾ کاپڙي!

مولانا حبيب حضوري جو هي مضمون سندس استاد محترم مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جن جي سوانح ۽ علمي، ادبي، ديني ۽ سماجي خدمتن جي باري ۾ علم سان

ٽمٽار آهي. سندس استاد محترم کي سندس خدمتن عيوض پنهنجي دوستن سان گڏجي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ميهڙ منجهان نڪرندڙ هفتيوار اخبار ” سچ جو آواز “ جو خصوصي شمارو هڪ رسالي جي صورت ۾ مرتب ڪري ڇپرائي پڌرو ڪيائين. هن رسالي تي مهينو ۽ سال لکيل ڪونہ آهي. هي رسالو باک ڦٽي پبليڪشن طرفان ڇپرايو ويو. هن رسالي جي صفحي نمبر 10 ۽ 11 تي مولانا حبيب حضوري جو پنهنجي استاد محترم تي لکيل هي مضمون شامل آهي. هن مضمون ۾ مولانا حبيب حضوري صاحب پنهنجي استاد جي سوانح ۽ خدمات جي باري ۾ تفصيل سان لکيو آهي. سندس هي مضمون مولانا مفتي ڪريم بخش صاحب جي باري ۾ ڪافي معلومات فراهم ڪري ٿو.

ڇا ڪڏهن ڪابل بہ سنڌ سان تعزيت ڪئي آهي؟؟

مولانا حبيب حضوري هي مضمون طالبان جي باري ۾ لکيو آهي. سندس هي مضمون ” روزاني بختور حيدرآباد “ ۾ 16 آڪٽوبر 1996ع ۾ ڇپيو. ان وقت ۾ سنڌ جي ” جيئي سنڌ محاذ “ تحريڪ جي سرواڻ محترم عبدالواحد آريسر هڪ بيان ڏنو تہ ” ڏاڙهي پوش غنڊا طالبان وانگر سنڌ ۽ ٻين صوبن تي قبضو ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري ايندا“. سندس انهيءَ بيان جي رد عمل

۾ مولانا حبيب حضوري صاحب هي مضمون لکيو. ان ڳالھ جي وضاحت پاڻ ئي پنهنجي هن مضمون ۾ ڪري ڇڏي اٿائين.
سندس حق تي قلم هلائڻ جي همت ۽ حق سچ لکڻ جي بيباڪيءَ جي ثبوت طور سندس هي مضمون جيئن جو تيئن قارئين جي نظر ڪجي ٿو.

ڇا ڪڏهن ڪابل ۾ سنڌ سان تعزيت ڪئي آهي؟

مون کي اخبار پڙهڻ جو موقعو گهٽ ملندو آهي، جي ملندو به آهي به ته مان خاص خاص خبرون پڙهي وٺندو آهيان. جمعو چوٿين آڪٽوبر واري اخبار پڙهيم ته ان ۾ هڪ خبر سنڌ جي ڏاهي ۽ چوٿين دنيا جي مفڪر محترم عبدالواحد آريسر صاحب جي حوالي سان هئي ته " ڏاڙهي پوش غنڊا طالبان وانگر سنڌ ۽ ٻين صوبن تي قبضو ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري ايندا". هاڻي سوچڻ جي ڳالھ اها آهي ته طالبان تحريڪ کي ڪيترو وقت گذريو آهي ۽ جيئي سنڌ تحريڪ يا محترم عبدالواحد آريسر جي " جيئي سنڌ محاذ " ۽ ٻين سنڌي تحريڪن کي گهڻو عرصو گذريو آهي. طالبان ٿورڙي عرصي ۾ ڪيئن ڪامياب ٿيا ۽ اسان کي سال ٿيا آهن جيئي سنڌ جو نعرو هڻندي، اسين ڇو ناڪام وڃون ٿا. منهنجي خيال ۾ طالبان جي ڪاميابي جو راز اهو آهي ته هو لٻاڙي، ڪاهل، سست، ڊيڄو، مصلحت پسند ۽ لفاظي ڪندڙ بي عمل ناهن. پر هو متحد، منظم، بهادر، سچار ۽

عامل ڪامل آهن. محترم عبدالواحد آريسر صاحب ته اڄايو ڏاڙهي ڪوڙائي. انهيءَ ڪان ته بهتر هو ته ڏاڙهي پوش غنڊو بڻجي ڌارين کي سنڌ مان ڀڄائي ڪڍي ها! ۽ انهن سيني طالبان جابرن ۽ غاصبن کي سرعام قاسي تي ٽنگي ها، جن سنڌ جي ڌرتي کي ڦٻايو آهي ۽ سنڌين کي غلام بڻايو آهي.

اسان جي قوم الائي ڇو مرده پرست بڻجي چڪي آهي. ڪامريڊ نجيب جيڪو ڪيترن ئي سالن کان زنده هيو ويچارو اقتدار وڃائڻ کان پوءِ اقوام متحده جي ڪابل واري سفارتخاني ۾ پناھ گزين هو ته ڪنهن ويچاري جي سار سنڀال نه پئي لڌي ته ڏکيو آهي الائي سُکيو، الائي ڪيئن پئي مرحوم جي زندگي گذري، پر جڏهن ڪيس شهيد ڪيو ويو ته هاءِ گهوڙا شروع ٿي هئي. ڪامريڊن جي وٽ وٺان کان پوءِ خبر پئي ته نجيب جيئرو هو. جنهن سان ظلم ٿيندو آهي، ان کي ئي خبر هوندي آهي ته منهنجو دشمن ڪير آهي؟ پنهنجي دشمن کي سزا ڏيڻ ۾ حق بجانب هوندو آهي." اڳتي مولانا صاحب پنهنجو درد بيان ڪري ٿو ته نجيب به ڌارين ملڪن لاءِ پنهنجا دروازا کولي ڇڏيا هئا ۽ پنهنجن سان غداري ڪري سورهن لک افغاني غيور مسلمانن کي شهيد ڪرايو هو. مولانا ايترو لکي اهو سوال اٿاري ٿو ته ڇا اهي سڀ مسلمان نه هئا؟ انهن کي ڪو اولاد نه هو؟ انهن جي اوسيئڙي ۾ ڪي ونيون ڪونه هيون؟ انهن جي شفقت لاءِ هي معصوم مبهم پريشان ڪونه هوندا؟ جيڪڏهن انسانيت جي ناتي

اسان جا ڪامريڊ سوچن ها تہ اهي بيان ڪونہ ڏين ها! پر شايد هو پنهنجي همنوا کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي انسان سمجهن ئي ڪونہ ٿا. عجب جهڙي ڳالهہ آهي تہ سڄي دنيا ۾ مسلمانن سان ناحق، ڪِيس، قتل غارتگري ۽ طرح طرح جو ظلم ٿي رهيو آهي، پر ڪامريڊ چپ آهن. ڇو تہ مسلمان ٿا مارجن، جيڪي هنن جي نظرن ۾ انسان ئي ناهن. جيڪڏهن حمايت ڪريو ٿا تہ بوسنيا جي ڪريو، جن سان ههڙي ترقي يافتہ دور ۾ بہ وحشي درندن وارو سُلوڪ ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن توهان کي ترس ٿو اچي تہ چيچن مسلمانن تي ڪائو جن تي اوهان جو ڪعبو قبلو روس ظلم ڪري رهيو آهي، جن جا لاش بدبودار بڻجي چڪا آهن ۽ انهن کي ڪو دفن ڪرڻ وارو ڪونهي، جن جي تہ غائبانہ جنازي نماز پڙهڻ وارو بہ ڪو نہ آهي. ڪيترا مثال ڏيان. فلسطين ۾ يهودين جو فلسطينين سان سُلوڪ ڏسو، سريلنڪا ۾ تامل سان زيادتيون ڏسو، عراق ۾ ڪُرد مسلمانن سان ايران ۾ سُني مسلمانن سان ڇا ٿي رهيو آهي؟ ڇا انهن کي پنهنجي مذهب جي پرچار ڪرڻ جي، مسجدن ۽ مدرسن کولڻ جي، سُني طريقي تي نماز پڙهڻ ۽ آذان ڏيڻ جي اجازت آهي؟ اتي ڪامريڊ ڇو خاموش آهن؟ هر انسان کي ان جو حق وٺي ڏيڻ گهرجي پر ڪامريڊ ويچارا ڪن ڇا؟ پوءِ مٿئي بيانڙا ڏياريو پنهنجي مئل تحريڪن ۾ ساهہ وجهون وينا آهن.

پليجي صاحب جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! ان وري بيان ڏئي ڇڏيو تہ " افسوس جو نجيب ڪامريڊ کي بچائي نہ سگهياسين. ڀائي اسان پنهنجا ڪهڙا هيرا ۽ جوڌا جوان بچائي سگهيا آهيون؟ يا عالمي ادارا ڪهڙي مظلوم کي اڄ تائين بچائي سگهيا آهن. اسان قديم سنڌ جي تاريخ ۾ موٽي ڪونہ ٿا وڃون، ماضي قريب کي ٿا ڏسون. ڇا ذوالفقار علي ڀٽو کي بچائي سگهياسين؟ ڪامريڊ فاضل راهو کي بچائي سگهياسين؟ جي ايم سيد کي مرندي گهڙي تائين جيل مان آزاد ڪرائي سگهياسين؟ شهيد مير مرتضىٰ ڀٽو کي بچائي سگهياسين؟ اسان پنهنجي پيارن، پنهنجن جوڌن کي ئي ڪونہ بچائي سگهيا آهيون تہ سوين ميل پري واري نجيب کي ڪيئن بچائي سگهون ٿا؟ "

اسان رڳو لاشن تي ماتم ڪري ڄاڻون ٿا ۽ لاشن تي سياست ڪرڻ اسان کان ڪو سکي. ٻيو وري سنا سنا اخباري بيان نالڙي کي روشن ڪرڻ خاطر ڏيڻ جا بيحد شوقين آهيون. وري ٻئي هڪڙي دوست لکيو تہ " اي ڪابل سنڌ جي تعزيت قبول ڪر" فاضل مضمون نگار محترم اخلاق احمد جوکيو کي اڄ آءٌ ايترو چوندس تہ ڇا ڪابل بہ ڪڏهن سنڌ سان تعزيت ڪئي آهي؟ جو اوهان ڪابل سان سنڌ جي تعزيت ٿا پيش ڪريو؟ سنڌ کي تہ سدائين ڪابل ۽ قنڌار کان جو ڪو رسيو آهي. سيني پڙهيلن کي خبر آهي تہ سنڌ جي هيءَ چوٽي ڪافي آهي تہ " سنڌڙي تو کي سدائين ڪابل مان جوکو". ويجهي ٿا اچون ڇا

محترم جي ايم سيد، شهيد فاضل راهو، ٽنڊي بهاول جي شهيدن جي اوهان سان ڪابل جي شهيد نجيب الله اوهان سان يا سنڌ سان تعزيت ڪئي آهي؟ جو اوهان سنڌ جي طرفان ڪابل سان ٽا تعزيت ڪيو؟

آءٌ محترم عبدالواحد آريسر صاحب کي چوندس ته جيڪڏهن اوهان غفلت کان ڪم ورتو ۽ تنظيم کي ڌڙابندي جو شڪار ڪيو يا ذاتي مفادن کي قومي مفادن تي ترجيح ڏني ۽ سنڌ جي قومي بقا ۽ سلامتي واري مسئلي کي سرد خاني ۾ رکي ڇڏيو ته پوءِ عنقريب ڏاڙهي پوش غنڊا طالبان جو روپ وٺي توهان جي لونڊڙين تي ريوالور اچي رکندا ۽ اجرڪ پوش انهن جو مقابلو ڪونه ڪري سگهندا، توهان محڪوم ۽ غلام بڻجي ويندؤ. ان ۾ نه طالبان کي ڏوهي بڻايو ۽ نه ئي ٻئي ڪنهن کي. جڏهن اوهان گهر جي چوديواري کي مضبوط نه ڪري سگهيا آهيو ۽ گهر جا ڀاتي به اوهان سان ٻَڌل ناهن ته پوءِ اوهان جي حفاظت ڪير ڪندو. اوهان جي حفاظت جا امڪان گهٽ ۽ اوهان جي ختم ٿي وڃڻ جا امڪان روشن آهن. طالبان ايترو ته ڪم ڪيو آهي جو ڪاٽي رهيو ڪابل ڪٿي رهيو عمرڪوٽ. اوهان کي ئي خوفزده ڪري وڌو اٿن.

مان وري به عرض ڪندس ته آءٌ طالبان جي تحريڪ جو حمايتي آهيان نه ئي انهن کي هتي آڻڻ جو قائل آهيان، پر اهو قدرت جو فطري قانون آهي ته جنهن ۾ صلاحيت هوندي پاڻ

بچائڻ جي، پنهنجي دفاع ڪرڻ جي، اهو ئي زنده رهندو باقي غير صالح افراد صفئہ هستي تان مٽجي ويندا. محترم سائين جي ايم سيد پنهنجي تمام گهڻن ڪتابن ۾ لکيو آهي جن دوستن سائين جا ڪتاب پڙهيا هوندا يا مطالعو ڪيو هوندو انهن کي خبر هوندي ته هي بقائي اصلح جو زمانو آهي جنهن به فرد يا قوم ۾ صلاحيت هوندي اها دائم قائم رهندي، جنهن جا افعال بڇڙا هوندا اها انهيءَ قانون تحت ختم ٿي ويندي.

مولانا حبيب حضوري جو هڪ ٻيو اهڙو بيباڪيءَ سان ڀريل مضمون جيڪو ان وقت جي اخبارن ۾ ڇپيو، قارئين جي نظر ڪجي ٿو:

هڪ قوم پرست کي پاڪستان بچائڻ جو فڪر ڇو؟

اڄ ڪلهه طالبان تحريڪ جي باري ۾ هر جاءِ تي تبصرا، گرم گرما بحث مباحثا ٿيندا رهن ٿا. عام ماڻهوءَ کان وٺي سياستدانن تائين طالبان ئي موضوع بڻيل آهن. اخبار کان وٺي ٽيليويزن تائين ۽ ڊش اينٽينا تائين طالبان تحريڪ کي وائکو ڪري عوام تائين تازه ترين نتائج پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

هر سنڌي ماڻهو وانگر آءٌ به وقت سر ڪانه ڪا اخبار ڏسي وٺندو آهيان نه ته ريڊيو ٻڌندو آهيان ته ٿوري گهڻي خبر پَوي ته دنيا ۾ ڇا پيو وَهي واپري. پياري پاڪستان ۾ سياست ڪٿي

پهتي، تازه ترين واقعا جيڪي رونما ٿين ٿا انهن تي مختلف سياستدانن جو ڪهڙو رد عمل آهي وغيره وغيره

اڄ جڏهن مون ڪي ڇهين آڪٽوبر 1996ع وارو ڪاوش اخبار جو پرچو هٿ آيو ته پڙهڻ شروع ڪيم. هڪ خبر جنهن تي آءٌ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ چاهيان ٿو اها ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين محترم ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب جن ڏانهن منسوب ٿيل آهي.جنهن ۾ هن چيو آهي ته ” حڪمرانن طالبان جي رت جي راند بند نه ڪرائي ته پاڪستان ٽٽي پوندو.“ دل ۾ چيم ته اها ته تمام سٺي ڳالهه آهي! پوءِ ته اسان کي طالبان جي مڪمل مدد ڪرڻ گهرجي. اهو ڪم جيڪو جي ايم سيد نه ڪري سگهيو ۽ وڃي رب کي پهتو، اها ديوار جنهن کي محترم رسول بخش پليجو نه ڪيرائي سگهيو، نيٺ ٽڪجي هٿ کڻي ويو. اهو پاڪستان جنهن جي ٽوڙڻ لاءِ جيئي سنڌ ترقي پسند پارٽي ٺاهي وئي ۽ جڏهن ڏٺو ويو ته هي پاڪستان ڪونه ٽٽندو، پاڪستان جي فوج سان ٽڪر کائڻو پوندو، ماڻهو مارائڻا پوندا، سِر قربان ڪرڻا پوندا، ته وري سنڌ ترقي پسند پارٽي ٺاهي وئي. يعني جيئي سنڌ وارو جملو ڪڍيو ويو. اهو ڪم جيڪڏهن طالبان ڪري ٿا ڏين ته ان ۾ اسان کي خوش ٿيڻ گهرجي. هڪ شيءِ آهي جنهن کي اسان ٽوڙڻ ٿا چاهيون پر اسان وٽ ايترا وسائل نه آهن يا ايتري طاقت نه آهي، پر ڪو ماڻهو اسان جي ان ڪم ۾ مدد ڪري اسان کي اها شيءِ ٽوڙي ٿو ڏئي ته اسان کي ان جو شڪر گذار ٿيڻ

گهرجي، ان جي خلاف واويلا ڇو ڪجي. سائين جي ايم سيد ته ڪنهن هنڌ اهو لکيو هو ته ” پاڪستان جي ٽوڙڻ ۾ جيڪڏهن شيطان به اسان جي مدد ڪندو ته اسان ان جي مدد وٺنداسين.“ الائي ڇو اسان جا ڪامريڊ هاڻي وري پاڪستان کي بچائڻ ٿا گهرن ۽ حڪمرانن کي خبردار ٿا ڪن ته پاڪستان وڃيوَ ٿو خيال ڪجو. بابا! اوهان کي پاڪستان بچائڻ جو مرض ڪڏهن کان لڳو آهي؟ اوهان جا ئي فلڪ شگاف نعرا اسان جي ڪنن ۾ اڄ تائين ٻري رهيا آهن ته ” ڊاهينداسين ڊاهينداسين پاڪستان ڊاهينداسين.“ ڪالهه توهان ان جي ڊاهڻ جي ڳالهه پئي ڪئي، اڄ وري ان جي حفاظت خاطر ڪمربسته ٿي بيهي رهيا آهيو!. اوهان کي گهر ويٺي ٻيو ٿو اهو ساڳيو ڪم ڪري ڏئي ته پوءِ ناراض ڇو آهيو؟ مڪڻ مڪيندي اوهان جو مٿو ڇو ٿو سڙي؟ يا ڪجهه دال ۾ ڪالا هي؟

طالبان جو مقابلو پاڪستان جي سر زمين تي يا وري سنڌ جي ڌرتيءَ تي وري به مذهبي جماعتون ڪنديون ۽ ڪري سگهن ٿيون. ڇو ته زهر کي زهر ماريندو آهي، لوهه کي لوهه ڪٽيندو آهي ۽ شيشي کي وري به هيرو جيڪو خود شيشي نما هوندو آهي ڪٽيندو آهي. جماعت اسلامي جو اڳواڻ قاضي حسين احمد، مولانا شاهه احمد نوراني ۽ جمعيت علماءِ پاڪستان جا اڳواڻ طالبان جي مخالفت ۾ بيان ڏئي چڪا آهن. باقي اوهان کان اهو ڪم ڪونه ٿي سگهندو. هي اهي ڪتابي آهن جن اُٺ مسيت تي

چاڙهيو هو، جيڪي اڄ بہ برطانيہ جي ناهيل بندوق سان ملڪ فتح ڪيون وينا آهن. انهن سان اوهان ۽ اسان جي پيٽ ڪونہ آهي، بهتر ٿيندو تہ انهن جو ساٿ ڏيون تہ پلي پاڪستان کي ٽوڙن.

مٿي لکيل ٻنهي مضمونن ۾ مولانا حبيب حضوري جي بيباڪي ۽ جرئت کي ڏسي سگهجي ٿو. مولانا سچ جو جيڪو آئينو ڏيکاريو آهي اهو ڏيکارڻ تمام گهڻو ڏکيو ۽ جان هٿيلي تي رکڻ جي مترادف عمل آهي. مولانا صاحب قوم پرستي ۽ وطن پرستيءَ جو جيڪو حسين امتزاج پيش ڪيو آهي اهو عوام ۽ ايندڙ نسل لاءِ هڪ سبق آهي. اصل قوم پرستي جي بقا ئي وطن پرستيءَ سان جڙيل هوندي آهي. جڏهن وطن ئي نہ رهيو تہ پوءِ قوم ڪيئن رهندي ۽ قوم جي بقا پوءِ ڪيئن ممڪن آهي. اسان جي عوام جو جيڪو سڀ کان وڏو الميو اهو آهي تہ اسان واقعي وڏيون وڏيون ڊاڙون ۽ لباڙون ئي هڻندا آهيون باقي عملي ڪم کان آڱوٺو هوندو آهي ۽ اسان وقت اچڻ تي پنهنجي موقف کان ايئن ڦري ويندا آهيون جيئن توهان مٿي لکيل مضمونن ۾ تحريڪن جي اڳواڻن جا بيان بہ پڙهيا. اسان جو طالبان سان پاڙيسري هجڻ جو رشتو آهي، اسلامي اخوت آهي باقي اسان ڪڏهن چاهيو هو تہ طالبان تحريڪ جي حمايت ڪجي. اسان تہ پنهنجي سنڌ امڙ جي بقا خاطر ئي سڀ سُور سنا آهن. سنڌ

جي بقا ئي اسان سنڌين جي جيون جو ڪارڻ آهي. پاڪستان اسان جو وطن آهي ان لاءِ بہ اسان پنهنجي جان قربان ڪرڻ لاءِ بہ هر وقت تيار رهون.

هاءِ اسڪول وَن ميهڙ جي ذهين شاگرد راشد علي پنڀ سان ڳالهہ ٻولهہ

مولانا حبيب حضوري هاءِ اسڪول جي ذهين شاگرد راشد علي پنڀ جو انٽرويو ورتو جيڪو ميهڙ منجهان نڪرندڙ هفتيوار اخبار " سچ جو آواز " جي جلد 3 شمارو 30، جيڪا 3 مئي کان 10 مئي 2017ع ۾ ڇپيو. مولانا صاحب جو ورتل هي انٽرويو سندس ۽ ان شاگرد جي انٽرويو دوران ورتل تصوير سان ڇپيل آهي. مولانا صاحب هن انٽرويو ۾ ڪانئس 21 سوال ڪيا جن جو راشد علي پنڀ ڪنهن ڏاهي ۽ داناءَ انسان جيان جواب ڏنا آهن. هي انٽرويو نوجوان نسل جي اصلاح لاءِ هڪ بهترين معاون ثابت ٿي سگهي ٿو. هن انٽرويو کي پڙهي ان تي عمل ڪرڻ گهرجي.

مولانا حبيب الله ڏيرو شروع کان ئي محنتي ۽ ذهين رهيو آهي، سندس اکر موتي داڻن مثل آهن، پاڻ لکڻ جو شروع کان ئي ڪوڏيو رهيو آهي. طالب علمي واري دور ۾ مدرسي جي حالات ۽ آسپاس جي خبرن تي مشتمل اخبار پنهنجي هٿ سان لکندو هو. سندس انهيءَ محنت منجهان اندازو ٿي وجي ٿو تہ

ڪيس ادب ۽ ادبي خدمت سان ڪيتري محبت هوندي هئي. پاڻ پنهنجي استاد محترم مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جو ڪتاب ميهڙ جون ديني درسگاهون فيئر ڪري ڪمپوزر کي ڏنائين. اها ئي ڳالهه مفتي صاحب جي فرزند محمد امين مگسي صاحب ڪتاب " ميهڙ جون ديني درسگاهون " جي مهاڳ ۾ محترم مولانا حبيب حضوري جي شڪريه ادائگي لاءِ لکي آهي.

ميهڙ تعلقي جا برک عالم سڳورا

مولانا حبيب حضوري ميهڙ تعلقي جي اهل علم بزرگ هستين جي زندگيءَ جي باري ۾ معلومات کي سهيڙي قلمبند ڪيو. انهيءَ معلومات کي علمي مضمون جي شڪل ڏئي ميهڙ منجهان ڇپجي منظر عام تي ايندڙ ماهوار رسالي "سالار" جي جشن ميهڙ واري شماري ۾ 2004ع ۾ "ميهڙ جا برک عالم سڳورا" جي نالي سان ڇپرايو. هي مضمون مولانا حبيب حضوري جو عالم سڳورن سان لڳاءُ ۽ انهن جي باري ۾ معلومات کي سهيڙڻ ۽ قلمبند ڪرڻ لاءِ حريص هجڻ جو ثبوت آهي. سندس هي مضمون رسالي جي صفحي نمبر 40 کان 48 تائين ڇپيل آهي. هي علمي مضمون ميهڙ جي عالمن سڳورن جي حيات ۽ خدمات جي باري ۾ هڪ بي بها انمول هيرو چئي سگهجي ٿو.

هن مضمون ۾ مولانا صاحب شروع ۾ لکي ٿو ته ميهڙ تعلقي ۾ هڪ تحقيق مطابق هڪ سؤ مدرسا هئا، انهن مدرسن

منجهان وڏا وڏا علم جا سگر عالم سڳورا پڙهي فراغت حاصل ڪري ديني علم جي اشاعت جي خدمت ۾ پنهنجون زندگيون وقف ڪري چُڪا آهن. انهن سڀني عالمن سڳورن جي باري ۾ لکڻ لاءِ مضمون جي بجاءِ هڪ زخيم ڪتاب جي ضرورت پوندي. انهيءَ ڪري هن مضمون ۾ صرف ڪجهه عالمن سڳورن جو احوال پيش ڪجي ٿو. هن مضمون ۾ پهرين بزرگ هستي مولانا الهه بخش مهيسر صاحب (پيپري مهيسر وارو) جو احوال لکيو اٿائين، ان کان پوءِ مولانا محمد آگرو صاحب جي زندگي ۽ خدمت بابت وضاحت لکي اٿائين. انهيءَ کان پوءِ مولانا شفيع محمد مسجدي جي زندگي ۽ خدمات تي سُٺي وضاحت ڪئي اٿائين. هن مضمون ۾ مولانا حبيب حضوري صاحب کان مولانا شفيع محمد مسجدي صاحب جي باري ۾ جيڪا غلط فهمي ٿي ان جي به وضاحت ڪندو هلان ته : مولانا حبيب حضوري مولانا شفيع محمد صاحب جي باري ۾ لکندي ڪيس سوڍار ذات سان جوڙيو آهي. حالانڪ مولانا حبيب حضوري ميهڙ جو باشندو آهي ۽ ڪيس چڱي ريت اها ڄاڻ آهي ته ميهڙ ۾ سوڍر ذات وارا رهندا آهن باقي سوڍار ذات جو هتي ڪو نالو نشان به نه آهي. مولانا شفيع محمد ذات جو سوڍر هو ۽ ڳوٺ سوڍاري مسجد ۾ پيدا ٿيڻ، اتي ئي سندس بچپن گذرڻ ۽ اتي ئي تحصيل علم کان بعد تدريسي، تقريري، تحريري ۽ منصفانه خدمت ڪندي پنهنجي زندگيءَ جا سمورا ڏينهن گذاريائين. سندس تعلق سوڍاري مسجد سان هئڻ

ڪري پاڻ پنهنجي شاعري ۾ نالي سان مسجدي جو تخلص استعمال ڪندو هو. پاڻ ڪي سوڍر ڪان وڌيڪ مسجدي سڏرائڻ پسند ڪندو هو. ان وقت پاڻ مولانا مسجدي جي ئي نالي سان مشهور و معروف هو. سندس تحصيل علم واري دور ۾ مولانا حبيب حضوري لکي ٿو ابتدائي تعليم ڳوٺ اشرف سوڍاري مان حاصل ڪيائين. انهيءَ ڳوٺ جو نالو اشرف سوڍاري نه بلڪ اشرف سوڍر آهي. انهيءَ ڳوٺ ۾ رهندڙ ٽن عالم ڀائرن جن وٽان مولانا شفيع محمد مسجدي علم حاصل ڪيو جو ڪجھ احوال پيش ڪيو اٿائين. انهيءَ احوال ۾ مولانا غلام رسول سوڍر جو عربي مقطع ۽ مطلع پيش ڪيو اٿائين. اڳتي جڏهن مولانا شفيع محمد مسجدي جي پپري ۾ حافظ عبدالله ”رضي“ وٽ علم حاصل ڪرڻ واري ڳالھ لکي اٿائين ته اتي حافظ رضي جي عربي شاعري جو به نمونو پيش ڪيو اٿائين. انهي ڪان پوءِ مولانا مسجدي جي زندگيءَ جو احوال لکيو اٿائين. انهيءَ ڪان پوءِ علامہ عطاءُ الله فيروزشاهي جي زندگي ۽ خدمات تي ڪافي لکيو اٿائين. اڳتي هلي انهيءَ مضمون ۾ مولانا محمد عثمان مهيسر جي باري ۾ وضاحت ڪري وري مولانا محمد سليمان نوناري جي زندگي ۽ خدمات جي وضاحت ڪئي اٿائين، ان ڪان اڳتي مولانا عبدالڪريم ديروي جي باري ۾ ڪافي علمي ڄاڻ سان ڀرپور وضاحت ڪري مولانا قاري محمد ڏيرو صاحب جي باري ۾ ڪافي علمي وضاحت ڪئي اٿائين. ان ڪان اڳتي هلي

مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جي باري ۾ رقم طراز ٿيو آهي ۽ ڪافي سير بحث ڪيو اٿائين. آخر ۾ مولانا عبدالوهاب گلال صاحب جي باري ۾ لکي پنهنجي مضمون جو اختتام ڪيو اٿائين.

مولانا حبيب حضوري جو هي علمي مضمون اسان ميهڙ وارن تي عظيم احسان ته آهي پر انهيءَ سان گڏ علمي پروانن جي پياس اجهائڻ لاءِ به عظيم ڪارخير ڪيو اٿائين.

امين محبتن جو امين هو

ميهڙ جي مشهور و معروف علمي شخصيت حضرت مولانا مفتي ڪريم بخش مگسيؒ جو وڏو فرزند ارجمند محمد امين مگسي مرحوم مولانا حبيب حضوري جو گهاٽو ۽ گهڻ گهريو دوست هو. جنهن جو وڇوڙو ٻين جنوري 2021ع تي سائوٿ سٽي اسپتال ڪراچي ۾ ٿيو. محمد امين مگسي صاحب جي شخصيت ۽ ڪردار تي سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ طرفان هڪ ڪتاب مرتب ڪري ڇپرايو ويو. انهيءَ ڪتاب جو نالو ”دل جي ڌرتيءَ تي ڪيرٿر آهين“ رکيو ويو. هن ڪتاب ۾ مختلف اهل علم ماڻهن جا محمد امين مگسي تي لکيل مضمون، تاثرات ۽ منظوم پيٽا ڪي شامل ڪيو ويو آهي. محمد امين مگسي صاحب مولانا حبيب الله جو هم درس ساٿي ۽ گهرو دوست هئو، انهيءَ ڪري مٽس لکيل مضمون ”امين محبتن جو امين هو“ جي نالي

سان هن ڪتاب جي صفحي نمبر 88 ڪان صفحي نمبر 93 تائين ڇهن صفحن تي مشتمل ڇپيل آهي. مولانا صاحب پنهنجي هن مضمون ۾ محمد امين مگسي صاحب جي زندگي، خدمتن، ڪردار ۽ شخصيت تي ڪافي علمي انداز ۾ طائرانہ نظر وجهي سندس سوانحي خاڪو پيش ڪيو آهي. مولانا صاحب هن مضمون ۾ لکي ٿو تہ محمد امين مگسي صاحب ميهڙ ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊميءَ جو بنياد وڌو. جنهن جي پليٽ فارم تان 1997ع ۾ ڪتاب ”جوڳيئڙا جهان ۾“ ڇپرايائين. سندس هن ڪتاب ڏاڍي شهرت ماڻي. انهيءَ ڪان بعد هن ئي پليٽ فارم تان ٻيو ڪتاب 2010ع ۾ ”مگسي قبيلو تاريخ ۽ تحقيق جي روشنيءَ ۾“ ڇپرايائين. ان ڪان اڳتي مولانا صاحب محمد امين مگسي صاحب جي خدمتن بابت وضاحت سان لکيو آهي. هن مضمون ۾ اها بہ وضاحت ڪئي اٿائين تہ محمد امين مگسي صاحب پنهنجي والد صاحب جي ڪافي ڪتابن کي سهيڙي ڇپرايو هو. اڳتي مولانا صاحب سندس ملازمت ۽ سياسي سماجي خدمتن تي رقم طراز ٿيو آهي. هن مضمون جي آخر ۾ محمد امين مگسي صاحب جي وفات جو ذڪر ڪري، سندس پيئرن ۽ اولاد جو ذڪر ڪري آخر ۾ جنت جي دعا ڏئي مضمون کي مڪمل ڪيو اٿائين.

اسان جو سهارو

هي منظوم پيڙا مولانا حبيب حضوري صاحب پنهنجي پياري دوست مرحوم محمد امين مگسيءَ کي ڏني آهي. هي نظم محمد امين مگسي صاحب جي شخصيت ۽ ڪرادر تي ڇپرايل ڪتاب ”دل جي ڌرتيءَ تي ڪيرٽر آهين“ جي صفحي نمبر 171 تي ڇپيل آهي. اها منظوم پيڙا هن ريت آهي.

ڪيان ڳالهہ ڪهڙي اوهان سان ادا،
سڀن ڪان پيارو هو محمد امين!

اسان جو تہ ويو ساٿ لٽجي سفر ۾،
اسان جو سهارو هو محمد امين!

پلي شمس، ڪتيون، ادب ۾ هجن،
ادب جو ستارو هو محمد امين!

ڪيان وصف ڪهڙي اوهان سان بيان،
طبيعت ۾ هو نيارو محمد امين!

سچي ساٿ جو چڻ تہ سرواڻ هو،
وڏي ڀاڳ وارو هو محمد امين!

لکت ۾ ڏئي ڪيئي دفتر ويو،
ادب ۾ سگهارو هو محمد امين!

ڪيئي سير مان بيڙيون تاريون سڄڻ،
ڪپر ۽ ڪنارو هو محمد امين!

ڪڏهن مونجهہ من ۾ نہ پيدا ٿئي،
جڏي جيءَ جيارو هو محمد امين!

سچو وقت وينا ڏسون يار ڪي،
نظر جو نظارو هو محمد امين!

حضوري جماعت مان رونق وئي،
منو مانوارو هو محمد امين!

ميهڙ جي مَهان هستي چاچا عبدالڪريم ٻگهيو

ميهڙ جي انيڪ معزز ۽ مقدس شخصيتن جي فهرست ۾ هڪ نالو مرحوم حاجي عبدالڪريم ٻگهيو جو بہ شامل آهي. جن ماڻهن پنهنجو جيون ۽ جيون جي ڪُل ڪمائي سماجي خدمتن لاءِ وقف ڪري ڇڏي، انهن ۾ حاجي عبدالڪريم هڪ روشن ستارو هو. هن انسانيت جي همدرد شخصيت جي خدمتن ۽ زندگيءَ بابت مولانا حبيب حضوري جو لکيل هي مضمون " ميهڙ جي مَهان هستي چاچا عبدالڪريم ٻگهيو" جي نالي سان ڪتاب "جُڳ جُڳ سي جيئن" جي صفحي نمبر 41 کان 45 تائين پنجن صفحن تي مشتمل ڇپيل آهي. هن مضمون ۾ مولانا صاحب حاجي عبدالڪريم ٻگهيو صاحب جي سوانح حيات، علمي استعداد، ڪردار، خدمات ۽ صفات کي قلمبند ڪري اسان ميهڙ ۽ سنڌ وارن مٿان علمي احسان ڪيو آهي. مولانا صاحب هن مضمون ۾ حاجي عبدالڪريم ٻگهيو صاحب کي منظوم پيٽا پڻ ڏني آهي. جيڪا هن طرح آهي:

صدا احترام لائق عبدالڪريم حاجي،
طبيعت سهڻي جو مالڪ عبدالڪريم حاجي،

آجو رهيو عمر ڀر دولت جي دردن کان،
علم و ادب جو عاشق عبدالڪريم حاجي،

اخلاق پيي مٿاهون، ڪردار پيي مٿاهون،
قول و عمل ۾ صادق عبدالڪريم حاجي،

واڪاڻ جاهلي آ، سرهاڻ جا ڪلي آ،
لاشڪ هو ان جو لائق عبدالڪريم حاجي،

ماڻهو موتي يگانو، لفظن جو هو خزانو،
سنڌي ٻولي جو سالڪ عبدالڪريم حاجي،

انساني جامي ۾ هو نوراني ڪو فرشتو،
ماڻهو مُڪو مالڪ عبدالڪريم حاجي.

استاد ۽ شاگرد

استاد

مولانا حبيب الله حبيب حضوري جا اساتذه ڪرام گهڻا رهيا آهن.
انهن منجهان ڪجهه جا نالا هن ريت آهن:

1. مولانا غلام حيدر چنو
2. استاد عبداللطيف سولنگي
3. استاد جان محمد چانڊيو
4. قاري حافظ ابوبڪر رند
5. مولانا قاري سعيد احمد ڏيرو
6. مولانا تاج محمد سڏايو
7. مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي
8. مولانا ڏتي بخش لغاري
9. مولانا سيد جمال الدين شاهه
10. مولانا مفتي عبدالرؤف
11. مولانا بحرالعلوم
12. مولانا مفتي شمس الدين
13. مولانا قاضي عبدالله

شاگرد

مولانا حبيب الله صاحب درس نظامي به پڙهائي آهي ته ان سان گڏ تقريبًا 32 سال عربي معلم طور مختلف اسڪولن ۾ پڙهايو آهي. ان ڪري سندس اسڪولي شاگردن جو تعداد هزارن تائين پهچي وڃي ٿو. طوالت کان بچڻ لاءِ صرف انهن شاگردن جا نالا رقم ڪجن ٿا جيڪي وٽس مدرسه عربيه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ درس نظامي پڙهيا.

1. سيد حافظ غلام مصطفىٰ شاهه سابق مُدرس القرآن مدرسه عربيه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۽ عربي معلم هاءِ اسڪول ٽرڙي محبت
2. مولانا محمد عالم خضري مُدرس مدرسه درگاهه بابا صلاح الدين ڪوٽڙي
3. مولانا باقي بالله خضري سابق مُدرس مدرسه مولانا عزيزالله ٻوهيو، ڳوٺ خير محمد ٻوهيو ضلع نوشهروفيروز
4. مولانا محمد حنيف سومرو پيش امام ڳوٺ سيلرا متصل فريدآباد ميهڙ
5. مولانا سڪندر علي ٻرڙو پيش امام چنه مسجد ٽرڙي محبت ۽ عربي معلم مڊل اسڪول مسُو جلباڻي
6. مولانا حزب الله آگرو سابق عربي معلم هاءِ اسڪول نمبر 2 ميهڙ

7. مولانا سڪندر علي ڪوسو ڳوٺ لڏو گاڏهي عربي معلم بوائز هاءِ اسڪول ڪوٽڙي
8. حافظ نوراحمد جتوئي ميهڙ عربي معلم هاءِ اسڪول ٻٽ سرائي
9. حافظ محمد دين بروهي ڳوٺ گرڪڻ عربي معلم هاءِ اسڪول فريدآباد
10. مولانا نالي منو ابڙو ڳوٺ ملان ابڙا لاڙڪاڻو
11. حافظ گل محمد بروهي خضدار حال ثاقب ڪالوني ميهڙ عربي معلم هاءِ اسڪول سنڌي پٽڙا
12. مولانا فياض احمد مگسي ڳوٺ سوبو خان مگسي عربي معلم هاءِ اسڪول مخدوم سيدي موساڻي
13. عبدالحڪيم چانڊيو ايڊوڪيٽ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد
14. مولانا رفيق احمد مهيسر ڳوٺ رهڙو شريف حال ميهڙ
15. حافظ عبدالواحد جهتيال ڳوٺ گنجا ميهڙ
16. گلشير سوڍر ڳوٺ ٻانهو سوڍر
17. حافظ الهندو تيوٽو ڳوٺ باغو تيوٽو عربي معلم هاير سيڪنڊري اسڪول سوسائٽي ڄامشورو
18. حافظ غلام سرور ملاٽو عربي معلم هاءِ اسڪول وَن ميهڙ

19. مولانا علي گل چانديو ڳوٺ بهادر پور عربي معلم مڊل اسڪول سناٽي چانديا خيرپور ناٿن شاهه

شادي ۽ اولاد

مولانا حبيب الله حبيب حضوري جي شادي سندس سوٽِ يعني سندس چاچي مرحوم محمد انور ڏيرو جي نياڻي سان ٿي. جنهن منجهان ڪيس ٻه پٽ ۽ ٽن نياڻين جو اولاد ٿيو. سندس هڪ پٽ سيف الله سيد علي اصغر شاهه پرائمري اسڪول ميهڙ ۾ پرائمري استاد آهي ۽ ٻيو پٽ هوش محمد ڏيرو آهي.

مولانا صاحب جون ڪجهه پسنديده شيون:

پسنديده شاعر: شيخ اياز
پسنديده سياسي شخصيت : عبدالحميد خان جتوئي
پسنديده اديب : عبدالواحد آريسر
پسنديده پوشاڪ : اڇا ڪاٽن جا ڪپڙا
پسنديده رنگ : اڇو
پسنديده گُل : گلاب
پسنديده خوشبوءِ : گلاب جي
پسنديده ڪتاب : قرآن مجيد
پسنديده شعر :

سوين آيا سنڌ ۾ نوان نادر شاهه
ڪانهي ڪا تاريخ ۾ ويڙهه سواءِ ڪا واهه
متان سوچيو ساهَه، متان موٽو ماڳ تان

انجمن طلباءِ ڪريميه

مولانا حبيب حضوري ڪي پنهنجي استاد محترم مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب سان ديوانگي جي حد تائين جو عشق هو. ايئن ڪٿي چئجي ته پنهنجي استاد جو پروانو هوندو هو. مدرسه عربيه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران ملٽسار هئڻ ڪري سندس دوستيءَ جو حلقو ڪافي وسيع ٿي ويو. جن ۾ سندس استاد محترم جو وڏو صاحبزادو محمد امين مگسي، مولانا نثار احمد مگسي، حافظ نوراحمد جتوئي، حافظ گل محمد بروهي، حافظ محمد دين بروهي، مولانا سڪندر علي ڪوسو، مولانا سڪندر علي ٻرڙو، سيد محمد شاهه، عبدالڪريم ڏيرو ۽ عبدالحڪيم چانديو شامل آهن. سندس پاڻ ۾ تمام گهري دوستي هئي جيڪا اجان تائين برقرار آهي. انهن دوستن سان علمي مجلسون ڪندو مختلف موضوعن تي بحث مباحثا ڪندو رهيو. مولانا حبيب حضوري 1077ع ۾ انجمن طلباءِ ڪريميه جو بنياد وڌو. هن انجمن تحت مدرسي جي شاگردن ۾ تقرير ۽ بيان ڪرڻ، تحرير، شاعري، حمد، نعت ۽ قرائت جا مقابلا ٿيندا رهيا. هن انجمن جي ذريعي هڪ اخبار ”طالبن جو

آواز" هٽ سان لکي پڌري ڪندو رهيو. هن انجمن جو هفتيوار اجلاس مسجد جي بالائي حصي ۾ ٿيندو هو.

علمي ادبي تنظيمن سان وابستگي

مولانا حبيب حضوري شروع کان ئي سوشل طبيعت جو هئڻ ۽ ادب سان چاهہ رکڻ وارو ليکڪ هئڻ ڪري ادبي ۽ علمي تنظيمن ۾ سرگرم ميمبر رهيو. انهن تنظيمن سان دل جي خوشي سان سهڪار ڪندو رهيو آهي. انهن تنظيمن ۾ پاڻ جن عهدن يا جنهن حيثيت سان خدمت ڪندو رهيو انهن جو ڪجهه تفصيل هن ريت آهي:

1. صدر : علي اڪبر شاهہ يادگار ڪاميٽي ميهڙ
2. صدر : آرگنائيزنگ ڪاميٽي انجمن طلباءِ ڪريميه ميهڙ
3. صدر : گستا يونٽ هاءِ اسڪول وَن ميهڙ
4. صدر : اورينٽل ٽيچرس ايسوسيئيشن (ساٽا) ميهڙ ضلع دادو
5. صدر : پٽائي علمي ادبي سنگت ميهڙ
6. جنرل سيڪريٽري : علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ
7. جنرل سيڪريٽري : لغة الاسلام عربي تحريڪ صوبہ سنڌ

رٽايرمينٽ کان بعد جي مشغوليت

مولانا حبيب حضوري شروع کان ئي جاکوڙي قسم جو منش رهيو آهي سو رٽايرمينٽ کان بعد بہ ڪيس گهر ۾ فارغ ويهڻ ۾ مزو نہ آيو جنهن ڪري علمي ادبي خدمت ۾ اڳي کان اڳرو ٿي رهيو آهي. پاڻ تحقيقي مواد گڏ ڪري ڪتاب سهيڙڻ جي محنت ۾ اڪثر رُڌل رهي ٿو تہ ان سان گڏ اخبارن ۾ لکڻ جو ڪم بہ ڪندو رهي ٿو. پاڻ لاڙ ٽي وي ويب جو ميهڙ ۾ عيوضي (نمائندو) مقرر ٿيل آهي. پاڻ سنڌ پريس ڪلب ميهڙ جو 2019ع ۾ صدر بہ رهي چڪو آهي. ايتري ساري مصروفت هوندي بہ پاڻ ميهڙ جي تاريخي ماڳن تي ڊاڪيومينٽري تيار ڪندو رهي ٿو تہ ان سان ميهڙ جي تاريخ ساز شخصيتن، عالمن، اديبن ۽ سماجي ماڻهن جي سالگراهن ۽ ورسين جا پروگرام ڏاڍي اهتمام سان منعقد ڪرائيندو انهن ۾ اهل علم ماڻهن کي دعوت ڏئي گهرائيندو آهي تہ جيئن اهل علم پنهنجي تقرير ۽ تحرير ذريعي انهن ناياب هيرن جي زندگي ۽ خدمات تي ڪجهه روشني وجهي موجوده نسل تائين انهن جو پيغام پهچائي سگهن. ان سان گڏ علمي، ادبي ۽ سماجي شخصيات سان رهاڻيون ملهائڻ جهڙا پروگرام بہ ڏاڍي شوق ۽ ولولي سان ڪندو رهي ٿو.

مولانا حبيب الله پنهنجي دوستن سان گڏجي واڪ تي نڪري پوندو آهي. دوستن جي گهيري جي وچ ۾ سندس شخصيت نمايان نظر ايندي آهي. پاڻ دوستن سان واڪ دوران بہ

ڪنهن نہ ڪنهن علمي بحث ۾ محو هوندو آهي. سندس واڪ لاڙڪاڻي روڊ سان شينهڻ جي دڙي واري لاڙي تائين، ٻيٽو جتوئي واري روڊ سان ڳوٺ گنجا تائين ۽ راڏڻ روڊ سان تقريبًا پيري مهيسر تائين پيدل واڪ ڪندو ۽ علمي بحث ڪندو ويندو آهي.

مولانا حبيب حضوري دل ۾ هڪ درد رکڻ وارو، ٻين جي سهڪار ڪرڻ لاءِ هر وقت هڪليو حاضر ٿيڻ وارو، ٻين جي اهنجائين کي سهنجائين ۾ بدل لاءِ ڪوشان رهڻ وارو، علم و ادب جي اشاعت جي هر ممڪن سعي ڪرڻ وارو، هر دلعزيز شخصيت جو مالڪ، ڪتابن جو ديوانو، علم جو پياسو، سندس ظاهر عالمن جهڙو، ڪردار اديبن جهڙو، ديني خدمتگار، عمل سماجي خدمتگارن وارو ۽ هڪ محبتي ماڻهو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس دوستن احبابن جو حلقو ڪافي وسيع آهي. هنن ڳالهين جو صرف مان اڪيلو ئي عيني گواهہ ناهيان بلڪ ميهڙ ۽ سنڌ جا اڪثر عالم، اديب، ليکڪ ۽ صحافي بہ اکين ڏٺا شاهد آهن. جنهن کي يقين نہ اچي اهو اڄ بہ پنهنجي تحقيق ڪري منهنجي ڳالهين جي سچائيءَ کي پرکي سگهي ٿو.

خدمتن عيوض مڃتا

هن جاکوڙي انسان کي سندس خدمتن عيوض ڪيترائي انعام اعزاز ۽ سندون عطا ٿيون آهن. انهن منجهان ڪجهہ جو ذڪر هن ريت آهي:

مهراڻ ٽي وي طرفان سيد علي اڪبر شاهہ تي ناياب شاهڪار ڪتاب "موهيا ڪنهن نہ مال" مرتب ڪرڻ تي 2011ع ۾ شيلڊ سان نوازيو ويو.

2002ع ۾ ميهڙ هاءِ اسڪولن جي هيڊ ماستر جناب سيد عبدالرحيم شاهہ صاحب ڪيس "بيسٽ ٽيچر Best Teacher" جو سرٽيفڪيٽ ڏنو.

سنڌ نيشنل موومينٽ طرفان پهرين مئي 2014ع ۾ مزدورن جي عالمي ڏهاڙي تي " شاعرن جي ڪانفرنس" پريس ڪلب ميهڙ ۾ ڪوٺائي "مفتي ڪريم بخش مگسي مڃتا ايوارڊ" سان نوازيو.

تقويٰ ۽ پرهيزگاري

هر انسان جا ٻہ مکيہ روپ هوندا آهن. هڪ سندس ظاهري ۽ ٻيو روحاني. اگر سادن لفظن ۾ چئجي تہ هڪ روپ جيڪو ماڻهن اڳيان هوندو آهي ۽ ٻيو روپ جيڪو بندي ۽ سندس مالڪ جي وچ ۾ هوندو آهي. هر انسان جا چاهيندڙ بہ هوندا آهن تہ وري ان جا مخالف بہ ضرور هوندا آهن. هر انسان جا ٻہ پهلو ٿين ٿا.

هڪ مثبت ۽ ٻيو منفي. عيب ۽ نقص ڪان پاڪ ذات صرف الله رب العزت جي آهي ۽ انبياءِ ڪرام عليهم الصلٰوة والسلام معصوم رهيا ۽ صحابہ ڪرام محفوظ رهيا، باقي عوام ٻنهي پهلوئن جا حامل ضرور هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو آهي تہ جنهن ڪي بظاهر اسان غلط سمجهون ٿا ٿي سگهي ٿو تہ هو صحيح هجي ۽ اسان غلط فهمي جو شڪار ٿي وڃون. راقم 2007ع تائين ڪراچيءَ جي ضياءُ ڪالوني ۾ رهائش پذير هو. ان دوران اتي جي جامع مسجد جي پيش امام مولانا عبدالرؤف پنجابي سان ڪافي گهري دوستي ٿي. جامعة الرشيد ۾ پڙهڻ دوران موڪلن وارن ڏهاڙن ۾ ساڻس خوب ڪچهري ٿيندي هئي. موڪلن واري ٽائيم ۾ اڪثر نمازون سندس اقتدیٰ ۾ پڙهندو هئس. ساڻس گهري دوستي هئڻ ڪري اگر ڪنهن بہ جماعتي ڪي ڪانئس ڪا شڪايت هوندي هئي تہ اها مون ڪي ٻڌائيندا هئا ۽ آءٌ دوستيءَ جي ناتي سائين ڪي چئي ان جو تدارڪ ڪندو هئس. هڪ دفعي مون ڪي ڪجهہ جماعتين اچي شڪايت ڪئي تہ سائين مولانا عبدالرؤف صاحب عشاء جي نماز پڙهائڻ ڪان بعد سنن ۽ نوافل تہ پڙهي ٿو پر ڪيس وتر جي نماز پڙهندي اسان ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي. ان ڪري اسان ڪي منجهس شڪ آهي تہ ڪٿي هو ڪنهن ٻئي مسلڪ سان يا ٻي جماعت جو ماڻهو تہ ناهي؟ مون انهن ڪي چيو تہ مون ڪي ڪجهہ مهلت ڏيو تہ مان پاڻ ان ڳالهہ جو مشاهدو ڪريان. مون بہ عشاء جون نمازون سندس اقتدیٰ ۾ پڙهي

اها ڳالهہ نوٽ ڪئي تہ جماعتي واقعي پنهنجي ڳالهہ ۾ سچا آهن. ٽئين ڏينهن تي اهي جماعتي مون سان مليا تہ مون ڪين چيو تہ ادا سائين مولانا عبدالرؤف تہ الله جو وليءُ آهي توهان هرو ڀرو بدگمان ٿيا آهيو! اها ڳالهہ ٻُڌي حيرت ۾ پئجي ويا تہ مولانا هي وري ڇا ٿو چوين؟ جيڪو ماڻهو وتر مسجد ۾ ڪونہ ٿو پڙهي توهان ان ڪي ولي ٿا چئو؟ مون ڪين سمجهايو تہ ادا اصل ۾ وتر جو بهترين وقت تهجد پڙهڻ ڪان بعد آهي. اسان اڪثر وتر مسجد ۾ پڙهندا آهيون تہ ڪٿي اسان تهجد لاءِ سجاڳ نہ ٿي سگهون ۽ فجر جي آذان ٿي وڃي ۽ وتر بہ رهجي وڃي. ان ڪري وتر سومهڻي جي نماز ڪان پوءِ پڙهي ڇڏيندا آهيون تہ اگر تهجد نصيب ٿيو تہ وتر پڙهي ڇڏڻ ۾ ڪو حرج ناهي پر اگر سجاڳي نہ ٿي تہ تهجد سان گڏ واجب بہ رهجي ويندو. ڇو تہ وتر واجب آهي ۽ تهجد نفل آهي. منهنجو ايترو سمجهائڻ جي باوجود هو مون ڪي چوڻ لڳا تہ نہ مولانا صاحب اهو تنهنجو پنهنجي دوست لاءِ حسنِ ظن آهي باقي ايئن هرگز نہ هوندو تہ مولانا عبدالرؤف تهجد پڙهي پوءِ وتر پڙهندو هوندو! انهيءَ ڪان پوءِ مان انهن جماعتين ڪي ساڻ ڪري مولانا عبدالرؤف صاحب سان مليس ۽ ڪيس ٻڌايم تہ ادا هي دوست ٿورا غلط فهمي ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. توهان سومهڻي جي نماز ڪان پوءِ وتر مسجد ۾ نہ ٿا پڙهو، سو انهيءَ ڳالهہ جي وضاحت ڪريو. مولانا صاهب چيو تہ سائين اهل علم آهين توڪي تہ خبر آهي تہ وتر جو مستحب وقت ڪهڙو آهي پوءِ

به وضاحت گهرڻ جي ضرورت ڇو پيش آئي؟ مون کيس چيو ته ادا مون وضاحت ڪئي آهي پر هي دوست توهان جي زباني ٻڌڻ چاهن ٿا. ان تي مولانا صاحب اها وضاحت ڪئي ته ادا الحمدلله تهجد کان بعد وتر پڙهڻ جو معمول آهي. هيءَ ڳالهه ان لاءِ لکيم ته اسان اڪثر ڪري غلط فهمي جو شڪار ٿي ٻئي جي ڪردارڪشي ڪري وٺندا آهيون. انهيءَ ڪري ان ۾ ٿورو احتياط ڪرڻ جي ضرورت آهي.

مولانا حبيب الله ڏيرو اهل علم بزرگ آهي. سندس هڪ پهلو جيڪو عوام جي سامهون آهي انهيءَ مطابق سائين اهل علم باعمل عالم سڳورو آهي. پاڻ پنهنجي ظاهري زندگيءَ کي شريعت مطابق گذارڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪندو آهي. سندس چاهت آهي ته شريعت مطابق عمل ڪندي هن دنيا منجهان رخصتي ٿئي. پاڻ ماڻهن سان ڪلي ملندو آهي، هر ننڍي توڙي وڏي کي عزت احترام ڏيڻ ۾ بلڪل به ڪنجوسي نه ڪندو آهي، پاڻ ٻڌائيندو آهي ته " ادا هر انسان کي پنهنجي عزت نفس سڀ کان وڌيڪ عزيز هوندي آهي. انهيءَ ڪري ڪوشش ڪندو آهيان ته چاهي ننڍو هجي چاهي وڏو هجي پر کيس عزت ۽ احترام ڏيان. هونئن به عزت ڏيڻ سان عزت ئي ملندي آهي ۽ انسان ٻئي جي عزت ڪري دراصل پنهنجي عزت ناهيندو آهي." مولانا حضوري صاحب ياري دوستيءَ ۾ دل کولي دل جي خوشيءَ سان خرچ ڪندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اظهار ڪري ويهندو آهي ته " ادا دوست

منهنجي پونجي آهن، هنن تي خرچ ڪرڻ عبادت ۾ شمار آهي انهيءَ ڪري اها عبادت به ڪرڻ چاهيان ٿو." هر ڪنهن سان مرڪي ملڻ، عزت ۽ احترام سان پيش اچڻ، علمي رهنمائي ۾ ڪنجوسي نه ڪرڻ، يارن دوستن کي وقت ڏيڻ، ڪچهريءَ جو مور ماڻهو، يارن دوستن ۾ جلدي رُل مل ٿيڻ وارو، هر ممڪن سهڪار ڪرڻ وارو، حقوق العباد جو فرض پورو ڪرڻ، ننڍن سان شفقت وارو معاملو ڪرڻ، صله رحمي جو خاص خيال رکڻ، ڪنهن جي دل آزاري کان پاڻ کي بچائڻ، مظلوم جو آواز سرنديءَ وارن تائين پهچائڻ، جيترو ممڪن ٿي سگهي ٻين جي ڪم اچڻ، علمي پروانن جي هر ممڪن مدد ڪرڻ، پنهنجي بزرگن، علمي مورثن، عوام جي جيالن کي عوام جي دلين ۾ زنده رکڻ ۽ تاريخي ورثن کي ياد رکڻ ۾ پنهنجون صلاحيتون صرف ڪرڻ سندس شيوا آهي. هن بزرگ جي ظاهري صورت به عالمن واري آهي ته روحاني طور تي به پنهنجي مالڪ سان جڙيل رهڻ جي پرپور ڪوشش ۾ رهندو آهي. پاڻ نماز پنجگانه باجماعت جي پابندي ڪرڻ جو خاص اهتمام ڪندو آهي ته ان سان گڏ ڪيترن ئي سالن کان وني ميهڙ شهر سان متصل اعواڻ ڳوٺ جي جامع مسجد "رياض الجنت" جي خطابت ۽ جمعي جي نماز جي امامت به ڪندو رهي ٿو. ذڪر اذڪار ۽ پنهنجي رب سان مناجات ڪرڻ لاءِ خلوت جو وقت مقرر ڪيل اٿس، تهجد جي نماز جي پابندي ڪرڻ لاءِ به ڪوشش ڪندو آهي. سندس سموري زندگي

حصول علم ۽ تدريسي خدمت ۾ گذري آهي. هن وقت به پنهنجي ساڳي معمول سان گڏ سماجي خدمت ۽ تصنيفي ميدان ۾ پاڻ ملهائڻ لاءِ سندرو ٻَڌي ميدان ۾ لهي پيو آهي. سندس عمر ۽ جسماني ڪمزوري سندس خدمت ۾ اجان آڙي نه اچي سگهيا آهن. پاڻ انهيءَ جستجو ۾ هوندو آهي ته عمر ۽ ضعف سندس معمول ۾ عذر نه بڻجن. هن بزرگ جي گهر کان ٻاهر ۽ گهر اندر زندگي گذارڻ جو ٽائيم ٽيبل ترتيب ڏنل آهي ته وري ان سان گڏ پنهنجي خالق سان مناجات ڪرڻ جو وقت پڻ متعين ٿيل آهي. هي بزرگ انهيءَ ڪوشش ۾ هوندو آهي ته انسانيت جي خدمت جيترو ممڪن ٿي سگهي ڪري وڃان. موت سان گڏ مرڻ کان ڏاڍو ڊنل هوندو آهي. انهيءَ ڪري پنهنجو پاڻ کي تصنيفي خدمتن ۽ سماجي خدمتن ذريعي موت پڄاڻان ڪجهه وقت زنده رکڻ چاهي ٿو.

هي بزرگ مسجد ۾ ويهڻ ۽ دوستن سان ڪچهري ڪرڻ ۾ سُڪون محسوس ڪندو آهي. سندس ڪوشش هوندي آهي ته دوستن سان ڪجهه لمحا گڏ گذاري وڃن ۽ پنهنجي رب سان ڪجهه رهاڻ ڪري وڃي.

مولانا حبيب حضوري انهيءَ ڪوشش ۾ پنهنجي زندگي گهاري رهيو آهي ته قرآن مجيد جي تعليمات جي روشنيءَ ۾ پنهنجي زندگي گهارجي ۽ عوام کي به ان طرف سڏجي. شريعت مطهره جي پاسداري ئي اصل مقصد حيات سمجهي ٿو. پاڻ جڏهن

ڪنهن بحث ۾ هوندو آهي ته ان ۾ حق جي طرفداري ڪرڻ کان گُسندو ڪين آهي.

مهمان نوازي

مولانا حبيب الله ڏيرو ۾ مهمان نوازيءَ جي خوبي به خانداني آهي. هن خاندان علمي پروانن جي علم اچ اجهائڻ ۾ پنهنجو پورو پورو ڪردار ادا ڪيو آهي ته ان سان گڏ پري کان آيل شاگردن جي مهمان نوازي به خوب سُٺي نموني ڪئي. ڪين ماني ٽڪي سان گڏ تيل، صابڻ، صرف به ڏيندا رهيا ته حيثيت آهر انهن کي پنهنجي کيسي منجهان خرچي به ڏيندا رهيا. انهيءَ اثر هيٺ مهمان نوازي ۾ مولانا صاحب به ڪافي سُٺو ڪردار ادا ڪري ٿو. تدريس دوران به پنهنجي کيسي منجهان خرچ ڪري مستحق ۽ لائق شاگردن کي مختلف تحفا جن ۾ ڪتاب، ڊريس، پين، بوڪ، ڊڪشنري، ڪو ادبي ڪتاب ۽ ٻيون شيون شامل هونديون هيون. مولانا صاحب جي دوستيءَ جو حلقو ته وسيع آهي ته وري ادبي دنيا جي ڪري جاڻ سڃاڻ به گهڻي آهي. وٽس مهمانن جي ڪثرت به سندس مهمان نوازيءَ جي دليل آهي. يارويس ۽ دوستي ۾ بنا حساب جي خرچ ڪرڻ پڻ سندس سڃاڻپ بڻجي چڪي آهي. مهمان جو ادب ۽ احترام ڪرڻ، ننڍي وڏي سان سُٺو ورتاءُ ڪرڻ، اهل علم جي آمد کي سعادت سمجهڻ سندس خاصو آهي. مولانا صاحب مهمانن جي آمد تي خوش ٿيندو

آهي ۽ مهمانن جو اچڻ الله رب العزت جي رضا ۽ خوشنودي سمجهي انهن جي خدمت ۾ دل جي خوشيءَ سان خرچ ڪندو آهي. مهمان جي آمد تي ارهائي کي عيب سمجهندو آهي. پاڻ چوندو آهي تہ : ” جيئن حضرت ابراهيم عليه السلام مهمان کان سواءِ ماني نہ کائيندا هئا ۽ مهمان جو نہ اچڻ الله سائين طرفان ڪنهن ڳالهہ تي ناراضگي يا ڪو امتحان سمجهندا هئا. مان بہ مهمان کي الله جي رحمت سمجهي وس آهر ميزباني ڪرڻ جي سعي ڪندو آهيان. ڪوشش هوندي اٿم تہ مهمان جي خدمت ڪري ڪيس خوش رکان تہ جيئن الله سائين بہ خوش ٿئي.“ پاڻ بنا فرق جي تہ ڪهڙي مسلڪ سان منسلڪ آهي، ڪهڙي مڪتب فڪر جو عالم آهي، ڪهڙي مسلڪ جو شاگرد يا پيروي ڪندڙ آهي، استاد آهي يا شاگرد، سيد آهي يا غير سيد، ويجهو جو آهي يا پَري جو سندس دل ۾سيني لاءِ ساڳي عزت ۽ احترام هوندو آهي. اسان جهڙا نوسکيا جڏهن بہ پنهنجي علمي پياس ڪٽي مولانا صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا آهن تہ سائين ڪين ڪتاب مهيا ڪرڻ، فوٽو ڪاپيون ڪرائي ڏيڻ، گهربل مواد واري ڪتاب طرف رهنمائي ڪرڻ يا اهو ڪتاب هٿ ڪري ڏيڻ ۾ ڪڏهن ڪين ڳُتو آهي. لکڻ ۽ تصنيف ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏيڻ ۽ همٿائڻ جهڙا ڪم بہ ڏاڍي جوش ۽ خروش سان ڪندو آهي. مولانا صاحب اسان جهڙن شاگردن کي پنهنجا ڪتاب بنا قيمت مهيا ڪرڻ ۾ بہ ڪافي سخي رهيو آهي. پاڻ علم جي طالبن جو سُٺو قدردان آهي.

شاگرد پنهنجي استاد جو آئينو هوندو آهي. سُٺو استاد پنهنجي شاگردن جي آئيڊيل شخصيت بڻبو آهي. استاد پنهنجي شاگردن جو روحاني والد آهي جيڪو پنهنجي روحاني اولاد جي تعليم ۽ تربيت جو خاص خيال رکندو آهي. فرش کان ڪڍي عرش تي رسائڻ وارو استاد ئي هوندو آهي. هزارين سڪندر اعظم گڏجي بہ هڪ استاد پيدا نہ ٿا ڪري سگهن مگر هڪ استاد هزارين سڪندر اعظم پيدا ڪري سگهي ٿو. سُٺي ڪردار ۽ سُٺي اخلاق جي باري ۾ حام هڻڻ بہ ڪو آسان ڪم نہ آهي، چو تہ سچائي بہ تجربي جي محتاج آهي. استاد جي ڪردار، اخلاق، ايمانداري، سچائي، تقوىٰ، پرهيزگاري، همدردي، رحمدلي ۽ خدمت جا گواهہ سندس شاگرد ئي هوندا آهن. جيئن اسان جن جن ادارن منجهہ تعليم حاصل ڪئي آهي انهن ۾ ڪٿي پنج پنج سال رهڻ جو موقعو نصيب ٿيو تہ ڪٿي ٻہ ٻہ سال تہ وري ڪٿي پنج پنج سالن کان وڌيڪ جو عرصو بہ گذاريوسين. انهن انهن ادارن ۾ جيڪي پنج پنج ڪلاڪ روزانو جي حساب سان وقت گذريو آهي انهيءَ حساب سان اسان پنهنجي استادن جي زندگيءَ جي انهن ٻہ ٻہ پنج پنج يا وڌيڪ جي عرصي جا عيني گواهہ آهيون. اهڙي طرح اسان کان بعد ۾ ايندڙ وري ٻئي عرصي جا گواهہ آهن. اهڙي طرح هر استاد جي ڪردار جا عيني گواهہ تمام گهڻي ججهي تعداد ۾ موجود هوندا آهن. انهن کان وڌيڪ شايد ٻيا شاهد ڪٿي ملي سگهن. اهڙي طرح مولانا حبيب حضوري جي ڪردار،

اخلاق، ايمانداري ۽ سهڪار جا عيني گواهه به هزارن جي تعداد ۾ موجود آهن. پنهنجي فرض سان سچو استاد پنهنجي شاگردن جي دل ۾ هڪ اهم مقام حاصل ڪري وٺندو آهي. جيئن هر ماڻهو پنهنجي والد جي ڪنهن يادگار کي سندس زندگيءَ ۾ ئي سنڀالي رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي يا وري دنيا مان رخصت ٿيڻ کان پوءِ هيئنئن سان هنڊائي رکندو آهي، ۽ وقت تي فخر سان ٻين کي ۽ پنهنجي اولاد کي اها يادگار ڏيکاري خوشي محسوس ڪندو آهي ته سندس ڳاٽ فخر ۾ اونچو ٿي ويندو آهي، بلڪل اهڙي طرح بهترين استاد جو هونهار شاگرد به پنهنجي روحاني والد يعني استاد جي يادگار کي سنڀالڻ جو خواهشمند ضرور هوندو آهي. اسان جا اساتذه ڪرام جڏهن پنهنجي استادن جو تذڪرو ڪندا هئا يا ڪين مليل ڪا شيءِ ڏيکاريندا هئا ته سندس اکيون نَم هونديون هيون ۽ سندن انداز منجهان پنهنجي روحاني والد لاءِ بيحد ادب ۽ احترام جهلڪندي نظر ايندو هو. اسان به بيحد خوشي محسوس ڪندا هئاسون. اڄ جڏهن اسان پنهنجي اساتذه ڪرام جي استادن جو ذڪر يا ڪا ياداشت ڏيکاريندا آهيون ته دل ۾ هڪ قسم جو عجيب سُرور محسوس ٿيندو آهي ۽ فخر ٿيندو آحي ته هي منهنجي ڏاڏي استاد جي محنت ۽ عظمت آهي. ان وقت دل ۾ اچانڪ ايندو آهي ته " اولٰئڪ آبائي فجِئني بمثلهم" يعني هي منهنجا ابا ڏاڏا آهن اگر توهان وٽ به آهن ته پيش ڪريو. سو مولانا حبيب حضوري پنهنجي وقت جو بهترين

مُدرس رهيو آهي، سندس هونهار شاگرد به تمام سُٺي تعداد ۾ رهيا آهن، جيڪي اڄ اسان کي پنهنجي استاد محترم جون يادون فخر ٻُڌائيندا آهن. سندن استاد محترم علم ادب جي دنيا جو شهسوار رهيو آهي ته ان سان گڏ ديني علم جو به جوڏو رهيو آهي. سندس شاگرد اڄ به ڪيس پنهنجي والد صاحب جيان عزت ۽ احترام سان نوازيندا آهن. مولانا جي ڪاميابي جيڪا اڄ اسان کي نظر اچي ٿي اها ته پاڻ جتي به وڃي ٿو اتي سندس عالمن سڳورن وارو حليو ۽ سندس شاگردن طرفان ڪرايل تعارف يا سندس شاگرد جي طرفان ملندڙ عزت ۽ احترام آهي.

مولانا حبيب الله حبيب حضوري ۾ مون جيڪا ڳالهه منفرد ڏٺي سا هيءَ ته پاڻ جنهن به محفل ۾ هجي ۽ اتي ڪو علمي بحث ڇِڙي پيو ته پاڻ ان ۾ حصو ضرور وٺندو آهي. ان بحث ۾ پاڻ جڏهن ڳالهائڻ لڳندو آهي ته ايئن محسوس ٿيندو آهي گويا اسان جي سامهون هڪ عالم، هڪ حافظ، هڪ اديب، هڪ شاعر ۽ هڪ دانشور محو گفتگو آهي. پاڻ قرآن مجيد، حديث ۽ آثار صحابه ڪرام رضہ جا دليل ته ڏيندو آهي پر ان سان گڏ امام غزالي، شاهه ولي الله، سُقراط، ارسطو ۽ ٻين عالمن ۽ فلاسافرن جي ڪتابن منجهان به دليل ڏيندو ويندو آهي. جنهن منجهان اها ڳالهه واضع ٿي ويندي آهي ته سندس مطالعو ڪافي وسيع آهي. پاڻ بحثن ۾ اسلام جي تعليمات ۽ عقل جو استعمال ڪندي اسلام جو دفاع ڪندي نظر ايندو آهي.

خطابت ۽ امامت

مولانا حبيب حضوري اسڪولن ۾ پڙهائڻ دوران مختلف شهرن ۾ مختلف مسجدن ۾ باقائدگيءَ سان امامت ڪندو رهيو. مولانا حبيب حضوري طالب العلمي واري دور ۾ ”وينجهر مسجد“ وينجهر محلا ميهڙ ۾ به هڪ سال امامت ۽ خطابت جي فرائض سرانجام ڏنا. ان کان علاوه مولانا فتح محمد بروهي جڏهن مدرسه عربيه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ ناظره قرآن مجيد جي تدريسي خدمت ڪندو هو ته ان دور ۾ ميهڙ جي ڪاسائي محلي واري ” نور مسجد “ ۾ امامت ۽ خطابت جا فرائض به سرانجام ڏيندو هو. جڏهن مولانا فتح محمد بروهي صاحب ساليانا موڪلن دوران بلوچستان ويو ته انهيءَ مسجد ۾ امامت ۽ خطابت لاءِ مولانا حبيب حضوري کي ذميواري سونپي ويو. مولانا حبيب حضوري به مهينا نور مسجد ۾ به امامت ۽ خطابت جا فرائض سرانجام ڏنا. ان کان علاوه مولانا حبيب حضوري ميهڙ ۾ ڪڪول واهه جي ڪناري تي نهيل ” سفيد مسجد “ ۾ به ٻه سال امامت ۽ خطابت جا فرائض سرانجام ڏيندو رهيو. جڏهن مولانا حبيب حضوري ” مفتاح العلوم “ حيدرآباد ۾ دوره حديث پڙهڻ ويو ته ان دوران ” اقصىٰ مسجد “ لطيف آباد نمبر 4 حيدرآباد ۾ هڪ سال تائين امامت ۽ خطابت ڪندو رهيو. جڏهن ميهڙ ۾ مُدرس مقرر ٿيو ته ميهڙ سان متصل اعواڻ ڳوٺ جي جامع مسجد ”رياض الجنت“ ۾ خطابت ۽ جمعي جي نماز جي

امامت جي ذميواري ڪنيائين. جيڪا اڄ تائين بلا ناغه احسن طريقي سان پوري ڪندو پيو اچي. پاڻ خطابت ۾ به نهايت عمده خطيب آهي. سندس خطابت عام ڪچهري ۽ سمجهاڻيءَ واري انداز ۾ هوندي آهي. پاڻ سُر ۽ ڍار ڏئي تقرير ڪرڻ کي ناپسند ڪندو آهي. پاڻ جڏهن واعظ ڪرڻ شروع ڪندو آهي سمجهائڻ واري انداز ۾ ڳالهائيندو آهي ته جيئن مطلوبه مقصد يعني ماڻهن تائين پنهنجي ڳالهه پهچائي سمجهائڻ حاصل ٿي سگهي. پاڻ پنهنجي بيان ۾ قرآن مجيد جون آيتون، احاديث رسول ﷺ، آثار صحابه، تابعين جا واقعات، تبع تابعين جا واقعات، فقيهن، مفسرن ۽ شيوخن جا قول دليل طور ايئن پيش ڪندو آهي جڻ ته علم جو پندار هجي. ماشاءَ الله ايترو سارو علم جو ذخيرو ڪيس مستحضر آهي جو روانيءَ سان بيان ڪندو ويندو آهي. ان سان گڏ جديد دور جي ايجادات ۽ موجودات جو ذڪر ڪرڻ وقت سندس جديد دور سان واقفيت جو اندازو به بخوبي ٿي ويندو آهي. سندس هر بيان علم سان پرپور هوندو آهي، سندس بيان منجهان ڪافي ديني ۽ موجوده دور جي معلومات حاصل ٿي ويندي آهي. ڏيرا خاندان هند، سنڌ، خراسان ۽ عربستان ۾ علم تجويد کي عام ڪرڻ جي خدمت ۾ اڳرو رهيو آهي، مولانا حبيب حضوري به علم تجويد جي ڪافي ڄاڻ رکي ٿو. پاڻ جمعي جي نماز ۾ تجويد سان تلاوت ڪندو آهي ته جماعت مٿان سڪينه جو نزول ٿيڻ لڳندو آهي ۽ جماعتي سندس تلاوت منجهان لطف اندوز

ٿيندا آهن. ڪلام باري تعاليٰ سندن دلين کي سرور بخشيندو آهي.

مولانا حبيب حضوري تدريسي خدمت دوران به پنهنجي فارغ وقت کي غنيمت سمجهي ذخيره آخرت لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪمائي ڪندو رهيو. پڻ جڏهن عربي معلم مقرر ٿيو ته جمعي جي ڏينهن مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ديني ۽ اصلاحي تبليغ ڪرڻ جي نيت سان نڪري پوندو هو. انهن ۾ آمري، سَن، وڏا چيچر، مانجهد، گولاڙا، منظور آباد ۽ پس گردائي جا ٻيا ڪيترائي ڳوٺ شامل آهن. اتي مختلف مسجدن ۾ اصلاحي خطبا پڻ ڏيندو رهيو ۽ جمعي جون نمازون به پڙهائيندو رهيو.

مختلف اهل علم ماڻهن جا تاثرات

محترم فياض بلوچ

خيرپور ناٿن جو مشهور ۽ بهترين اديب، شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ليکڪ محترم شاهه پسند چانديو المعروف فياض بلوچ مولانا حبيب الله ڏيرو جي باري ۾ هن طرح رقم طراز آهي:

مولانا حبيب الله ڏيرو جي شخصيت ادبي، علمي، تعليمي، سياسي طور مضبوط ۽ خود اعتماديءَ سان پريل نظر ايندي آهي. بقول ڪنهن جي ته ” آثار بتا رهي هين ڪي عمارت بهت عظيم هي“ محترم هڪ عمده قسم جو محقق آهي. سندس پنهنجي ذات جي علمي ۽ ادبي خزاني جي مؤلفين جي ڪيل خدمتن کي ميڙي چونڊي سامهون آڻڻ جي خدمت خوب ڪئي اٿائين. سائين حبيب حضوري انتهائي شاندار ڪم ڪري ڪافي گمنام شخصيتون ۽ سندن ڪيل ادبي خدمتن کي قلم جي نوڪ تي آڻي تاريخ ۾ زنده باب ڪري ڇڏيو آهي. سائين علمي ادبي ميراث کي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪرڻ تي جَس لَهڻي ۽ سندس ذوق ۽ شوق ۾ اجان به اضافو ٿيندو رهي ٿو.

سندس گفتگو مَنَ کي موهي وجهندي آهي. سندس همدردي مون جهڙي ڪمزور ماڻهوءَ کي پنهنجو ڪري ڇڏيو.[1]

عبدالحڪيم چانڊيو (ايڊوڪيٽ هاءِ ڪورٽ)

ايڊوڪيٽ عبدالحڪيم چانڊيو مولانا حبيب الله ڏيرو جي باري ۾ ٻڌائي ٿو:

مولانا حبيب الله وٽ نه بنگلو آهي نه ڪار، نه شاندار اوطاق آهي ۽ نه ئي وٽس سواريءَ لاءِ ڪو اسڪوٽر يا سائيڪل آهي. سندس ڪمايل محبت دولتمند ماڻهن جي دولت کي للڪار آهي ته توهان ايتري دولت ته حاصل ڪئي آهي پر ماڻهن جي دلين ۾ محبت نه، توهان وڏين گاڏين ۾ گهمو ٿا، ايئرڪنڊيشنڊ بنگلن ۾ رهو ٿا مگر سماج سڌارڪ وارو توهان جو ڪردار ناهي. سائين وٽ قيادت جون سڀ وصفون موجود آهن. پاڻ ڪچهري جو ڪوڏيو، محقق، مصنف، شاعر، عالم، مفتي، غضب جو مقرر، فصيح ۽ بليغ مقرر ۽ خطابت جي فن ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو.[2]

---

1. چنه، شفيق احمد شفيق، آس، ص 59،60، ميهڙ، الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن 2018.
2. ايضًا ص 66

امتياز عادل سومرو

ميهڙ جو مشهور ۽ مانائتو شاعر محترم امتياز عادل سومرو مولانا حبيب الله ڏيرو جي ڪتاب "سَندا چولين چوهه" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته:

حبيب حضوري هڪ سجاڳ شاعر آهي. هن وٽ تاريخ جو مطالعو به آهي ته فقه جي ججهي ڄاڻ پڻ رکي ٿو. پاڻ سنڌي شاعري جي مروج صنفن جي ڪيترن ئي ميدانن ۾ پنهنجي قلم جي تلوار جا جوهر ڏيکاريا آهن، جن ۾ نظم، غزل، گيت، بيت ۽ چوسٽا شامل آهن. سندس غزل جتي محبتن سان ڀرپور آهن اتي انهن غزلن ۾ سماجي مسئلن ۽ معاشرتي معاملن جي اپٽار به ٿيل آهي. پاڻ هن دغابازي واري دور ۾ سچي محبت کي لازمي ۽ بيحد اهم تصور ڪري ٿو. پاڻ طبقاتي نظام کان سخت نفرت ڪندڙ شاعر آهي. هو اهڙي سماجي اڻ برابري جي شڪايت ڪنهن حاڪم يا حڪمران سان نه ٿو ڪري پر ڪائنات جي خالق کي عاجزانه عرض ڪندي ٻڌائي ٿو. حبيب حضوري وطن ۽ وطن جي مٽي ۽ ماڻهن سان بيحد پيار ڪري ٿو. پاڻ ايڪتا، اتفاق، اتحاد ۽ ٻڌيءَ ۾ يقين رکي ٿو.[1]

---

1. ڏيرو حبيب الله، حبيب حضوري، سَندا چولين چوهه، ص 22،21،20، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2017.

يوسف سنڌي

مولانا حبيب الله ڏيرو ادبي دنيا ۾ حبيب حضوريءَ جي سهڻي نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. پاڻ نہ رڳو هڪ بهترين استاد آهي پر هڪ سُٺو شاعر، يارن جو يار، علم دوست، ادب دوست، علم جو قدردان ۽ هڪ زندهہ دل انسان آهي. سندس انهن گڻن کي ڏسندي سندس ئي حلقي جي ڪنهن شاعر سندس بابت لکيو آهي:

هي تہ حلقہء محبت ۾ ممتاز آهي
سو حبيب حضوري وڏي ڳالهہ آهي

محترم حبيب حضوري ميهڙ جي مٽيءَ جو رهاڪو آهي. ميهڙ جيڪو ڪيترن ئي جُڳن کان علم و ادب، شعر و سُخن ۽ صحافت ۽ قيادت جو مرڪز رهندو پيو اچي. ميهڙ جا ماڻهو جن جون علم و ادب، شعر و سُخن ۽ صحافت لاءِ خدمتون عالم آشڪار آهن ۽ حبيب حضوري انهن چنڊ ۽ تارن جو هڪ جرڪندڙ مثال آهي.[1]

گوهر گل ڳورڙ

ميهڙ جو ننڍي عمر ۾ علم و ادب ۽ سماجي خدمت ۾ تمام سُٺو نالو ڪمائي جوانيءَ ۾ ئي دوستن ۽ عزيزن کي جدائي

1. ايضًا ص 26،25

جو گهاوَ ڏئي دارالبقا جي طرف راهي ٿيڻ وارو مرحوم گوهر گل ڳورڙ مولانا حبيب حضوري جي باري ۾ هيئن ٿو چوي :

تصوف سنڌ ڌرتيءَ جي ماڻهن جي رت ۾ شامل آهي ۽ انهن جو فطري ورثو آهي. موجوده دور ۾ مذهبي جنونيت ۽ انتهاپسندي جي باهہ سڄي دنيا جي مُلڪن ۾ پکڙجندي پئي وڃي، اهڙي خطرناڪ صورتحال جا اثر سنڌ جي ڌرتي تي ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن. هن وقت صوفيت جي پيغام ۽ پرچار جي وڌي ضرورت آهي. سائين حبيب حضوري بہ ظاهري مذهبي خطيب هوندي بہ تصوف جي رنگ ۾ رنگيل هڪ صوفي منش انسان آهي.[1]

مولانا عبدالقيوم (جوهر) بروهي

ميهڙ جي عظيم علمي خاندان جو فرد، ميهڙ جي ادبي حلقي جو هڪ مانائتو شخص، محبتن جي مذهب جو پيروڪار، انساني احساسن جو راکو، ڪل مُک شخص، ننڍپڻ کان دوستي جي رشتي ۾ سلهاڙيل، ديروي خاندان جو عالم مولانا حبيب الله ڏيرو حبيب حضوري آهي.[2]

1. ڏيرو حبيب الله، حبيب حضوري، سَندا چولين چوهَہ، ص 30، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2017.
2. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ص 44، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2015

پاويل جوڻيجو

ميهڙ ۾ حبيب حضوري جنهن جو نالو حبيب الله ڏيرو آهي، اهو شخص پنهنجي ذات، عمل ۾ متاثر ڪندڙ شخص آهي جنهن ۾ ذاتي، سياسي ۽ سماجي حوالي سان خاميون ٿي سگهن ٿيون پر هن ۾ خوبيون ايتريون آهن جو سندس خامين کي نظرانداز ڪري سگهجي ٿو. هو ادب، سياست، سماجي ڀلائي، مذهبي سرگرمين جي حوالي سان روشن خيال مذهبي ماڻهو هجڻ سان گڏ سنڌ دوست ۽ سياسي سوچ رکندڙ آهي. پڙهائڻ جي پيشي سان تعلق هجڻ ڪري لکڻ، پڙهڻ ۽ ادبي ڪتاب ڇپائڻ سندس زندگيءَ جي بنيادي ڪرت آحي. هن ڪوڙ سارا مذهبي، علائقي جي سياسي شخصيتن جا سوانح حياتي پروفائيلن تي ڪتاب مرتب ڪري ڇپائي چڪو آهي. حبيب حضوري هڪ سچو، سڌو، سادو مذهبي طور روشن خيال، سنڌ دوست فڪر رکندڙ هڪ بهترين انسان آهي. استادن جي تنظيم گسٽا جو پڻ متحرڪ اڳواڻ آهي ۽ گهڻ رخو شخص آهي.[1]

1. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، جيجل جهولي، ميهڙ، باک ڦٽي پبليڪيشن 2016

مرحوم محمد امين مگسي

ميهڙ جي عظمت ۽ مشهوري رڳو ميهڙ جي ميندي، مائي ۽ ميهڙ جي ٿاور جي ڪري نہ آهي پر حقيقت ۾ ميهڙ جي بلندي ۽ وڏائي انهن عظيم ماڻهپي وارن انسانن جن ۾ شمس الدين بلبل، ضياء ايس بلبل، مولانا عبدالڪريم ديروي، سيد علي اڪبر شاهہ، مفتي ڪريم بخش مگسي، م.ن محزون ۽ غلام محمد گرامي جي ڪري آهي. حبيب حضوري صاحب انهن ماڻهپي وارين شخصيتن جو تسلسل آهي. حبيب حضوري عالم، فاضل، شاعر ۽ اديب تہ آهي پر سندس وڏي خوبي اها آهي تہ پاڻ استاد آهي.[1]

مولانا نثار احمد مگسي

وحدة الوجود وارن قرآن ۽ حديث مان ثابت ڪيو تہ الله پاڪ انسان جي دل ۾ سمايل آهي. انسان الله پاڪ جو عڪس آهي. انسان مان مراد عام ۽ هرهڪ انسان جو فرد آهي، نہ ڪو انسان جو گروهہ ۽ ٽولو. جهڙوڪ وڏيرا مقرب آهن، مولوي معزز آهن ۽ ڊاڪٽر اشرف آهن. وحدة الوجود جي نظر ۾ انسان جا سڀ فرد ڀلا آهن. ان جي گواهي قرآن حڪيم بہ ڏئي پيو تہ الله پاڪ وٽ پسند متقي آهن، باقي ڪردار ڦورو، مڪار ۽ الله کان پري

1. چنا، شفيق احمد، آس، ص 53، ميهڙ، الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن 2016، 2017

آهن. حق پرست اڏول انقلابي انسان جن پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندي حق جو نعرو هنيو پوءِ انهن ۾ منصور، عطار، حافظ شيرازي، ڀٽائي، شاهه عنايت رضوي، سچل، بيڪس، بيدل به هئا ته اڄ جي دور ۾ حبيب حضوري به حق پرستن جي زنجير جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن اڄ هتي مختلف فڪرن جي مذهبي رهنمائن، شعراء حضرات، مقررين ڪرام، سگهڙ ۽ سياڻن کي گڏ ڪري غلام قوم جي حق ۾ آواز اٿاريندو رهي ٿو. ياد رکو! حق پرست بيباڪ، اڏول ۽ پنهنجي نظرئي تي اٽل هوندو آهي، هو ڪنهن جي دڙڪن، دهمانن، طعنن ۽ لعنتن کان نه ڊڄندو آهي. ماڻهو حضوري کي ملامتون ۽ تهمتون ڏين ٿا پر حبيب حضوري پنهنجي نظرئي جي قرباني لاءِ دل کي چمي پنهنجي ڳچي ۾ وجهڻ لاءِ تيار آهي. منهنجو حبيب حضوري کي سلام آهي.[1]

حزب الله ميهڙائي

ميهڙ جو معروف ۽ مشهور شاعر حزب الله ڏيرو مولانا حبيب الله ڏيرو جو ننڍو ڀاءُ آهي. ماڻهو گهر کان ٻاهر پنهنجو پاڻ کي سُٺي ڪردار وارو پيش ڪندو آهي پر گهر ۾ ئي سندس اصليت ظاهر ٿيندي آهي. سندس اصل حقيقت کان واقف گهر وارا ئي ٿي سگهن ٿا. ڪنهن به انسان جي ڪردار، اخلاق، طبيعت ۽ اٿڻي ويهڻي جا سڀ کان وڌيڪ سچا گواهه سندس گهر

[1]. چنا، شفيق احمد، آس، ص 56، ميهڙ، الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن 2016، 2017

جا فرد ٿيندا آهن. حزب الله ڏيرو ٻچپن کان وٺي مولانا حبيب حضوري جي هنج ۾ پليو آهي. ننڍو ڀاءُ هئڻ جي ناتي ساڻس اڪثر وقت گڏ گذاريو اٿائين. ادب جي ميدان ۾ حزب الله شاعري جي صنف ۾ ميهڙ بلڪه سنڌ اندر هڪ نمايان مقام ماڻي ورتو آهي. پاڻ بهترين ۽ پختہ شاعر آهي. ادبي خدمتن جي رشتي سان ٻئي پاڻ ۾ گهرا دوست آهن. الله رب العزت سندن محبت کي مرڻ کان بعد به قائم دائم رکي آمين. هنن ٻنهي جي پاڻ ۾ چاهت ڏسي سچ پچ رشڪ ٿيندو آهي. حزب الله مولانا حبيب حضوري کان ننڍو هئڻ ڪري ڪافي فرمانبردار پڻ رهندو آهي. اگر ايئن چوان ته پنهنجي ڀاءُ جو پروانو آهي ته به ان ۾ ڪو وڌاءُ نه هوندو. ڪائنس انٽرويو جي ذريعي ڪجهه سوال ڪري جيڪا معلومات 7 آگسٽ 2021ع تي حاصل ڪئي سا سوالن ۽ جوابن سان قارئين جي نظر ڪجي ٿي.

سوال 1: توهان مولانا حبيب حضوري ڪڏهن کان ۽ ڪيترو سڃاڻو؟

جواب: سائين حبيب حضوري منهنجو وڏو ڀاءُ آهي. مان سندس ئي هنج ۾ پلجي وڏو ٿيو آهيان. منهنجو ننڍپڻ ۽ هاڻي به اڪثر وقت ساڻس ئي گڏ گذرندو آهي. انهيءَ اعتبار سان مان ادا سائين کي ڪافي حد تائين سڃاڻان ٿو، سندس عمل، ڪردار ۽ گهريلو زندگيءَ جو به اکين ڏٺو شاهد آهيان. اسان سائين شروع کان ئي نهايت سٻاجهڙو، بااخلاق ۽ ٿڌي طبيعت جو مالڪ آهي. پاڻ شروع کان ئي سُٺي طبيعت وارو هجڻ ڪري ساڻس بابا سائين ۽ امڙ جيجل جو بيحد پيار هوندو هو. هونهار هجڻ ڪري اسان

پائرن ۽ پينرن جو بہ ساڻس تمام گهڻو پيار هوندو هو. مطلب تہ گهر جي سيني ڀاتين جو دادلو رهيو آهي.

سوال 2: مولانا صاحب پڙهائي دوران ڪيئن هوندو هو؟

جواب: ادا سائين پڙهائي واري عرصي ۾ ڪافي ذهين هو، هوشيار هجڻ سان گڏ فرمانبرداري ۾ بہ ٻين کان نمايان رهيو. هڪ تہ ذهين ۽ ٻيو فرمانبردار، توهان پاڻ ئي سمجهي سگهو ٿا تہ جيڪو ٻاهر تمام گهڻو ذهين بہ هجي، اخلاق ۾ بہ بهترين هجي ۽ فرمانبردار بہ هجي تہ اهو ٻار استاد جي دل ۾ ڪيتري ۽ ڪهڙي درجي جي جاءِ ناهي سگهي ٿو. ادا سائين سان گڏ پڙهڻ وارا ڇوڪرا بہ ساڻس ويجهو ٿيڻ چاهيندا هئا تہ جيئن ڪين بہ سندس ذهانت ۽ هوشياريءَ جو فائدو ملي سگهي. اسان ننيا هئاسين ۽ انهيءَ مدرسي ۾ پڙهڻ ڪري انهن ڳالهين جا اکين ڏٺا شاهد پڻ آهيون. اهو عرصو بہ منهنجي اکين جي سامهون گذريو آهي. سندس هر سبق دوست سندس تمام گهڻي عزت ڪندا هئا، موٽ ۾ ادا سائين بہ سندن احترام ڪندو هو. اڪثر علمي بحث ۾ ٻين کي بہ پنهنجي حاصل ڪيل علم منجهان فائدو ڏيڻ ۽ ٻين جا بحث بہ ڏاڍي دلچسپيءَ سان ٻڌندو هو تہ جيئن انهن جي ذهنن مان نڪتل ڪجهہ خاص ۽ اهم پوائنٽون حاصل ڪري وٺجن.

سوال 3: سائين جن جو دوستن سان رويو ڪيئن هو ۽ ڪيئن آهي؟

جواب: سائين حبيب حضوري جو رويو دوستن ۽ گهروارن سان تمام بهترين رهيو آهي. سائين شروع کان ئي هٺ جو ڪليل انسان رهيو آهي. پاڻ دوستن ۾ بہ ڪشادا خرچ ڪرڻ وارو شمار

ٿيندو رهيو آهي. ٻچپن کان ئي سخي مڙس رهيو آهي. رٽايرمينٽ کان بعد تہ ان ۾ اجان اضافو ئي نظر ايندو آهي.

سوال 4: سائين جن جي ڪردار بابت توهان پنهنجا تاثرات پيش ڪريو؟

جواب : بااخلاق، پروقار ۽ عزت سان پيش ايندڙ، هر ماڻهوءَ جي عزت ڪرڻ وارو نهايت دلچسپ انداز ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ وارو، هڪ دفعو ملڻ کان پوءِ دل چوي تہ ٻيهر سائين سان ملون. ماڻهو چاهہ ڪري سائين سان ملندا آهن. سائين حبيب حضوري پنهنجون دوستيون ناهيون آهن. سندس گهاٽن دوستن ۾ مولوي عبدالحي چنو، حافظ الله بخش بروهي حيدرآباد وارو، مولانا تاج محمد گاڏهي، مولوي سڪندر علي ڪوسو، حافظ الهندو تيوٽو، حافظ نوراحمد جتوئي، مرحوم سائين محمد امين مگسي، مولوي نثار احمد مگسي، حافظ ايوب سومرو ۽ ٻيا شامل آهن. ادا سائين جي دوستيءَ جو حلقو ڪافي وسيع آهي. انهن دوستن سان دوستيءَ ۾ سچو رهڻ، هر آئي جي عزت ڪرڻ، ادب ۽ احترام سان پيش اچڻ، چاهي ننڍو هجي چاهي وڏو هجي سندس احترام ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

سوال5: سائين جي علمي ادبي خدمتن جي باري ۾ ڇا ٿا چئو؟

جواب : سائين حبيب حضوري. موجوده دور جو علمي ۽ ادبي چمڪندڙ ستارو آهي. هن ننڍپڻ کان ئي علم ۽ ادب سان دوستي رکي آهي، جيڪا اڄ تائين نڀائيندو پيو اچي. هن جي گروپ جا دوست ۽ عام خاص ماڻهو ڪانئس بيحد متاثر آهن. هن جي لکڻي پڙهڻي سچ ڳالهائينديون آهن. پاڻ سادو ۽ سٻاجهڙو انسان آهي. هن سان محبت ڪندڙ هميشہ ساڻس محفلون مچائيندا رهندا آهن.

سوال 6: سائين مفتي ڪريم بخش مگسي جن سان ڪهڙي ريت پيش ايندو هو؟

جواب : ادا سائين استاد محترم مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جن سان نهايت ادب ۽ احترام سان ملندو هئو. سائين جن جي آڏو گهٽي ڳالهائڻ کان پاسو ڪندو هو. سائين جن جي پياري شاگردن ۽ دادلي شاگردن ۾ ليکيو ويندو هو. قاري محمد ديروي جو پائٽيو سائين حبيب حضوري جامع مسجد اڪبريه ۾ پنهنجون محبتون ۽ پيار وکيريندو رهيو. سائين مفتي صاحب ديروي خاندان جو چشم و چراغ سمجهي ساڻس بيحد قرب ڏيندا هئا. هڪ دفعو ادا سائين کي سنڌي اردو جو ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ ڏنائون، جيڪو ادا سائين ڪجهه وقت ۾ ترجمو ڪري سائين جن جي حوالي ڪيو. سهڻن اکرن سان سنڌي ترجمو سجايل هو، سائين وڏا اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ادا سائين کي تمام گهڻين دعائن سان نوازيائين.

سوال 7: سائين شاگردن سان ڪهڙو رويو رکندا هئا؟

جواب : ادا سائين شاگردن سان بهترين نموني پيش ايندو هو. ننڍا توڙي وڏا ادا سائين کي ڪلي ڪيڪاريندا هئا. سنهڙي بدن ۽ ڊگهي قد وارو ، سهڻي سيرت ۽ سهڻي صورت وارو، وڻندڙ پياري سنڌي ٻولي ڳالهائيندو هو، جيڪو هر شاگرد جي دل موهي وجهندو هو.

سوال 8: توهان پنهنجي راءِ ڏيو ته توهان سائين کي ڪيئن ڏٺو ۽ ڪيئن سمجهو ٿا؟

جواب : ادا سائين ميهڙ شهر جو چاتل سڃاتل ماڻهو آهي، سندس اخلاق ۽ خلوص کي ڏسي هر ماڻهو چاهه سان چاهيندو آهي.

ماڻهو روڊن ۽ رستن تي کلي ڪيڪاريندا آهن ته جيئن اسان سان ٻول ٻول ٻيهي ڳالهائي ته اسان کي دلي سُڪون ملي. سفيد سونهاري سان قداور شخصيت ميهڙ جي گهٽين، روڊن ۽ رستن تي رات ج ٻارهين بجي تائين ڪلندي ڪيڪاريندي گذاريندو آهي. هر ماڻهوءَ کي صلاحن جا ٽڪا ۽ دعائن جا جهول ڏيندو آهي. اسان جي به دعا آهي ته ميهڙ جي هيءَ مانائتي شخصيت هميشه مسڪرائيندي مرڪندي رهي، جيئن غمن ۽ دردن کان نجات ملي. هي پيار ۽ اَمن جو پکي هميشه اڏرندو رهي.

سوال 9 : توهان جو زنده ماڻهوءَ جي سوانح ۽ خدمتن تي لکڻ جي باري ۾ رايو ڇا آهي؟

جواب : اسان جي قوم جو اهو الميو ڏاڍو غمناڪ آهي ته اسان جي قوم مرده پرست بڻجي چُڪي آهي. زندگيءَ ۾ ڪا اهميت نه ڏئي جيڪا غلطي ڪندا آهيون ان جو ازالو وري مرڻ کان بعد ڪنهن جي موت کي ڪيش ڪرڻ جي صورت ۾ ڪندا آهيون. جيئري ته ملڻ به گوارا نه ڪريون پر موت کان بعد سندس لاءِ تعزيتي ميڙاڪا، محفلون ۽ خراج تحسين پيش ڪرڻ جا سانباها ۽ وڏيون وڏيون حامون هٽي اها حسرت به ظاهر ڪندا آهيون ته اسان زندگيءَ ۾ سندس ڪو قدر نه ڪيو هاڻي موت کان بعد پڇتايون ٿا. اڙي بابا اهڙي سوچ رکڻ کان ته بهتر آهي توهان زندگيءَ ۾ انهن جو قدر ڪري وٺو جيڪي توهان جي نظر ۾ اهميت جوڳو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن يا جن جي عملي زندگيءَ کان توهان متاثر ٿيا آهيو. باقي مرڻ کان بعد اهڙيون

ڪوڪليون دعوائون ڪهڙي ڪم جون آهن؟ انهن دعوائن جو مقصد هر باشعور انسان چڱي نموني سمجهي سگهندو آهي. مان تہ چوان ٿو زندهہ ماڻهوءَ تي لکجي. ان ڪي جيئري ئي مجتا ڏجي تہ بهتر ٿيندو، جيئن هو پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي خوشي ڏسي وجي، جيئ سندس حوصلو وڌي ۽ هو اڃان بهتر نموني خدمت ڪري سگهي ۽ علم ۽ ادب تي لکڻ پڙهڻ جي سگهہ کي مضبوط ڪري. مرڻ کان پوءِ تہ سُٺن ڪمن ۽ سُٺن ماڻهن تي لکيو ويندو آهي، اها پراڻي رسم آهي.، هاڻي زندهہ ماڻهن تي لکجي تہ بهتر ٿيندو. منهنجي راءِ اها ئي آهي. آخر ۾ توهان جي لاءِ بہ اهو ئي چوندس تہ توهان ڪنهن زندهہ ماڻهوءَ تي قلم کڻي ميهڙ جي علمي حلقي ۾ هڪ نئين ۽ بهتر روايت قائم ڪري رهيا آهيو. توهان لاءِ دعا اهي تہ الله سائين توهان جي هن محبت، خلوص ۽ ادب واري محنت کي قبوليت بخشي ۽ ايندڙ نسل لاءِ هڪ سُٺو پيغام ثابت ڪري ۽ توهان کي انهن خدمتن جو صِلو دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ چڱو عطا فرمائي آمين.

حافظ نوراحمد "بيباڪ" جتوئي

راقم پنهنجي هاءِ اسڪول جي تعليم هاءِ اسڪول 2 ميهڙ منجهان حاصل ڪئي. ان دوران ٻين استادن سان گڏ سائين حافظ نوراحمد جتوئي صاحب منهنجو استاد رهيو. ابتدائي عربي مون وٽس پڙهي. سائين حافظ نوراحمد صاحب پنهنجي طالب العلمي دوران مولانا حبيب حضوري صاحب وٽ بہ ڪجهہ پڙهيو، انهيءَ

حساب سان مولانا حبيب الله ڏيرو حبيب حضوري راقم جو بہ ڏاڏو استاد ٿيو. راقم پنهنجي استاد محترم حافظ نوراحمد "بيباڪ" جتوئي صاحب کان پُڇيل سندس دوست مولانا حبيب حضوري جي باري ۾ ڪجهہ سوالن ۽ انهن جا جواب پيش ڪري ٿو.

سوال 1: توهان مولانا حبيب حضوري ڪڏهن کان ۽ ڪيترو سڃاڻو؟
جواب : سائين حبيب حضوري کي آءٌ تقريبًا چاليهہ يا پنجيتاليهہ سالن کان ان وقت کان سُڃاڻان جڏهن اسان جو والد صاحب ڳوٺ گل محمد جتوئي مان لڏي هن وقت جي اسلام آباد محلي ميهڙ ۾ اچي آباد ٿيا. اسان جي پرسان قاري محمد ڏيرو صاحب جن جو عاليشان مدرسو هو ۽ قاري صاحب جا وڏا ڀاءُ حاجي محمد عثمان بہ اسان جي گهر جي پرسان ئي پنهنجي گهر ۾ رهندا هئا ۽ ايئن ئي اسين هڪ ٻئي کي ننڍپڻ کان سڃاڻون.
سوال 2: مولانا صاحب پڙهائي دوران ڪيئن هوندو هو؟
جواب : جيتري قدر پڙهائي جي ڳالهہ آهي تہ سائين جي اسڪول جي پڙهائي جي مون کي خبر نہ آهي جو پاڻ اها تعليم پنهنجي ڳوٺ ڪندو ڏيرو ۾ حاصل ڪيائون، باقي مدرسي واري تعليم جي دوران جيڪو مون ڏٺو تہ سائين انتهائي ذهين ۽ باصلاحيت ۽ استادن جي اکين جا تارا هئا.
سوال 3: سائين جن جو دوستن سان رويو ڪيئن هو ۽ ڪيئن آهي؟

جواب : جيئن تہ سائين بهترين ۽ باصلاحيت هئا ان ڪري سندن دوستن جو حلقو بہ تمام وسيع هو. پاڻ دوستن سان انتهائي مخلص، ساٿ نڀائيندڙ، ڏک توڙي سک ۾ گڏ هوندا هئا ۽ ان جو مثال هي آهي تہ پاڻ اڄ بہ اهي دوستيون نڀائيندا پيا اچن ۽ رابطا اڄ بہ قائم آهن.

سوال 4: سائين جن جي ڪردار بابت توهان پنهنجا تاثرات پيش ڪريو؟

جواب : سائين حبيب حضوري جي ڪردار جو اندازو اوهان ان ڳالهہ مان لڳائي سگهو ٿا تہ پنجاهہ سالن جون دوستيون ۽ ياريون اڄ تائين پاڻ نڀائيندا پيا اچن ۽ وقت گذرڻ سان اهي رشتا اجان بہ وڌيڪ مضبوط ٿيا آهن. سائين رنگ، نسل، مذهب ۽ عقيدي کان بالاتر ٿي هر فڪر جي ماڻهوءَ جي عزت ۽ احترام ڪرڻ جا قائل آهن. واٽ ويندي ماڻهوءَ کي بہ سڏي ان سان خوش پلائي ڪرڻ ۽ پنهنجي وس آهر چانهہ پاڻيءَ کان وٺي ماني ٽِڪي تائين ان جي خدمت ڪرڻ سندن شيوو رهيو آهي. جيڪو ماڻهو ساڻن هڪ ڀيرو مليو اهو سدائين ساڻن دوستي جي سڳي ۾ ٻَڌجي ويو.

سوال5: سائين جي علمي ادبي خدمتن جي باري ۾ ڇا ٿا چئو؟

جواب : سائين کي لکڻ پڙهڻ جو شوق ننڍپڻ کان هو. ديني علم سان گڏ ادبي سرگرمين سان پڻ دلچسپي هئي. پاڻ سائين محمد امين مگسي سان گڏ م.ن محزون، انور عباسي، اسحاق راهي ۽ ٻين ڪيترن ادب دوست ماڻهن سان ڪچهريون ڪندا هئا، جنهن ۾ ادب کان سواءِ ان وقت جي سياست تي پڻ سير حاصل بحث مباحثا پڻ ڪندا هئا. ان کان علاوه ان دور ۾ اسين مدرسي ۾ بہ

پڻ ادبي سرگرميون ڪندا هئاسين. سائين محمد امين مگسي، سائين حبيب حضوري، سائين نثار احمد مگسي ۽ اسين مسجد جي مٿئين حصي ۾ هر هفتي هڪ طرحي مشاعرو ڪندا هئاسين، جنهن ۾ طالب حصو وٺندا هئا ۽ هفتيوار يا شايد ماهوار هٿ سان لکيل هڪ اخبار بہ ڪيندا هئاسين، جنهن ۾ اسلامي، سياسي ۽ ادبي ڪالم هوندا هئا. جنهن سان طالبن ۾ ادبي شوق پيدا ٿيو. اهو سهرو سائين حبيب حضوري ۽ محمد امين مگسي صاحب جن جي سر تي سجي ٿو.

درس نظامي پوري ڪرڻ کان پوءِ پاڻ مدرسي مُدرس طور مقرر ٿيا پر پوءِ پاڻ مولوي عريبڪ، عالم عريبڪ ۽ فاضل عريبڪ جا امتحان امتيازي نمبرن ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ هاءِ اسڪول ۾ استاد طور مقرر ٿيا ۽ اتي بہ پاڻ استادن شاگردن ۾ پنهنجي علمي حيثيت جي ڪري مقبول ترين حيثيت جا حامل رهيا. ان دوران بہ پاڻ لکندا رهيا، جيڪو سلسلو رٽايرمينٽ کان بعد بہ جاري و ساري آهي. پاڻ اسڪول جي سروس دوران قوم پرست سياست کي پسند ڪندا هئا ۽ عقيدتًا پاڻ زبردست قسم جا موحد آهن. پاڻ تقريبًا نَوَن ڪتابن جا خالق آهن، جيڪي پنهنجي هڙئون وڙئون ڇپائي پڌرا ڪيائون ۽ ڪجهہ ڪتاب ڇپائي لاءِ پڻ تيار آهن.

سوال 6: سائين مفتي ڪريم بخش مگسي جن سان ڪهڙي ريت پيش ايندو هو؟

جواب : سائين حبيب حضوري پنهنجي استاد سائين مفتي مگسوي صاحب جن جي تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪندا هئا، سندن هر حڪم جي دل و جان سان تعميل ڪندا هئا. سندن

شخصيت ۾ استاد صاحب جي تعليم ۽ تربيت جو گهڻو عمل دخل شامل آهي.

سوال 7: سائين شاگردن سان ڪهڙو رويو رکندا هئا؟

جواب : سائين جو شاگردن سان رويو شفقت ۽ محبت وارو ۽ دوستاڻو هوندو هو. سائين جي سمجهاڻي سليس ۽ سولي هوندي هئي. پاڻ ڪابہ سزا وغيره نہ ڏيندا هئا جو شاگرد جي دل ۾ سندن خوف ۽ ڊپ پيدا ٿئي. شاگرد بہ سندن عزت ڪندا هئا.

سوال8 : توهان پنهنجي ذاتي راءِ ڏيو تہ توهان مولانا صاحب کي ڪيئن ڏٺو ۽ ڪيئن سمجهو ٿا؟

جواب : منهنجي خيال ۾ سائين هڪ بهترين استاد، خطيب، محقق، مفسر ۽ تاريخ دان بہ آهي تہ هڪ بهترين دوست ۽ ساٿي بہ آهي تہ وري هڪ بااخلاق، باوقار، ملنسار، خوش مزاج، خوش گفتار ۽ بلند ڪردار انسان بہ آهي.

سوال 9 : توهان جو زندهہ ماڻهوءَ جي سوانح ۽ خدمتن تي لکڻ جي باري ۾ رايو ڇا آهي؟

جواب : منهنجي خيال ۾ ڪنهن زندهہ انسان جي خدمتن تي لکڻ ۽ ان کي ڪتابي شڪل ۾ پيش ڪرڻ سندس خدمتن جو بهترين اعتراف ۽ خراج تحسين آهي، جنهن سان سندس سڀ ٽڪ لهي وڃن ٿا ۽ سندس لاءِ بہ اڳتي حوصلہ افزائي ٿئي ٿي ۽ هو معاشري ۾ وڌيڪ فعال ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. ان بهترين عمل لاءِ آءٌ اوهان کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو، اوهان جس لهڻُو. الله سائين اوهان جي محنت کي شل قبول فرمائي ۽ ان جو بهتر بدلو عطا فرمائي.

محترم الاهي بخش چانديو ٻُڌائي ٿو:

ميهڙ شهر جي تمام پراڻي هاڪر، صحافي، سماجي خدمتگار ۽ بهترين اخلاق جي مالڪ شخصيت محترم الاهي بخش چانديو صاحب کان پڇيل ڪجهہ سوال ۽ انهن جا جواب پيش خدمت آهن.

سوال 1: توهان مولانا حبيب حضوري ڪڏهن کان ۽ ڪيترو سڃاڻو؟

جواب : 1985ع کان وٺي سائين حبيب حضوريءَ سان منهنجي سلام دعا ۽ واقفيت آهي. سائين سُٺو بااخلاق ۽ با ادب استاد رهيو آهي. عربي زبان جو ماهر معلم رهيو آهي. صحافت جي پيشي سان بہ سلهاڙيل رهيو آهي. مون جڏهن " سنڌ پريس ڪلب ميهڙ" جو بنياد وجهڻ جو ارادو ڪيو تہ سائين حبيب حضوريءَ سان مشورو ڪيم. سائين وراڻيو تہ آءٌ توهان سان گڏ آهيان، توهان هڪ بهترين ڪم جي ابتدا پيا ڪريو، منهنجو تعاون توهان سان گڏ هوندو، توهان بسم الله ڪري سنڌ پريس ڪلب جي شروعات ڪريو. مون شروعات ڪئي ۽ پريس ڪلب جو بنياد وڌو. سائين کي ان جو ميمبر بہ بڻايوسين ۽ سائين ڪجهہ عرصو سنڌ پريس ڪلب ميهڙ جو صدر بہ رهي چڪو آهي. بعد ۾ هن وقت تائين اسان جي پريس ڪلب جو سرپرست آهي. سُٺو بهترين دوست آهي. همدرد ۽ هڏ ڏوکي قسم جو ماڻهو آهي. سائين ڪيترين ئي خوبين واري شخصيت جو مالڪ آهي. پاڻ هڪ

سچي قوم پرست جو ڪردار به ادا ڪري چڪو آهي، اج به پاڻ قوم پرستيءَ واري شاعري ڪري اهو ظاهر ڪري ٿو ته منجهس قوم پرستي موجود آهي، پنهنجي منشور کان هٽيو ناهي. پاڻ ڪافي ڪتابن جو مصنف آهي، ڪيس قلم سان بي انتها محبت رهي آهي. پاڻ سنڌ ڌرتي، سنڌي ٻولي، سنڌي ماڻهن جو عاشق چئجي ته اهو به غلط نه هوندو.

سوال 2: سائين جن جو دوستن سان رويو ڪيئن هو ۽ ڪيئن آهي؟

جواب : سائين شروع کان وٺي ملڻو جلڻو ماڻهو آهي. دوستن يارن جي مجموعي ۾ پاڻ خوشي محسوس ڪندو هو ۽ ڪندو آهي. پاڻ دوستن سان هر جلسي، جلوس، ڪچهري، پروگرام ۽ ميٽنگ ۾ گڏ رهڻ ڪي اوليت ڏيڻ وارو ماڻهو آهي. پاڻ دوستن سان ادب ۽ احترام وارو رويو قائم رکيون آيو آهي. پهريان تدريسي مصروفيت جي ڪري وقت جي قلت جو عذر حائل هوندو هئس، هاڻي رٽايرمينٽ کان بعد ته جڻ وٽس دوستن لاءِ وقت ئي وقت آهي. دوست به ڪيس موٽ ۾ سُٺي عزت ڏيندا آهن. دوست ڪيس هر محفل جو روح روان سمجهندا آهن، ڪيس نمايان حيثيت تي رکي پروگرامن لاءِ مدعو ڪندا آهن. جيئن صدر محفل، اعزازي مهمان ۽ خصوصي مهمان جي حيثيت جي لائق سمجهي ڪيس اهو اعزاز پڻ ڏيندا آهن. سائين شمس الدين ابن

ضياء ابن بلبل کان بعد سائين حبيب حضوري اعلىٰ پيماني جو اديب ۽ ليکڪ آهي.

سوال 3: سائين جن جي ڪردار بابت توهان پنهنجا تاثرات پيش ڪريو؟

جواب : سائين حبيب حضوريءَ جو ڪردار تمام بهتر رهيو آهي. هر جاءِ تي ڪيس ظاهري وضع قطع جي ڪري به ڪيس معزز سمجهيو ويندو آهي. پاڻ عالم هئڻ ڪري عالمن سڳورن جي نظرئي تحت ڪم ڪندو رهي ٿو. سندس خدمت ۽ عمل بلڪل هڪ ٻئي جهڙا آهن. ايئن هرگز ناهي ته هو لکڻ ۽ ڪردار ۾ مختلف هجي. پاڻ عالم آهي ته عالمن سڳورن جو ڪردار ته بهتر ئي هوندو آهي ۽ قابل تقليد هوندو آهي، سو سائين حبيب حضوري جو ڪردار به قابل تقليد ئي آهي. پاڻ ڪوشش اها ئي ڪندو آهي ته شريعت ڪي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ اپلاءِ ڪجي ته جيئن دنياوي ۽ اخروي زندگيءَ ۾ نجات حاصل ڪري سگهجي. هڪ عالم جي ڪردار جي باري ۾ مان ٻيو ڇا چوان؟ بس سندس ڪردار جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي ته پاڻ هڪ عالم سڳورو آهي.

سوال 4 : توهان جو زنده ماڻهوءَ جي سوانح ۽ خدمتن تي لکڻ جي باري ۾ رايو ڇا آهي؟

جواب : اسان جيئري انسان جو اهو قدر نه ڪندا آهيون جيڪو سندس حق هوندو آهي، باقي مرڻ کان پوءِ گهل گهوڙا ڪندا

آهيون تہ سائين ههڙو هو سائين ههڙو هو. جيئري تہ ڪو طبيعت پڇڻ گوارا نہ ڪندو آهي، ڪچهري لاءِ هلي نہ ايندو آهي ۽ نہ ئي وري ڪي چند لمحا گڏجي ويهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، باقي مرڻ کان پوءِ سائين جي تعريفن جا بند ٻَڌي وڏي واڪي افسوس ڪندا رهندا آهيون تہ اسان کان هيڏي وڏي علمي شخصيت وڇڙي وئي، هاڻي سائين جي وفات کان بعد پيدا ٿيل خال شايد ڪو پري سگهي! ادا ڇو نہ ٿو پري سگهي؟ جيئري تہ ڪا اهميت ڏيو ڪونہ وري مرڻ کان پوءِ پيدا ٿيل خال پرجڻ ۾ صديون لڳڻ جي دعويٰ! اهڙي ڳالهين تي ڪِل ايندي اٿم. جيئري انسان جو قدر ڪرڻ گهرجي، ڪيس جيڪا مجتا ڏيڻي آهي اها زندگيءَ ۾ ڏيو، موت کان پوءِ توهان جي مجتا ڪيس ڪهڙو فائدو ڏيندي؟ ها اگر جيئري مجتا ڏيو ٿا تہ مرڻ کان پوءِ بہ ڪيس مجتا ڏيڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي، نہ تہ صرف مرڻ کان پوءِ مجتا ڏيڻ مون کي سُٺو عمل محسوس ناهي ٿيندو. توهان زندهہ انسان جي ڪردار، حياتيءَ ۽ خدمتن تي لکي جيڪا سنڌي ادب ۾ نواڻ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، مڃان ٿو تہ ڪجهہ ماڻهن کي گران گذرندي پر منهنجي نظر ۾ هي توهان جو عمل لائق تحسين آهي. توهان پنهنجي سرمايي کي قلمبند ڪري محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو ٿا. ڪتاب آڻڻ ڪيترو مشڪل ڪم آهي اهو مون کي بہ اندازو آهي، باقي تنقيد ڪرڻ وارن جي پرڪارن ۽ ڪيل خدمتن جو اندازو بہ عوام کي خوب هوندو آهي. توهان کي جَس آهي جو

توهان ان طرف پنهنجي سوچ کي مبذول ڪيو آهي. اصل ۾ هي توهان جي محنت موجوده نسل، اها شخصيت پاڻ جنهن تي توهان لکيو آهي ۽ سندس گهر وارن تي هڪ قسم جو وڏو احسان آهي. هي اسان ۽ سندس گهر وارن لاءِ هڪ اعزاز ۽ خوشيءَ جهڙي ڳالهہ آهي. توهان پنهنجي حصي جو ڪم ڪري ونو باقي ان انسان جو بعد ۾ ڪردار ساڳيو رهي ٿو يا هو مٽجي وڃي ٿو اهو ايندڙ نسل جي ذمي آهي تہ جتي توهان پنهنجي ڪم کي ختم ڪريو ٿا اتان ان ڪم جو پورائو ڪرڻ لاءِ قلم کڻي. منهنجي نظر ۾ هي توهان جو ڪم ادب جي دنيا ۾ نواڻ سان گڏ بهترين عمل آهي. مون کي ڏاڍو پسند آيو ۽ ان لاءِ مان توهان کي آفرين پيش ڪريان ٿو، ان سان گڏ پنهنجون دعائون ڏيان ٿو تہ الله سائين توهان جي هن محنت کي پنهنجي دربار ۾ مقبول فرمائي آمين.

مولوي گلشير احمد سوڍر ٻُڌائي ٿو:

مولانا حبيب حضوري جي شاگرد محترم مولوي گلشير احمد سوڍر کان پڇيل سوالن جا ڏنل جواب ڪجهہ هن ريت آهن.

سوال 1: توهان مولانا حبيب حضوري کڏهن کان ۽ ڪيترو سڃاڻو؟

جواب : سائين جن جي والد صاحب سان منهنجي وڏڙن جي يائپي هوندي هئي. ٻچپن ٻارين اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. مان 1983ع ۾ جڏهن مدرسه عربيه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ پڙهڻ آيس ان وقت سائين جن تدريس ڪندا هئا. مون بہ سائين جن وٽ پڙهڻ

شروع ڪيو. انهيءَ ڪري مان سائين مولانا حبيب حضوري جو شاگرد آهيان. هڪ باعمل عالم اسان کي استاد جي روپ ۾ مليو. پاڻ اسان شاگردن سان استاد شاگرد جيان نه بلڪه هڪ بهترين ۽ سچي دوست جي روپ ۾ رکي تعليم ڏيندو هو. سندس سبق دوران به اسان ايئن سمجهندا هئاسين ته گويا اسان کي ڪو اسان جو دوست سمجهائي ڏئي رهيو آهي. مان پنهنجي شاگرديءَ واري دور کان به اڳ سائين جن کي سڃاڻان ٿو، تڏهن کان وٺي سندس واقف آهيان. هڪ شاگرد جي روپ ۾ وٽس پڙهيس ۽ شاگرديءَ کان بعد دوستيءَ واري ناتي سان جڙيل رهياسين ۽ اڄ به سائين سان اها دوستي برقرار آهي. انهيءَ منجهان توهان پاڻ اندازو لڳايو ته ڪيس ڪيترو سڃاڻان.

سوال 2: مولانا صاحب پڙهائي دوران ڪيئن هوندو هو؟

جواب : اهو سوال ته منهنجي لاءِ ناهي. ڇاڪاڻ ته سائين پڙهائي دوران ڪيئن هو؟ ان جو بهتر ۽ صحيح جواب ته سندس هم سبق ۽ هم درس ئي ڏئي سگهن ٿا. مان سائين جن وٽ پڙهيو آهيان. جنهن وقت ۾ مان مدرسي ۾ آيس ان وقت سائين استاد هئا ته ان باري ۾ ڪيئن ٻڌائي سگهندس؟ باقي ان ڳالهه جي گواهي ڏيان ٿو ته مون سائين حبيب حضوري وٽ به پڙهيو آهي ته وري سندس استاد محترم مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب وٽ به پڙهيو آهيان. مفتي صاحب سندس باري ۾ فرمائيندا هئا ته مون کي مولوي حبيب الله جهڙو ذهين ۽ محنتي شاگرد ٻيو نه مليو

آهي، مولوي صاحب هر ڳالهه کي جلدي ۾ سمجهي وٺندو هو. مفتي صاحب سندس اڪثر اوقات تعريف ڪندا هئا. سندس ذهانت، محنت ۽ ڪردار بابت سندس استاد مفتي صاحب جي سُنن لفظن ۾ تعريفي گواهي موجود آهي.

سوال 3: سائين جن جو دوستن سان رويو ڪيئن هو ۽ ڪيئن آهي؟

جواب : سائين مولانا حبيب حضوري دوستن جو تمام گهڻو خيال رکندو هو. بلا تميز عمر سڀني دوستن سان هڪ جهڙو رويو هوندو هو. اسان ننڍا هوندا هئاسين پر پوءِ به اسان کي به هڪ ئي صف ۾ رکي پيش ايندو هو. اڪثر ڪري پنهنجي کيسي منجهان خرچ ڪري اسان ننڍي عمر جي دوستن ۽ وڏن کي ساڻ ڪري ڪنهن پروگرام ۾ شريڪ ٿيندو هو. ڪچهريءَ دوران پنهنجي کيسي منجهان پئسا ڪڍي ڪنهن کي ڏيندو هو ته اڄ دوستن کي منهنجي طرفان پڪوڙا ۽ سمبوسا کاراءِ، يا ڪڏهن چانهه ته ڪڏهن آئس ڪريم. مطلب ته دوستيءَ ۾ دل سان گڏ هٿن جو به ڪليل رهيو. وري جڏهن عربي ٽيچر ٿيو ته دوستن سان ملاقات ۾ ڪجهه وقفو ٿي ويندو هو ته ڏاڍيءَ سِڪ ۽ محبت سان سنگت کي ڪنهن هنڌ ڪَٺو ڪري ڪچهري جي بهاني ڪجهه کارائيندو ۽ علمي بحث ڇيڙيندو هو. غير حاضر دوستن جي نه اچڻ جي وجهه پُڇندوهو ۽ سندن حال احوال دريافت ڪندو هو. ٻئي پيري نه اچڻ واري کي ميار ڏيندو هو ته ادا زندگيءَ تي ڪهڙو پروسو

آهي، خبر ناهي تہ اجان گھڻو نيائيندي سو مڙئي وقت ڪڍي اسان سان ڪچهريون ڪندا ڪريو. سچ پُڇو تہ ڊيوٽيءَ تي جيڪي ڏينهن گذرن ٿا سي سڀ سِڪ ۾ گذرندا آهن. سائين دوستن ڪان علاوه شهر وارن يا ٻين سان بہ تمام سهڻي ۽ سلوڻي نموني پيش ايندو هو ۽ خدمت ضرور ڪندو هو. هاڻي تہ ان ۾ اجان گھڻو اضافو آيو آهي. هاڻي تہ سائين جن جي شخصيت ۽ ڪردار ۾ وڏيڪ نکار اچي چُڪو آهي.

سوال 4: سائين جن جي ڪردار بابت توهان پنهنجا تاثرات پيش ڪريو؟

جواب : سائين بهترين ڪردار جو مالڪ رهيو آهي. پنهنجي استادن، شاگردن، دوستن ۽ ٻين ماڻهن سان عمده نموني پيش ايندو هو. وضع قطع جي اعتبار سان بہ عالمن جي شبيهہ پيش ڪري ٿو تہ وري ڪردار ۽ عمل ۾ بہ هڪ باعمل عالم جي روپ ۾ رهي ٿو. سندس اخلاق جا گرويده پنهنجن سان گڏ پراوا بہ آهن. دوست ۽ شاگرد تہ سندس سُٺي اخلاق جا معترف آهن پر ان سان گڏ ٻيا بہ ڪيس اعلىٰ اخلاق وارو مڃن ٿا.

سوال5: سائين جي علمي ادبي خدمتن جي باري ۾ چا ٿا چئو؟

جواب : سائين ادبي ميدان ۾ بہ سُٺيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. بهترين ۽ عمده ڪتاب سنڌي ۽ مذهبي ادب ۾ لکي پنهنجو فرض ادبي ميدان ۾ بہ ڪنهن حد تائين پورو ڪري چُڪو آهي. سندس تصنيفي ۽ تدريسي خدمتون بي شمار رهيون. پاڻ تصنيف جي ميدان بہ سُٺو رهيو آهي. سندس ڇپيل ڪتابن منجهان مون

ڪي سندس ڪتاب " شاهہ لطيف ۽ قرآن مجيد " ڏاڍو متاثر ڪيو. سندس هي ڪتاب سندس علمي درجي جو شاهد آهي.

سوال 6: سائين مفتي ڪريم بخش مگسي جن سان ڪهڙي ريت پيش ايندو هو؟

سائين حبيب حضوري بااخلاق انسان رهيو آهي. پنهنجي استاد محترم مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب سان تمام گھڻي دل هوندي هئس. پاڻ پنهنجي استاد جو پروانو هوندو هو. سندس استاد بہ سندس اخلاق جي تعريف ڪندو رهندو ۽ پنهنجي هن روحاني پٽ کي سيني ڪان وڏيڪ پنهنجو فرمانبردار سمجهندو هو. مفتي صاحب سندس خدمت ۽ احترام جو ذڪر اڪثر ڪندو رهندو هو. ايتري قدر جو اگر ڪو ماڻهو اچي سائين جن جي شڪايت مفتي صاحب کي ڪئي تہ ان جي جواب ۾ مفتي صاحب فرمائيندو هو تہ مان مولوي حبيب حضوري جي بدران شاهدي ڏيان ٿو. سندس باري ۾ منهنجي شاهدي ڪافي آهي تہ هن ايئن يا ان نيت سان اهڙو ڪو ڪم نہ ڪيو هوندو جنهن سان توهان جي دل آزاري ٿئي. جنهن شاگرد جي باري ۾ سندس استاد جي زبان تي تعريفي ڪلمات هجن توهان چا ٿا سمجهو تہ اهو شاگرد اخلاق ۽ فرمانبرداريءَ جي ڪهڙي درجي تي فائز هوندو؟ سو سائين حبيب حضوري بہ بهترين شخصيت، فرمانبردار ۽ بااخلاق انسان رهيو آهي.

سوال 7: سائين شاگردن سان ڪهڙو رويو رکندا هئا؟

جواب : سائين حبيب حضوري پنهنجن شاگردن کي ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهہ سان پڙهائيندا هئا. ڪڏهن بہ دڙڪو دهمان نہ ڪندا هئا تہ ڪٿي سندس دڙڪي جي ڪري شاگرد ذهني طرح دٻجي نہ وڃن.

شاگردن جي سوال ڪرڻ تي ڪڏهن بہ ناگواري ظاهر نہ ڪيائين بلڪہ اجان خوشيءَ جو اظهار ڪندو هو تہ بابا مون کان سوال بلا ججهڪ ڪندا رهو، ڇو تہ مان هت توهان کي سيکارڻ لاءِ ئي وينو آهيان. اگر توهان مون کان سوال نہ ڪندؤ تہ مون کي ڪيئن خبر پوندي تہ توهان جي ذهن ۾ ڪهڙو مونجهارو پي آيو آهي ۽ مان ان جو ازالو بنا سوال پڇڻ جي ڪيئن ڪري سگهندس؟ سمجهہ ۾ نہ اچي تہ پُڇندا ڪريو. منهنجو فرض آهي تہ توهان جي هر هڪ سوال جو جواب ڏئي توهان جي ذهني الجهن کي دور ڪريان. سائين پنهنجن شاگردن سان اهڙي طرح پيش ايندا هئا جو هر شاگرد ايئن سمجهندو هو تہ سائين سيني کان وڌيڪ مون سان محبت ڪري ٿو، مون سان سيني کان وڌيڪ دل اٿس، ٻين جي مقابلي ۾ مون تي تمام گهڻو ڌيان ڏئي ٿو. تمام هڏ ڏوکي ۽ همدرد انسان رهيو. سندس رويو جيئن ٻين سان پلو هوندو هو، بلڪل اهڙي طرح پنهنجي شاگردن سان بہ تمام پلو رهيو.

سوال 9 : توهان جو زندهہ ماڻهوءَ جي سوانح ۽ خدمتن تي لکڻ جي باري ۾ رايو ڇا آهي؟

جواب : سائين مون توهان کي اڳ ۾ جڏهن توهان پنهنجو ڪتاب " مَهان ماڻهو ميهڙ جا " آندو تہ ان وقت بہ اهو عرض ڪيو هئم تہ سائين جيڪي ماڻهو علمي ادبي خدمتون ڪن ٿا انهن کي زندگيءَ ۾ ملڻُ ڏيڻ جي ڪوشش ڪيو. مرده پرستيءَ کان زندهہ پرستيءَ کي اسلام ساراهيو آهي. زندهہ ماڻهن جي خدمتن ۽ ڪردار کي اجارڻ سان سندس حوصلو اجان وڌندو ۽

منجهن خدمت جو جذبو پڻ وڌي ويندو. جيڪو ماڻهو پنهنجو ڪردار ادا ڪري دارالبقا ڏانهن راهي ٿي وڃي ٿو تہ ان جو ڪردار لکڻ ۽ محفوظ ڪرڻ پڻ هڪ سُٺي ڳالهہ ۽ ايندڙ نسل لاءِ مثبت پيغام جو قابل تحسين قدم آهي. پر زندهہ انسانن تي لکڻ گهرجي. مون کي اها ڳالهہ وڌيڪ پسند آهي تہ دنيا مان روانو ٿيڻ واري جي مقابلي ۾ زندهہ انسان جي خدمتن کي اجاريو وڃي. توهان جي هي قدم بهترين ۽ قابل ساراهہ آهي. توهان جو هي علمي قدم سچ پچ مون کي قلبي سُڪون ڏئي رهيو آهي. زندهہ انسان تي لکڻ سُٺي روايت آهي اگر ڪو انهيءَ خيال سان متفق نہ ٿو ٿئي تہ اها سندس راءِ آهي. توهان پنهنجي خدمت جاري رکو. توهان پنهنجي حصي جو ڪم ڪريو، تنقيد ڪرڻ وارا پنهنجي حصي جو ڪم ڪن. ڪم ڪرڻ تہ انهن کان پُڇندو بہ ڪونہ پر خواه مخواهہ ٻئي جي ڪم ۾ خلل وجهي ڪيس دل شڪستہ ڪرڻ جي چڪر ۾ رهندا آهن. توهان جيڪا روايت شروع ڪئي آهي اها منهنجي نظر ۾ هڪ بهترين ۽ معاشري لاءِ بہ ڪارگر روايت آهي.

مولانا حبيب حضوري کي ليکڪن ۽ اهل قلم پاران ڏنل خراج تحسين

حيدرآباد منجهان شايع ٿيندڙ رسالي " آواز سنڌ " سيپٽمبر 2017ع جي شماري نمبر 8 ۾ ميهڙ سان متصل ڳوٺ ٽيٻا جي نوجوان ليکڪ ۽ شاعر محترم زاهد ابڙو مولانا حبيب حضوري تي هڪ مضمون بنام " حبيب حضوري جي زندگي ۽ خدمتن تي هڪ نظر " لکيو آهي. هي مضمون رسالي جي صفحي نمبر 16 ۽ 17 تي ڇپيل آهي. زاهد ابڙي هن مضمون جي شروعات ۾ مولانا جو ٽورڙو نسب " نالو حبيب الله بن محمد عثمان بن عيسن بن عثمان ڏيرو" تائين لکيو آهي. ان کان بعد لقب حبيب حضوري لکيو اٿائين. اڳتي مولانا جي ڄمڻ جي ڳالهه لکي اٿائين. ان کان پوءِ سندس درسي تعليم ۽ ديني تعليم ڪهڙي اداري ۽ ڪهڙن استادن کان حاصل ڪئي آهي جو تفصيل لکيو آهي. ان کان اڳتي مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب وٽ تعليم حاصل ڪري دستار فضيلت ٻڌڻ تائين جو احوال لکي، سندس توريت، زبور ۽ انجيل جو مطالعو ڪرڻ ۽ سَنَدَ حاصل ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي اٿائين. ان کان اڳتي مولوي عالم فاضل عربي جي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ جو احوال لکيو اٿائين. ان کان پوءِ مئٽرڪ کان ايم اي تائين درسي تعليم حاصل ڪرڻ بابت لکيو اٿائين. بعد تنظيم المدارس اهل

سنت لاهور منجهان امتحان ڏئي " الشهادة العالميه والاسلاميه " جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ واري ڳالهه لکي اٿائين. ان کان پوءِ ايوارڊن ۽ مجتا سرٽيفڪيٽن جو احوال لکيو اٿائين. ان کان پوءِ حيدرآباد ۾ وري دوره حديث پڙهڻ واري ڳالهه جي وضاحت ڪئي اٿائين. ان کان اڳتي سندس تدريسي خدمتن ۽ تدريسي دور جا احوال لکيا اٿائين. ان کان پوءِ " انجمن طلباءِ ڪريميه " جو بنياد وجهڻ ۽ علمي ادبي تنظيمن سان وابستگيءَ جي باري ۾ لکيو اٿائين. هن مضمون جو اختتام مولانا حبيب حضوري جي شاعري جو نمونو پيش ڪري ڪيو اٿائين. محترم زاهد ابڙو جو مولانا حبيب حضوري جي زندگي ۽ خدمات تي لکيل هي مختصر پر جامع مضمون مولانا صاحب جي باري ۾ ڪافي معلومات فراهم ڪري ٿو.

مولانا حبيب الله ڏيرو

مولانا حبيب حضوري جي زندگي ۽ سندس خدمتن تي لکيل هي مضمون ميهڙ جي مشهور علمي شخصيت مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جي وڏي فرزند مرحوم محمد امين مگسي پنهنجي ڪتاب " جوڳيئڙا جهان ۾ " جيڪو مئي 1997ع ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو ۾ شامل ڪيو آهي. سندس هي مضمون ڪتاب جي صفحي نمبر 251 ۽ 252 تي ڇپيل آهي. محمد امين مگسي صاحب پنهنجي هن

مضمون ۾ مولانا حبيب حضوري جي زندگيءَ جي باري سُٺو مضمون لکيو آهي. دراصل محمد امين مگسي ۽ مولانا حبيب حضوري هم درس رهيا آهن، سندن بچپن جا سُهانا ڏينهن گڏ ڪيڏندي، گڏ گهمندي، گڏ پڙهندي ۽ ڪچهريون ڪندي گذريا آهن. محمد امين مگسي صاحب مولانا حبيب حضوري جي ابتدائي تعليمي دور کان وٺي عيني گواهه هو. پاڻ پنهنجي هن مضمون اندر سائنس تعليم حاصل ڪرڻ واري دور جون يادگيريون، تعليم کاتي ۾ نوڪري ملڻ ۽ ان کان پوءِ سندس تدريسي، ديني، سماجي ۽ ادبي خدمتن جو ذڪر ڏاڍي سُٺي پيرا ۾ ڪيو آهي.

حبيب حضوري جو سوانح حياتي خاڪو

هي مضمون دراصل مولانا صاحب کان ورتل هڪ انٽرويو آهي جيڪو هڪ مضمون جي شڪل ۾ ميهڙ منجهان نڪرندڙ هفتيوار اخبار " سچ جو آواز " جي جلد 3 شمارو 30، جيڪا 3 مئي کان 10 مئي 2017ع تي ڇپي ۾ (هفتيوار سچ جو آواز جو هفتيوار سلسلو هڪ شخصيت ۾) ڇپيل آهي. مولانا تي ڇپيل هي مضمون مولانا صاحب جي زندگي، علمي، ادبي، سماجي خدمتن سان گڏ روزمره جي معمول مطابق گذرندڙ زندگيءَ جي باري ۾ ڪافي معلومات فراهم ڪري ٿو. هن مضمون ۾ مولانا صاحب جي ڪريميه لائبريري جامع مسجد ميهڙ ۾ مطالعي دوران ورتل تصوير پڻ لڳل آهي.

حبيب حضوري (ڪتاب سنڌ رنگ ۾ ڇپيل سندس شاعري جو براهوي ۾ ترجمو)

ميهڙ جي مشهور و معروف علمي ادبي شخصيت محترم مولانا عبدالقيوم المعروف جوهر بروهي صاحب سنڌ جي شعراء حضرات جي شاعري ۽ مختصر تعارف تي مبني هڪ ڪتاب براهوي زبان ۾ مرتب ڪيو آهي. سنڌي شاعرن جي سنڌي شاعري کي براهوي ۾ لکيو اٿائين. سندس هي ڪتاب "سنڌهه رنگ" جيڪو نومبر 2017ع ۾ براهوي اڪيڊمي (رجسٽرڊ) پاڪستان ڪوئٽه طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو. هن ڪتاب جي صفحي 334 تي مولانا حبيب حضوري جو مختصر تعارف براهوي ۾ ۽ صفحي 335 تي سندس غزل جو ترجمو براهوي ۾ ڇپيل آهي. ان ڪتاب ۾ موجود تعارف ۽ غزل هن ريت آهي:

حبیب حضوری

حبیب اللہ حبیب حضوری ولد الحاج محمد عثمان ڈیرا 15 جون 1959ء ٹی ودی مس۔ مدرسہ او اسکول ٹی تعلیم حاصل کرے استاد مقرر مس۔ ایم اے اسلامیات نا امتحان تس۔ تینا حلقہ نا مقبول عالم دانشور محقق وشاعر ئس ارے۔ سید علی اکبر شاہ رضوی نا سوانح نا سلسلہ ٹی اوناترتیب تروکا کتاب "موھیا کنظب نہ مال" چھاپ مس۔ حبیب حضوری نا تعلق سندھ ناپنی آ مذہبی خاہوت توارے۔ تینا خاہوت نا علمی ادبی حیثیت نارداٹ "ڈیرا خاندان جون علمی خدمتون" مرتب کرے او چھاپ

کرے۔ اونا شعری مجموعہ "سندا چھولین چھوھ" 2017ء ٹی چھاپ مس۔ داسا او میہڑٹی تینا خلق خاہوت تو اوار جہی ئے۔

غزل

مہر نا سامان اینو جوڑ کین
نوبنو جہان اینو جوڑ کین

حملہ ءِ حیوانیت نا چار کنڈ
نم بو انسان اینو جوڑ کین

قوم نا خادم او تینے منفے
دہنو سیاستدان اینو جوڑ کین

شاعری نا مُتکنا گاماک کار
فکر عالی شان اینو جوڑ کین

نن شعورٹ قومے تینا بڑزا کین
علم ہم عرفان اینو جوڑ کین

نفرتا تا دیوے اینو نن ہشّیب
داڑے اسہ شمشان اینو جوڑ کین

عُمر مرے ہر درد ہم اُستان اینو
درد نا درمان اینو جوڑ کین

حبيب حضوري عالم، فاضل، شاعر ۽ اديب

ميهڙ جي سماجي اداري "شفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ" جي خدمات تي لکيل ڪتاب "آس" جي صفحي نمبر 53 ۽ 54 تي "حبيب حضوري عالم، فاضل، شاعر ۽ اديب" جي نالي سان محمد امين مگسي صاحب جي تقرير جيڪا پاڻ مولانا سان 22 مئي 2016ع تي رهاڻ الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ طرفان منعقد ڪئي وئي واري پروگرام ۾ پڙهي هئائين شايع ٿيل آهي. هن تقرير جي شروعات ۾ محمد امين لکي ٿو ته ميهڙ جي مشهوري رڳو ميندي، مائي ۽ ميهڙ جي ٽاور جي ڪري نه بلڪ

هتان جي عظيم ماڻهن جي ڪري آهي. اڳتي لکي ٿو ته حبيب حضوري عالم، فاضل، شاعر ۽ اديب آهي. ليکڪ سندس استاد هجڻ ڪي هڪ وڏي خوبي قرار ڏنو آهي. انهيءَ ڪان پوءِ سندس شاعري بابت لکيو اٿائين.

منهنجو حبيب حضوري ڪي سلام

هيءَ تقرير به مولانا حبيب حضوري سان ٿيل رهاڻ واري پروگرام ۾ مولانا نثار احمد مگسي صاحب طرفان ڪئي وئي. جيڪا " آس " ڪتاب جي صفحي 55 ۽ 56 تي ڇپيل آهي. هن تقرير جو عنوان "منهنجو حبيب حضوري ڪي سلام " جي نالي سان ڇپيل آهي. هيءَ تقرير به ساڻس رهاڻ واري پروگرام جي مناسبت آهي. هن تقرير ۾ مولانا نثار احمد عالمن سڀڳورن جو شان قرآن مجيد جي آيت جي روشني ۾ پيش ڪيوآهي. ان ڪان پوءِ هن جاگيردارانه سماج ۾ بيباڪ شاعر ۽ اڏول ڪردار جي ساراهه ڪندي چوي ٿو ته مولانا حبيب حضوري به ملامت جي پرواهه ڪرڻ بنا قرباني ڏيندي پنهنجي سفر تي روان آهي.

حبيب حضوري هڪ سُٺو ڪردار

هيءَ تقرير انهيءَ پروگرام ۾ هاءِ اسڪول جي ان وقت ايف اي جي عهدي تي رهندڙ استاد جناب علي گوهر سيال ڪئي. جيڪا ، آس " ڪتاب جي صفحي نمبر 57 ۽ 58 تي ڇپيل آهي.

هن تقرير ۾ مقرر سڀ ڪان پهريان صاحبِ رهاڻ ڪي مبارڪ باد پيش ڪئي ۽ هن محفل ڪي منعقد ڪندڙ حافظ احمد ذهين، محبوب علي "محبوب" ڏيپر، شمس ابن ضياء ابن بلبل، مولانا نثار احمد ڏهر، عبدالستار چنا ۽ شفيق احمد چنا ڪي سلام پيش ڪيو. ان ڪان پوءِ حديث شريف پيش ڪئي ته "علم ڏيندڙ ۽ علم وٺندڙ ٻئي ثواب ۾ برابر جا شريڪ آهن". ان حديث جو مصداق مولانا حبيب حضوري ڪي به قرار ڏنائين. پاڻ هن تقرير ۾ چيائين ته مون ويهه سال سائين حبيب حضوري سان گڏ گذاريو آهي. انهيءَ عرصي ۾ مون سائين ڪي ڏٺو ۽ پرکيو آهي. پاڻ هڪ اعلىٰ درجي جو علم رکندڙ، سماجي ورڪر، ملڻ جُلڻ وارو، هر هڪ جو دوست، هر مڪتبه فڪر سان رَلي ملي وڃڻ وارو، شاعر، اديب، ليکڪ، سُٺو مقرر ۽ بهترين انسان آهي. پاڻ پنهنجي سبجيڪٽ جو ماهر استاد آهي ۽ دين جي علم تي مهارت رکندڙ آهي. اڳتي چيائين ته سائين حبيب حضوري جي هڪ اهم خصوصيت هيءَ به آهي ته هو سچ گو انسان آهي پوءِ ڀلي ڪٽي کهڙو به سندس ويجهو دوست يا عزيز هجي ته به ان ڪي سچ چئي ڏيندو آهي ۽ اهڙا سچ گو انسان وَرلي ملندا آهن. پاڻ هڪ بهترين معاونت ڪندڙ آهي. پاڻ ڪيترن ئي معاملن ۾ منهنجو به سهڪاري رهيو آهي. آخر ۾ ڪيس دعائون ڏيندي پنهنجي تقرير مڪمل ڪئي اٿائين.

محبتي ڏاهي جو پورهيو

هي تقرير به ساڳئي پروگرام ۾ خيرپور ناٿن جي مشهور علمي ادبي شخصيت محترم فياض بلوچ صاحب ڪئي. هي تقرير " آس " جي صفحي نمبر 59 ۽ 60 تي ڇپيل آهي. هن تقرير ۾ محترم فياض بلوچ صاحب پنهنجي پهرين ملاقات جيڪا هاءِ اسڪول خيرپور ناٿن شاهه جي هيڊماستر جي آفيس ۾ مولانا حبيب حضوري سان ٿي جي ڳالهه ڪئي. ان کان بعد مولانا صاحب جي ملڻ واري انداز، سهڪار ۽ ڪردار جي باري ۾ ڪافي تعريفي ڪلمات چيا اٿائين. پاڻ چيائين ته سائين حبيب حضوري جيءَ ۾ جايون اڳئي جوڙي ڇڏيون هيون، وري ادبي حوالي سان ميلاپ ۾ وڌيڪ سندرتا آڻي ڇڏي. سندس شاعري ۾ ڪچهري انتهائي پختي، سندس قد بت وانگر مضبوط نظر آئي پُرڪشش شخصيت، پنڊال ۾ اعلىٰ نظر آئي. هر محفل جي رونق ۽ باوقار شخصيت، يارن جو يار، همدرد ۽ غم گسار لڳي رهيو آهي. سندس شخصيت ادبي، علمي، تعليمي ۽ سياسي طور مضبوط ۽ خود اعتمادي سان پريل نظر ايندي آهي. ان کان پوءِ مولانا حبيب حضوري جي ادبي خدمتن جن ۾ خاص ڪري تحريري خدمتن جو شاندار نموني مختصر مگر جامع ڪلام ڪري جس ۽ واڌايون پيش ڪيون اٿائين. ان کان بعد منتظمين جو شڪريو ادا ڪري پنهنجي تقرير جو اختتام ڪيو اٿائين.

حبيب حضوري سان ملهايل ادبي رهاڻ جي موقعي تي ڪيل تقرير

هي تقرير مولانا حبيب حضوري جي شاگرد ۽ بعد ۾ گهري دوست هاءِ ڪورٽ جي ايڊوڪيٽ محترم عبدالحڪيم چانڊيي ساڳي پروگرام ۾ پيش ڪئي جيڪا " آس " جي صفحي نمبر 61 کان 69 تائين شايع ٿيل آهي. هن تقرير ۾ مقرر حاضرين جا نالا وٺي ڪين چيو ته " جيتري ميهڙ جي ميندي ۾ خوشبوءِ هوندي آهي اوهان ۾ به اوتري خوشبوءِ آهي. ان کان بعد ميهڙ ۽ ميهڙ جي علمي ادارن ۾ گذاريل پنهنجي زندگيءَ جي ٻچپن وارن ڏينهن جون يادون ڏاڍي سليقي سان بيان ڪري مولانا حبيب حضوري جي زندگي، خدمتن ۽ ڪردار تي ڪافي تفصيلي تقرير ڪئي اٿائين. مقرر ڪيس سُنو قائد مجيو ۽ منجهس قيادت جون تقريبًا مڪمل خوبيون مجيون آهن.

عاجز سرڳاٽي طرفان منظوم پيٽا

سنڌ جي مشهور شاعر محترم عاجز سرڳاٽي صاحب طرفان هن پروگرام ۾ مولانا حبيب حضوري کي پنهنجي شاعريءَ ۾ منظوم پيٽا پيش ڪئي. هيءَ پيٽا " آس " ۾ صفحي نمبر 70 ۽ 71 تي ڇپيل آهي. اها پيٽا قارئين جي نظر ڪجي ٿي.

سو حبيب حضوري وڏي ڳالهه آ
سو حبيب حضوري وڏي ڳالهه آ

جنهن کي بيحد ٿو سچل پٽائي وٽي
۽ عنايت ۽ سيد سنائي وٽي
۽ بلاول، بخاري، گدائي وٽي
صاف صوفي نہ جنهن کي وڏائي وٽي
سو حبيب حضوري وڏي ڳالهہ آ
هي عالم وڏو ۽ اڪابر بہ آ
هي استاد ماهر ۽ شاعر بہ آ
فاذڪروني جي مِصداق ذاڪر بہ آ
واشڪرولي جي مِصداق شاڪر بہ آ
جنهن جي خوشبو ڪتوري وڏي ڳالهہ آ
سو حبيب حضوري وڏي ڳالهہ آ
ڪنهن کان ناراض ٿيندو صفا ڪونہ آ
جنهن جي ڪُڙتي ۾ بغض و دغا ڪونہ آ
سو تہ ان کان پُڇو جو پلا چو نہ آ
فهم اخلاق ۾ سؤ دفعا سونُ آ
ڳالهہ ٿيندي نہ پوري وڏي ڳالهہ آ
سو حبيب حضوري وڏي ڳالهہ آ
جنهن جي ياري تي عاجز وڏو ناز آ
هي تہ حلقئہ محبت ۾ ممتاز آ
پاڻ محمود پيي خود ۽ اياز آ
منهنجو سرڳاٽي همدم ۽ همراز آ

اهڙي ڏيري کان ڏوري وڏي ڳالهہ آ
سو حبيب حضوري وڏي ڳالهہ آ
اهڙي دلبر کان دوري وڏي ڳالهہ آ

مولوي حبيب الله ڏيرو " حضوري نوري"

ڳوٺ بخشو مگسي تعلقي سڪرنڊ جي مشهور اديب ڊاڪٽر عبدالرسول مگسي (قادري) پنهنجي استاد محترم مولانا مفتي ڪري بخش مگسي صاحب جي سوانح ۽ سماجي، ادبي ۽ علمي خدمتن تي هڪ تحقيقي ڪتاب بنام " قرب ڪريمي " آڪٽوبر 2018ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ مفتي صاحب جي حال حيات شاگردن ۾ مولانا حبيب حضوري جو بہ تذڪرو ڪيو اٿائين. سندس احوال ڪتاب جي صفحي نمبر 238 ۽ 239 تي ڇپيل آهي. قادري صاحب 0پنهنجي هن ننڍڙي مضمون ۾ مولانا صاحب جي خدمتن ۽ ڪردار جي سُٺي نموني وضاحت ڪئي آهي. قادري صاحب جو هي مضمون مولانا حبيب حضوري جي تعارف لاءِ ڪافي حد تائين صحيح آهي.

مولانا حبيب الله ڏيرو (حبيب حضوري) (مَهان ماڻهو ميهڙ جا ۾ ڇپيل مضمون)

هي راقم جي تحقيقي محنت ڪتابي صورت ۾ تازو جنوري 2021ع ۾ شاد پبليڪيشن حيدرآباد طرفان ڇپجي منظر عام تي آئي آهي. منهنجي هن ڪتاب ۾ ميهڙ تعلقي جي عالمن، اديبن، شاعرن، سياسي، سماجي ۽ معزز ماڻهن جا سوانحي خاڪا ۽ سندن خدمتن تي مشتمل مضمون شامل آهن. مون هن ڪتاب کي ذاتي شوق ۽ جذبي سان مختلف بنيادي ۽ ثانوي ذريعن کي استعمال ڪري معلومات کي گڏ ڪري 110 مَهان ماڻهن بابت لکيو آهي. مون ڪتاب منجهه اهل ممات ۽ زنده ماڻهن کي قلمبند ڪيو آهي. مولانا حبيب الله ڏيرو جي به عظيم خدمتن جي مدِ نظر مٿس ڪتاب جي ٽن صفحن تي مشتمل مضمون شامل ڪيو آهي. منهنجي هن ڪتاب " مَهان ماڻهو ميهڙ جا " جي صفحي نمبر 34 کان 36 تائين سندس زندگي ۽ خدمتن جي باري ۾ مختصر پر جامع مضمون ڇپيل آهي. مون پنهنجي هن مضمون ذريعي مولانا جي زندگيءَ جي تقريبًا هر هڪ پهلو کي قلمبند ڪرڻ جي سعي ڪئي آهي. آءٌ پنهنجي ڪوشش ۾ ڪيترو ڪامياب ٿي سگهيو آهيان ان جو فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏي ڏيان ٿو.

استاد، اديب ۽ عالم حبيب حضوري سان ڳالهه ٻولهه

ميهڙ منجهان نڪرندڙ " ماهوار سبگا مئگزين جيڪو ساهل پرنٽرز حيدرآباد منجهان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويندو رهيو. هن رسالي جي جولاءِ 2020ع جي شماري جي صفحي نمبر 14 کان 18 پنجن صفحن تي مشمل انٽرويو ڇپيل آهي. هي انٽرويو مئگزين طرفان ڪانئس ورتو ويو. هي انٽرويو مولانا صاحب جي زندگيءَ بابت سندس زباني بهترين ۽ يقيني معلومات مهيا ڪري ٿو. هن انٽرويو ۾ ڪانئس سندس زندگي ۽ سندس علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتن جي باري ۾ تفصيلي وضاحت پيش ڪري ٿو. هن انٽرويو ۾ ڪل ٻارهن سوال پڇيا ويا آهن. انهن سوالن ۾ مولانا صاحب جي پنهنجي زندگي، علمي، ادبي خدمتن، ميهڙ جي مدرسن، انهن جي تعليم، انهن ۾ پڙهايو ويندڙ نصاب، سنڌ جي تعليم، ماضيءَ ۾ مدرسن جي تعليم، سنڌي ادب عالمي ادب جي ليول تي ڪٿي بيٺل آهي، سنڌ جي ماضي ۾ پيدا ٿيندڙ اديب ۽ شاعرن جي مقابلي ۾ اڄ ڪلهه درٻاري ڏسجي ٿو ان پنيان ڪهڙا سبب آهن ۽ سندس ايندڙ ڪتابن ۽ تخليق جي باري ۾ ڇپيل سوالن جا جواب ڏاڍا علمي نظر اچن ٿا. هي انٽرويو مولانا حبيب حضوري جي علمي درجي جي نشاندهي پڻ ڪري ٿو.

مولانا حبيب حضوري بابت لکيل سندس ياءُ محترم شاعر حزب الله ميهڙائي جو مضمون قارئين جي نظر ڪجي ٿو.

ادا سائين حبيب حضوري ٻچپن کان ئي سيني جو دادلو ۽ ڇهيتو رهيو آهي

ڪاڇي جي خوشبودار مٽي مان جنم وٺندڙ ڪاري جبل جي اوٽ ۾ هڪ ننڍڙو ڳوٺ سجايل هو، جنهن جو دنيا جي نقشي تي نالو لاڪو تڪيو رکيل هو. ان ڳوٺ ۾ ادا سائين حبيب الله عرف سائين حبيب حضوري پيدا ٿيو. ننڍپڻ ۾ بابا سائين ۽ امڙ جيجل جو دادلو، پائر ۽ پينرن جو پيارو ۽ سُلڇڻو هو. تعليم جي شروعات ڪيائين ته سندس شمار ذهين شاگردن ۾ ٿيڻ لڳو. بابا سائين بعد ۾ ڪيس ميهڙ ۾ پنهنجي پاءُ مولانا قاري محمد ڏيرو صاحب جن جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو. اهو مدرسو اڄ به قائم ۽ دائم آهي. تعليم حاصل ڪندي اڪثر علمن جا ڪتاب پڙهي ورتائين. ذهين، سلڇڻو ۽ حسين قداور ڇوڪري ميهڙ جي گهٽين ۾ اديب دوستن ۽ شاعرن سان ڪچهريون ڪندي ڪافي ڳالهيون سِکي ۽ پرائي ورتيون، پوءِ پاڻ به ادب ۾ پَير پاتائين. ٿورڙي ئي عرصي ۾ سندس شمار سُنن شاعرن ۽ اديبن ۾ ٿيڻ لڳو. هن وقت تائين سندس ڏهه ٻارهن ڪتاب اچي چڪا آهن. سندس سيني ڪتابن شهرت ماڻي ورتي. ادا سائين حبيب حضوري ديني تعليم جي ميدان ۾ جامع مسجد اڪبري ميهڙ ۾ ڪجهه وڏا ڪتاب به پڙهايا. پاڻ درس نظاميءَ جي تڪميل جامع مسجد اڪبري ميهڙ ۾ ڪري استاد محترم مرحوم سائين مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جن وٽ پڙهي پورا ڪري دستار فضيلت ٻَڌي. پڙهائي دوران به سائين وڏن يعني مفتي صاحب جن جو دادلو ۽ پيارو شاگرد رهيو. ساري زندگي علم و ادب جي خدمت ڪندي به سال اڳ عربي معلم جي عهدي تان رٽايرڊ ٿي

اڄ به علمي ميدان ۾ پنهنجون خدمتون ڏاڍي جوش سان جاري رکندو پيو اچي. اسان دعاڳو آهيون ته الله سائين ادا سائين جن کي وڏي صحتمند حياتي ڏئي ته جيئن علم ۽ ادب جو ڪم ڪندو رهي. آمين

شاعرحزب الله ڏيرو ميهڙائي

ميهڙ جي نوجان ليکڪ زاهد ابڙو پنهنجي زندگيءَ جي يادگيري ۽ مولانا حبيب حضوريءَ بابت جيڪو لکيو آيو اهو مضمون قارئين اڳيان پيش ڪجي ٿو:

تو منجهه ڪئي ڪردار ڏسان ٿو

مان جڏهن ننڍو هوندو هئس ۽ پرائمري ۾ پڙهندو هئس ان وقت منهنجو وڏو ڀاءُ ادا شاهد علي ”صوف“ ابڙو سنڌي ٻارڙا، گُل ڦل، ٻالڪ ۽ ٻيا نوان نوان رسالا اخبارون ۽ ڪتاب گهر ۾ آڻيندو هو ۽ مان اهي رسالا ۽ ڪتاب گهڻي شوق سان گهر ۾ پڙهندو هئس. اتان ئي مون ڪي ادب سان دلي لڳاءُ پيدا ٿيو ۽ مون ادبي مطالعو ڪرڻ ۽ لکڻ پڙهڻ شروع ڪيو. ادا شاهد علي ”صوف“ ابڙو ننڍپڻ کان ئي ادب جو مطالعو ڏاڍي چاهه سان ڪندو هو. ڪتاب، رسالا، اخبارون، ڊائجسٽ خريد ڪري پڙهندو ۽ انهن رسالن، اخبارن ۽ ڊائجسٽن ۾ لکندو به هو. گهر ۾ ادبي ڪتابن جي ڪثرت مون منجهه انهن جي مطالعي جو ذوق پيدا ڪيو. ادا پاڻ ڪهاڻيون، لطيفا، مضمون ۽ ڪالم لکڻ سان گڏ اسٽيج ڊرامن ۽ سنڌي وڊيو فلمن ۾ به ڪم ڪندو هو. اسڪول

جي زماني ۾ ننڍڙن ٻارن، جانورن، پکين، موٽر سائيڪل وغيره جون ٻوليون ۽ نقل ڪري ماڻهن کي کلائيندو ۽ سندن دل وندرائيندو هو. پاڻ تعليم حاصل ڪرڻ دوران اسڪول ۾ ٿيندڙ سيني پروگرامن ۾ ڀرپور نموني سان حصو وٺي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري خوب داد حاصل ڪندو رهيو. هٿن تي هلڻ ۽ ٻيا جمناسٽڪ جا عجيب ڪرتب ڏيکاري ماڻهن کي حيران ڪري وجهندو هو. ننڍپڻ کان وٺي پاڻ هن وقت تائين صحافت سان به سلهاڙيل رهيو آهي. مطلب ته پاڻ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ هر فن مولئ رهيو آهي. پاڻ هن وقت ڇئن ڪتابن جو مصنف آهي ۽ سندس مواد سنڌ جي اڪثر علمي، ادبي رسالن، اخبارن ۽ ڊائجسٽن ۾ ڇپجي چڪو آهي.

جڏهن مون ڇهين درجي ۾ داخلا ورتي ته اتي به سائين اعظم علي شاهه جهڙو ادب دوست استاد مليو جيڪو اسان شاگردن کي ادبي ڪتاب پڙهڻ لاءِ اڪسائيندو، سهڪار ڪندو ۽ رهنمائي جا سبق پڻ ڏيندو هو. ان ڪري منهنجو ادب ۽ مطالعي جو شوق وڌندو رهيو ۽ مون کي اسڪولي نصاب کان وڌيڪ ادبي ڪتابن سان دلي لڳاءُ پيدا ٿيو. ايتري قدر جو مان پنهنجي تعليم تي به اها توجهه نه ڏئي سگهيس. ننڍپڻ کان ئي ڪهاڻيون، ڪالم، شاعري، خط، مضمون، سهڻا سُخن، قول، لطيفا، مزاحيه خبرون تمام گهڻي شوق سان پڙهندو هئس ۽ پڙهي انهن کان گهڻو متاثر ٿيندو هئس. سڀ کان وڌيڪ مون کي سچيون

ڪهاڻيون ڏاڍيو وڻنديون هيون ۽ مان اهي سچيون ڪهاڻيون دلچسپيءَ سان پڙهندو رهيس. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته مان سنڌ رنگ ڊائجسٽ ۾ هڪ سچي ڪهاڻي " ڪاش مان غريب نه هجان ها " ۽ ٻارن جي دنيا رسالي ۾ مرحوم اڪبر جسڪاڻيءَ جي زندگيءَ جي يادگار قسطوار ڪهاڻي " ڪاش مان پنهنجي ٻَتين واري نانيءَ سان به لفظ ڳالهايان ها ۽ چوان ها ته ناني اسان جي پارت ڪنهن کي تي ڪري وڃين" پڙهي تمام گهڻو رُنو هئس. جيڪي غربت تي لکيل هيون، چو ته منهنجو پنهنجو تعلق تمام گهڻي غريب گهراڻي سان جڙيل هئو ۽ هي ڪهاڻيون منهنجي زندگيءَ ۽ گهر سان گڏ معاشري جي سيني غريب طبقي جي غربت، بک ۽ بدحالي تي نهڪي اچن پيون ۽ مون کي غربت جو خوب احساس هئو ۽ اجان به آهي. بابا سائين "پڪال" (ڪانوانيءَ تي پاڻي پرڻ) جو ڪم ڪندو هو ۽ ڳوٺ ۽ شهر وارن جون ٻڪريون چاريندو هو، جنهن سان اسان جي گهر جو گذارو بمشڪل ٿيندو هو.

مان اسڪول موڪل کان پوءِ گهر وڃي شام جو محنت مزدوري ڪري به پئسا ڪمائي گهر به ڏيندو هئس ۽ انهن منجهان سنڌ رنگ، هالار ڊائجسٽ، گل ڦل، ٻارن جي دنيا رسالا، اخبارون ۽ ڪتاب خريد ڪري ڏاڍي شوق سان پڙهندو هئس ۽ ننڍا ننڍا مضمون، خط، لطيفا، سُهڻا سُخن، مزاحيه خبرون هٿ سان ڪنهن ڪاغذ تي لکي لفافي ۾ وجهي پوسٽ ڪندو هئس. جڏهن اهو

مواد سنڌ جي مختلف رسالن، اخبارن يا ڊائجسٽ ۾ ڇپبو هو ته ڏاڍي خوشي محسوس ڪندو هئس. ان وقت ڪتاب، رسالا، اخبارون ۽ ڊائجسٽ وغيره پڙهڻ جو عروج هوندو هو ۽ موبائل ۽ سوشل ميڊيا جو دور نه هئو. سرڪيوليشن هئڻ ڪري تقريبًا رسالا ۽ ڊائجسٽ ماهوار هوندا هئا. هن وقت ڪيترائي اهي ادارا بند ٿي ويا آهن. مون ڪي مطالعي جو ايترو ته جُنون هوندو هو جو رستي ويندي ڪنهن رسالي ۽ اخبار جو ڪو ڦاٽل ڪريل ٽڪرو زمين تي پيل ڏسندو هئس ته اهو کڻي جيسيتائين نه پڙهندو هئس تيسيتائين سُڪون نه ايندو هو. اڄان تائين اها ساڳي عادت مون منجهه موجود آهي. جڏهن مان ۽ منهنجي ڀاءُ عابد علي ابڙو انڏن مَنڊن نمبرن ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي ته غربت سبب اسان جي گهر جا حالات ڏاڍا خراب ٿي ويا. بابا سائين ڪمائڻ وارو هڪڙو هو، جيڪو اسان جي تعليم ته ڇا پر گهر جو خرچ به پورو مشڪل سان ڪندو هو، مجبورًا اسان ٻئي پائر ميهڙ جي ٺيڪيدار محترم اڪبر جانوري ۽ رحمت الله جانوري جي ڪنيل سرڪاري ٺيڪن تي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ تغاري کڻي مزدوري ڪرڻ لڳاسين. ان وقت مزدوري ستر (70) روپيا روزانو جي حساب سان ملندي هئي. جڏهن به ٽي سال مزدوري ڪري صفا ٿڪجي پيس ته بابا سائين سومرا بوڪ اسٽور ميهڙ ۾ مون کي ملازم رکرايو، جتي مون کي 500 پنج سؤ روپيا مهينو پگهار ملندي هئي. اتي مون کان اڳ هڪ پراڻو ملازم محمد حسن

تيوٽو عبدالله ڪالوني ميهڙ جو رهائشي به ڪم ڪندو هو. ڪائنس اهو هرگز برداشت نه ٿيندو هو ته مون سان گڏ هن بوڪ اسٽور تي ڪو نئون ملازم به ڪم ڪري. ڪيس دل ۾ هر وقت لالچ هوندي هئي ته مان اڪيلو ئي ملازم هجان، ماني ٽڪي، چانهه پاڻي ۽ اهي پنج روپيا وڌيڪ به مون کي ملن. ڪهڙي به طريقي سان هي نئون ملازم دوڪان تان نڪري وڃي. اهو ملازم منهنجي باري ۾ سيٺين کي غلط ڳالهيون ۽ گهٽ وڌ چغليون هڻي ٻڌائيندو هو. خاص ڪري سائين بدرالدين سومرو جي ننڍي ڀاءُ ضياءُ الدين سومرو کي منهنجي خلاف گهڻو ورغلائيندو هو. مان جڏهن گراهڪ جا هڪ درجن ڪتاب يا بوڪ ڳڻي ٽيبل تي رکندو هئس ته هي حاسد ملازم هڪ ڪاپي ڪڍي يارهن ڪاپيون ڪري ڇڏيندو هو يا هڪ ڪاپي وڌيڪ وجهي تيرهن ڪاپيون ڪري ڇڏيندو هو ۽ سيٺين کي چوندو هو ته هن کي ڪتاب ڳڻڻ ڏانءِ نه ٿا اچن، جنهن ڪري مون کي سيٺين جا دڙڪا ٻُڌڻا پوندا هئا. آخرڪار مان سال کن وڏي مشڪل سان اتي ڪم ڪيو ۽ مجبورًا مون کي اهو بوڪ اسٽور به ڇڏڻو پيو ۽ پوءِ وري نئين روزگار جي تلاش ۾ نڪري پيس.

انهيءَ تلاش دوران منهنجي ملاقات ميهڙ جي اخباري هاڪر مشتاق سومرو سان ٿي، جنهن مون کي پنهنجي ڀاءُ فاروق سومرو سان ملايو، جيڪو ان وقت ميهڙ شهر جي مين روڊ تي جتان هڪ روڊ گاهي مهيسر ۽ ٻيو روڊ ٻيٺو جتوئي وڃي ٿو،

مين چوڻڪ تي ٽيبل رکي ڪاوش ۽ شام اخبار کپائيندو هو ۽ اڄ به ساڳي جاءِ تي ويهي اخبار کپائي ٿو. ان مون کي ڪاوش ۽ شام اخبار جو هاڪر بڻائي روزگار سان لڳايو. ان وقت ميهڙ ۾ شام ۽ ڪاوش جو ايجنٽ محترم نورالدين ٽنيو هئو جيڪو ڪاوش ۽ شام ڪان سواءِ ٻي ڪابه اخبار هاڪرن کي کپائڻ هرگز نه ڏيندو هو. هاڪرن جو سمورو حساب ڪتاب نورالدين ٽنيو کي فاروق سومرو ڪري ڏيندو هو. هن سماج جا ڪجھ بي حس ماڻهو هاڪر کي گهٽيا ۽ صفا نيچ سمجهن ٿا، جيڪو سردي توڙي گرمي سال جي هر مند ۾ مُلڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پڙهندڙن کي اخبار پهچائي ٿو، دنيا جي هر خبر ڪان ماڻهن کي آگاهه ڪري ٿو. وري به اتي هڪ سال ڪم ڪيم پر گهڻو تنگ اچي ويس، ڪيترائي ماڻهو اخبار وٺي پئسا نه ڏيندا هئا، جنهن ڪري مان ۽ ٻيا هاڪر ايجنٽ کي اهي پئسا پنهنجي کيسي منجهان پورا ڪري ڏيندا هئاسين. ان وقت ڪميشن هڪ اخبار تي هڪ روپيو هئي. ان عرصي دوران منهنجو مطالعو ختم ته نه ٿيو پر صفا گهٽجي ويو. آخر گهٽيون نوڪرون ڪائڻ ڪان پوءِ مان پاڪستان آرمي سروس ڪور ۾ ڀرتي ٿي نوشهرا ڪينٽ (پشاور) ٽريننگ تي هليو ويس ۽ سڄو سال رڳڙو ڪائيندو ٽريننگ جون سختيون برداشت ڪندو رهيس. آخرڪار هڪ ڏينهن پاسنگ آئوٽ پريڊ تي ۽ مان رنگروٽ مان سپاهي بڻجي ويس. اڄ مون کي پاڪستان آرمي ۾ ويهه 20 سال ٿي ويا آهن.

گلگت، ڪاريان، رحيم يار خان، بهاول پور، ڪراچي، حيدرآباد ۽ پشاور ۾ ڊيوٽيون سرانجام ڏئي چُڪو آهيان. هن وقت منهنجي پوسٽنگ ڪوئٽه ۾ آهي. ڊيوٽي دوران مُلڪ جي مختلف صوبن ۾ جڏهن سنڌي رسالا، ڪتاب، ڊائجسٽ نه ملندا هئا ته مان اخبار جهان، جواب عرض، فيملي اردو ڊائجسٽ وٺي پڙهندو هئس.

جڏهن ڳوٺ موڪل تي ايندو هئس ته فاروق سومرو نيوز پيپر ميهڙ ضرور ويندو هئس. اتان اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب خريد ڪري پڙهندو هئس ۽ پوءِ ڊيوٽي تي به کڻي ويندو هئس. اتي فاروق سومرو وٽ هڪ قداور بزرگ، سفيد سونهاري، مٿي تي سنڌي ٽوپي، اڇا ڪاٽن جا ڪپڙا پهريل، هٿن ۾ ڪتاب، صبح جي ٿڌڙي پهر ۾ روزانو اچي ويهي ساڻس ڪچهري ڪندو هو. ميهڙ جو رهائشي هجڻ ڪري شڪل وصورت جو ته مون کي ڏٺل پئي لڳو پر اها خبر نه هئي ته ڪو هي عالم، فاضل، استاد، ليکڪ، شاعر، اديب ۽ ٻين ڪيترين ئي خوبين سان ٽمٽار سنڌ جو عظيم شخص مولانا حبيب الله ڏيرو المعروف حبيب حضوري آهي. مون کي منهنجي مطالعي جي ڪري شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح، شيخ اياز، استاد بخاري، زاهد شيخ، حمل فقير، حليم باغي، ڊاڪٽر آڪاش انصاري، مرحومہ شاهده ڪوڪر، رخسانه جوڻيجو، ڊاڪٽر ناهيد مغل ۽ تقريبًا سنڌ جي ٻين ڪافي شاعرن جي شاعري زباني ياد هوندي هئي ۽ فاروق سومرو وٽ ويهي پڙهندو هئس. هڪ ڏينهن فاروق سومري منهنجو ۽ حبيب حضوري ٻنهي

جو هڪ ٻئي سان تعارف ڪرايو ۽ مون کي ٻڌايو تہ هي حبيب حضوري آهي، ميهڙ جو شاعر ۽ ليکڪ. پوءِ هڪ ڏينهن سائين حبيب حضوري منهنجو انٽرويو ورتو ۽ مون سان کُلي ڪچهري ڪئي. منهنجي ڪچهري ۽ انٽرويو سائين حبيب حضوريءَ کي گهڻو متاثر ڪيو، جنهن ڪري پنهنجا ٽي تازا شايع ٿيل ڪتاب "ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ادبي خدمتون، سَندا چولين چوهَ ۽ سوينيئر 2015 " اعزازي ڏنا. ايئن مان بہ اهي ڪتاب پڙهي تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ مون کي حبيب حضوري جي قلم ۾ واقعي سچائي، ڪشش ۽ طاقت نظر آئي. ان دوران منهنجي ملاقات بادهہ جي هڪ نوجوان ليکڪ، شاعر، صحافي ديدار شاد گوپانگ سان قلمي صورت ۾ ٿي، جيڪو هن وقت حيدرآباد ۾ رهي ٿو. جنهن مون کي تمام گهڻي عزت ڏني، حوصلا افزائي ۽ رهنمائي پڻ ڪئي ۽ اجان بہ اهڙي مهرباني ڪندو رهي ٿو. ان هڪ ڏينهن ٻُڌايو تہ مان ڌرتي دوست رسالو ڪڍندو هئس جيڪو سرڪيوليشن نہ هئڻ ڪري بند ڪري ڇڏيو آهي. مون ڪيس چيو تہ اوهان رسالو شايع ڪيو، مان اوهان سان پورو سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. ايئن ئي پوءِ ديدار شاد گوپانگ سنڌ نيشنل پارٽي جي چيئرمين مرحوم اشرف نوناري ۽ منهنجي تعاون سان ڌرتي دوست نالو مٽائي " آواز سنڌ " سلسليوار رسالو ڪڍڻ شروع ڪيو، جيڪو اجان تائين جاري آهي. جنهن جو چيف ايڊيٽر مرحوم اشرف نوناري، ايڊيٽر ديدار

شاد گوپانگ ۽ مينيجنگ ايڊيٽر مون کي مقررڪيو ويو. ان رسالي ۾ مون حبيب حضوري ۽ حاجي غلام نبي مهيسر جو پروفائيل لکيو. تقريبًا دادو ضلعي ۽ تعلقي ميهڙ جي شاعرن، ليکڪن ۽ اديبن جو مواد شايع ڪيو. جنهن شماري ۾ حبيب حضوري جو پروفائيل لکيم ان رسالي جون بہ اعزازي ڪاپيون سائين حبيب حضوري کي ڏنم.

ان شماري جي مهورت بهاني حبيب حضوري الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ طرفان مون سان هڪ گڏجاڻي رکي ۽ تقريبًا ميهڙ جي سيني شاعرن، ليکڪن، اديبن ۽ علمي ادبي ماڻهن کي دعوت ڏنائين ۽ پروگرام منعقد ڪرايو. آخر اهو پروگرام ٿي گذريو. ان پروگرام ۾ رسالي تي بہ روشني وڌي وئي پر ميهڙ جي ڪيترن ئي ساڙولن ماڻهن شاعرن، ليکڪ ۽ اديبن کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ مذاق اڏائي چوڻ لڳا تہ رسالي جي بہ ڪا مهورت ٿيندي آهي ڇا؟ حالانڪہ رسالي جي مهورت بهاني تہ هڪ ادبي پروگرام رٿيو ويو هو، باقي ان مهورتي ادبي پروگرام ۾ جيڪي دوست خوشيءَ سان هلي آيا انهن ۾ ڪڪول واهہ آبادگار جدوجهد ڪميٽي جو ڪنوينر محترم سڪندر علي سوڍر، سائين شفيق احمد چنا، پروفيسر عبيدالله لاڪير، محبوب علي "محبوب" ڏيپر، سائين عبد مگسي، حافظ ياسين مهيسر، ڊاڪٽر نظير عباسي، امتياز عادل سومرو ۽ ٻين دوستن نہ صرف حوصلا افزائي ڪئي پر منهنجي رهنمائي بہ ڪئي. سنڌ جي

ناليواري مَهان ليکڪ ۽ ميهڙ جي عظيم انسان شمس ابن ضياء ابن بلبل سان به مون کي سائين حبيب حضوري ملايو. جنهن سان ملي مون ادب بابت گهڻو ڪجهه سکيو ۽ سندس فَن، شخصيت ۽ ڪردار کان تمام گهڻو متاثر ٿيس. سائين شمس الدين مون کي نه صرف ادب بابت ڄاڻ ڏني پر پنهنجا ۽ پنهنجي وڏن جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ به ڏنا. ان سان گڏ مون کي سائين هر دفعي تمام گهڻي عزت ڏني، پر افسوس جو منهنجي ملاقات ٿيڻ کان پوءِ سائين جن جي جلد ئي وفات ٿي وئي. مون سائين کان تمام گهڻو پرايو ۽ سکيو. ميهڙ ۾ جيڪي به ورسيون، سالگراهون، مهورتون، ادبي گڏجاڻيون، روح رهاڻيون ۽ پروگرام الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ميهڙ، سنڌ پريس ڪلب ميهڙ، العباس هوٽل ميهڙ يا ٻئي ڪنهن هنڌ به ٿيندا هئا ته سائين حبيب حضوري مون کي پروگرام ۾ شرڪت جي دعوت ضرور ڏيندو هو. جتي مان سنڌ جي شاعرن جي چونڊ شاعري پڙهي خوب داد حاصل ڪندو رهيس. مطلب ته ميهڙ جي شاعرن ۽ ليکڪن سان به سڀ کان اول مون کي سائين حبيب حضوريءَ ئي ملايو. سائين حبيب الله ڏيرو المعروف حبيب حضوري جون سنڌي ادب ۾ ايتريون ته لازوال ۽ بي لوث خدمتون آهن جيڪي هڪ تعارف، پروفائيل، مؤقف ۽ تاثرات جي صورت ۾ پنن تي نه ٿيون لکي سگهجن ۽ هڪ ڪتاب جي صورت ۾ قلم بند ڪرڻ جي اهم ضرورت هئي، جيڪو ڪم اسان جي پياري دوست، نوجوان

ليکڪ محترم مولانا اعجاز علي سوڍر ڪري ڏيکاريو. جنهن حبيب حضوريءَ جي فَن، شخصيت، علمي، ادبي خدمت ۽ ڪردار تي ڪتاب لکي سائين حبيب حضوريءَ کي زبردست پيٽا ڏيڻ سان گڏ سنڌي ادب ۾ هڪ سُٺي ڪتاب جو واڌارو ڪري تاريخ رقم ڪئي آهي ۽ مصنف اهو پاڻ لاءِ اعزاز پڻ سمجهي ٿو.

سائين حبيب حضوري پاڻ عالم، فاضل، استاد، اديب، ليکڪ، شاعر، صحافي، ڪمپيئر، قوم پرست، آرگنائيزر، علمي ادبي شخصيت ۽ ٻين ڪيترين ئي تنظيمن جو سياسي سماجي اڳواڻ ۽ سرواڻ پڻ آهي. پاڻ پورا 36 سال تعليم کاتي ۾ رهي پنهنجو فرض خوش اسلوبيءَ سان نڀايو اٿائين. 20 آڪٽوبر 11983ع تي تعليم کاتي ۾ ڊيوٽي جوائن ڪيائين ۽ 19 جون 2019ع ۾ باعزت نموني سان هاءِ اسڪول وَن ميهڙ مان 19 گريڊ ۾ رٽائرڊ ٿيو. پاڻ هي ڪتاب پنهنجي ذاتي خرچ تي ڇپرايا اٿائين.1. موهيا ڪنهن نه مال. 2. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ادبي خدمتون. 3. قرآن مجيد ۽ شاهه لطيف. 4. پلا پونءِ نه وسرن. 5. ميهڙ جون مٽيادار شخصيتون. 6. سوينيئر 2015 (يادگار). 7. سندا ڇولين ڇوهه. ان کان علاوه پاڻ ٻاراڻي ادب ۾ به گهڻو لکيو اٿائين. ٻارن جي لاءِ ٻاراڻي ادب ۾ به ڪتاب ڇپرايا اٿائين. جن ۾ جيجل جهولي ۽ اسڪولي شاگردن لاءِ تقريرون شامل آهن. سندس اڻ ڇپيل ڪتابن ۾" ادب جو ستارو، چاليهه قرآني آيتون، پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني، تنهائيءَ جو تحفو

۽ مَندو فقير“ شامل آهن. سندس گڏيل شاعري جي ڪتابن ۾ ”وجود جو هڳاءُ، سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو، ڏيئا جرڪيا ڏيهه ۾، غزل گلابن جهڙا“ ۾ سندس شاعري ڇپيل آهي. مولانا حبيب حضوري ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ، ٻه اکر ۽ مضمون پڻ لکي چڪو آهي.

جيئن ته سائين حبيب حضوري ڪيترين ئي تنظيمن جو سرواڻ ۽ تحريڪن جو اڳواڻ رهي چڪو آهي ۽ اجان تائين انهن تنظيمن سان لاڳاپيل آهي ۽ وقتًا فوقتًا انهن سان سهڪار ڪندو پيو اچي.

مولانا حبيب حضوريءَ جو چوڻ آهي ته ” موجوده سماج بهترين ڪونهي ڪو، انسان انسان جو دشمن آهي، والدين، نياڻين يا خود وڏڙن جي عزت محفوظ ناهي. تعليم ۾ پوئتي پيل آهيون. اخلاقي قدر پائمال ٿي رهيا آهن. آءٌ جيئن ته سيني فرقن وٽ پڙهيو آهيان، چو ته مون وٽ جُنون ناهي رهيو، آءٌ ڪنهن به ڳالهه کي سنجيدگيءَ سان ناهيان وٺندو، ڪنهن فرقي وٽ ايتري نفرت ڪانه ڏٺي اٿم جيتري اديبن، شاعرن ۽ صحافين ۾ ڏٺي اٿم، ان ڪري سماجي لحاظ کان اسان جا رمارڪس هڪ ٻئي لاءِ ناڪاري رهيا آهن. باقي رهيو سوال ته سماج کي ڪيئن هجڻ گهرجي؟ ان لاءِ عرض ته هڪ ٻئي لاءِ احترام هجڻ گهرجي، نفرتن کي دل ۾ پالي جوان ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ استاد بخاريءَ چيو آهي ته:

ڪلفت ڪٺي ڪرڻ ڪان محبت رتي چڱي آ
ڪوڙي قصي ڪٿڻ ڪان هڪ سِٽ سچي چڱي آ

آخر ۾ مان سائين حبيب حضوريءَ جو هي شعر لکي پنهنجي ڳالهه پوري ڪندس.

اسان توحيدي تبريزي، اسان منصوري حلاجي
اسان حق جو ورتو رستو، اسان وٽ راهه شبيري
نه ڪو بي وس نه ڪو بي ڪس، نه ڪو ناقص نه ڪو سائل
اسان سرڪش اسان ارڏا اسان هالار حضوري

زاهد ابڙو ٿيبا، ميهڙ

ميهڙ جي محقق ۽ اسلامي اسڪالر محترم امجد علي هالو صاحب جا مولانا حبيب حضوري جي باري ۾ تاثرات ڪجهه هن طرح آهن.

حبيب حضوري منهنجي نظر ۾

موبائل واري هن مصروف زماني ۾ سنڌ جي مان پرئي شهر ميهڙ جي جهوليءَ ۾ جنم وٺندڙ انيڪ انسانن منجهان هڪ علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ اخلاقي شخصيت مولانا حبيب الله ولد حاجي محمد عثمان ڏيرو عرف حبيب حضوري ڪنهن به رسمي تعارف جو محتاج نه آهي. هن يگاني انسان جو تعلق ميهڙ شهر جي علمي، عقلي، ادبي ۽ اخلاقي خاندان ”ڏيرا /

الديروي“ سان آهي. هن خاندان جا ميهڙ، ميهڙ جي آس پاس، سنڌ، بلوچستان، خراسان سان گڏ عربستان جي اهل علم انسانن مٿان بيحد احسان رهيا آهن. يقينًا حبيب حضوري هڪ اهڙو نانءُ آهي جنهن جي ٻڌڻ کان پوءِ دل ۽ دماغ يڪدم علم وَعرفان ڏانهن ڇڪجي وڃي ٿو. ميهڙ جي ڏيرا خاندان اهڙي ته علمي خدمت ڪري پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي خاندان جي نالي کي هميشه لاءِ امر بڻائي ڇڏيو. هن خاندان جي علمي سپوتن ۾ مولانا عبدالڪريم ڏيرو، مولانا قاري محمد، قاري احمد ۽ مولانا قاري سعيد احمد ڏيرو اهي نمايان هستيون آهن جن برصغير جي ديني علوم جي عشاقن خاص ڪري علم تجويد ۽ قرائت جي طلب رکندڙ علمي پروانن جي اڄ اجهائي اميد آهي ته عندالله ته اعلىٰ مقام ماڻي ورتا هوندا پر برصغير وارن مٿان به عظيم احسان ڪيا. مولانا حبيب الله حبيب حضوري انهيءَ علمي روشن گهراڻي جو هڪ فرد آهي. منجهس ڪئي خوبيون جمع آهن. پاڻ علم سان گڏ ادب جي جيڪا قلمي خدمت ڪئي اٿائين اها اسان جهڙن ننڍڙن محققن لاءِ تمام گهڻي لاپائتي ۽ ڪارگر ثابت ٿي رهي آهي. موصوف هڪ علمي ادبي انسان آهي ته وري انساني اعلىٰ خوبين جو سنگم پڻ آهي ته وري ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف پڻ آهي. راقم الحروف کي پنهنجي ايم فل جي ٿيسس لکڻ دوران حضرت مولانا قاري سعيد احمد ڏيروؒ جي سوانح ۽ خدمات لکڻ وقت سڀ کان وڌيڪ بهتريءَ سنجيدگيءَ سان مواد

پيش ڪري ڏيندڙ پهرين ۽ بنيادي شخصيت مولانا حضوري صاحب آهي. تحقيق جي فن ۾ شايع ٿيل ڪتاب "ميهڙ شهر جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون" سندس هڪ علمي شاهڪار آهي. انساني فطري تقاضا هوندي هر ڪنهن سان اختلاف راءِ رکندي پلي ڪير ڪجهه به چئي، پلي ڪير ڇا به چئي پر هن ڏاهي انسان جي رويي، اخلاق ۽ عقلمنديءَ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. اختلاف ۽ تنازعات کي دانائيءَ سان سلجهائڻ، مجبور، لاچار ۽ مضطر جي همدردي جي سکيا ڏيندڙ، حق ۽ سچ واري ڳالهه پلي اها ڪنهن پنهنجي خلاف ئي ڇو نه هجي پر هي شخص ان کي ورجائڻ پنهنجي روح جي غذا سمجهندو آهي. سائين حضوري خوش مزاجي ۽ فقيراڻي طبيعت جو مالڪ آهي. ننڍي وڏي سان محبت واري گفتار سان پيش ايندڙ لکڻ ۽ پڙهڻ سان نهايت چاهه رکندڙ، سدائين اڇي لباس ۾ ملبوس رهندڙ، پنهنجن ۽ پراون جي محفلن کي هروقت سجائيندڙ، رات هجي يا ڏينهن هجي هر وقت ميهڙ جي ڪنهن نه ڪنهن گلي ۾ نظر ايندڙ محبت پريو انسان حبيب حضوري آهي.

امجد علي هالو
اسلامي اسڪالر ميهڙ
21 آڪٽوبر 2021
0345-3592589

مولانا حبيب الله ڏيرو

هي ننڍڙو تعارفي مضمون ميهڙ جي معروف و مشهور علمي ادبي شخصيت مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جي سوانح ۽ خدمات تي ڇپيل ميهڙ منجهان نڪرندڙ ماهوار مئگزين " سچ جو آواز " ۾ مفتي صاحب جي خاص شاگردن جي ذڪر ۾ مولانا حبيب حضوري کي به شامل ڪيو ويو آهي. مٿس مختصر لکيو ويو آهي. هن مختصر مضمون ۾ مولانا صاحب جو تعارف، حصول تعليم وارو دور، تدريسي خدمتون، ملازمت جو احوال، علمي تنظيمي خدمت ۽ تحريري خدمتن جي باري ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. هي مٿس لکيل مضمون رسالي جي صفحي نمبر 16 تي ڇپيل آهي.

حبيب ڏيرو

سنڌ جي مشهور اديب ۽ قلمڪار بشير سيتائي دادو ضلعي جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي باري ۾ مختصر معلومات کي لکي پروفائيلن جي صورت ۾ پيش ڪيو. سندس پروفائيلن جو هي مجموعو "ڏاها ڏات ڏٺي" نالي سان سرجڻهار پبليڪيشن دادو طرفان 2004ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو. هن ڪتاب جي صفحي نمبر 107 ۽ 108 تي مولانا حبيب حضوري جو پروفائيل جنهن ۾ نالو، والد جو نالو، ڄمڻ جي تاريخ، ڄمڻ جو هنڌ، تعليم،

ڌنڌو، ادب ۾ ابتدا، ادب ۾ سڃاڻپ، ڇپيل ڪتاب، اڻ ڇپيل ڪتاب ۽ مڪمل ائڊريس لکي اٿائين. هن پروفائيل ۾ مرحوم بشير سيتائي مولانا حبيب حضوري جي ادبي سڃاڻپ سوانح نگار، اديب ۽ عالم هئڻ لکي آهي.

انهيءَ کان علاوه ميهڙ جي مشهور اديب، استاد، صحافي ۽ محقق محترم پاويل جوٽيجو پنهنجي ڪتاب "دادو ضلعو ڪالهه ۽ اڄ" جي صفحي نمبر 244 تي ميهڙ جي موجوده دور ۾ علمي ادبي ميدان جي جاکوڙي انسانن جيڪي علم ۽ ادب جي خدمت ۾ مصروف آهن جا نالا لکيا آهن، انهيءَ فهرست ۾ محترم پاويل جوٽيجو صاحب مولانا حبيب حضوري کي به شامل ڪيو آهي.

ڪلفت ڪان اٿس جو دوري
محبت الفت ان جي زندگي پوري
ڏيرن ۾ ٿو هو ڏاهو ڏسجي
نام سندس آ حبيب حضوري

ساٿي ۽ سونهان

كتاب

1. القرآن
2. بروهي، جوهر، عبدالقيوم، مولانا، سنڌ رنگ، براهوي، ڪوئٽه، براهوي اڪيڊمي (رجسٽرڊ) پاڪستان 2017.
3. جُڳ جُڳ سي جيئن، حيدرآباد، پارس پرنٽنگ ايجنسي 2017.
4. جوکيو، انور، وڻ وڻ ٽاري، ڪي اين شاهه، لاڪير پريس، 1999.
5. جوٽيجو، پاويل، دادو ضلعو ڪالهه ۽ اڄ، ڇاپو پهريون، حيدرآباد، ايسٽ لائين ڪميونيڪيشن 2008.
6. جوٽيجو، پاويل، هفتيوار سچ جو آواز ميهڙ، خاص ايڊيشن حضرت قبله مفتي ڪريم بخش مڪسي، ميهڙ
7. جوٽيجو، فيض، ڊاڪٽر، وجود جو هڳاءُ، ياڳو پهريون، ڪراچي، پهُه پبلشرز 2018.
8. چاچڙ، عبدالوهاب، مفتي، ماهوار شريعت، جلد 43، شمارو 7، روهڙي، روهڙي پرنٽنگ پريس، جنوري 2016.
9. چانڊيو، احمد خان، پتنگ چِڻن پيدا ٿيو، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي، 2018.
10. چنه، شفيق احمد شفيق، آس، ص 59،60، ميهڙ، الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن 2018.
11. گلال، عبدالوهاب، شعور جي لاٽ، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2021.
12. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، اسڪولي شاگردن لاءِ تقريرون، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2018.
13. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، پلا پونءِ نه وسرن، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2019.
14. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، سَندا چولين چوهَه، ص 20،21،22، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2017.

15. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، جيجل جهولي، ميهڙ، باک ڦٽي پبليڪيشن 2016.
16. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، قرآن مجيد ۽ شاهه لطيف، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2018.
17. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، موهيا ڪنهن نه مال، ميهڙ، علامه آءِ آءِ اڪيڊمي 2000.
18. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، ميهڙ جون مٽيادار شخصيتون، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2021.
19. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ص 44، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2015.
20. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، سوينئر 2015 هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ضلع دادو، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز 2015.
21. ساجد چانڊيو، عابد ڪلهوڙو، عبدالصبور ٻگهيو، سرهاڻ جا گيسو، ڇاپو پهريون، حيدرآباد، پارس پرنٽنگ پريس 2020.
22. سوڍر، اعجاز علي، مولانا، مَهان ماڻهو ميهڙ جا، ص 34، حيدرآباد، شاد پبليڪيشن 2021.
23. سيتائي، بشير، ڏاها ڏات ڏٺي، ڇاپو پهريون، سرجڻهار پبليڪيشن دادو 2004.
24. قادري، عبدالرسول، ڊاڪٽر، قرب ڪريمي، ميهڙ، مدرسه عربيه اڪبريه دارالقرآن جامع مسجد 2018.
25. ڪانڌڙو، آزاد انور، دل جي ڌرتيءَ تي ڪيرٿر آهين، ميهڙ، سنڌي ادبي سنگت شاخ 2021.
26. ڪانڌڙو، انور، ڌرتيءَ جو شهيد (سميع الله ڪلهوڙو)، حيدرآباد، آزاد پبلشنگ هائوس، ديش ميڊيا،2008.
27. گوپانگ، ديدار، شاد، ڏيٺا جرڪيا ڏيهه ۾، ڇاپو پهريون، حيدرآباد، سمبارا پبليڪيشن 2019.
28. گوپانگ، ديدار، شاد، سنڌڙيءَ تي سِر ڪير نه ڏيندو، ڇاپو پهريون، ڄامشورو، موسيٰ پبليڪيشن 2018.

29. مگسي، ڪريم بخش، مفتي، مولانا، ميهڙ جون ديني درسگاهون، ڪراچي، عربيه پبليڪيشن 2015.
30. مگسي، محمد امين، جوڳيئڙا جهان ۾، ميهڙ، علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي 1997.

هفتيوار اخبارون

31. هفتيوار اخبار، سچ جو آواز ميهڙ، جلد 3 شمارو 30، 3 مئي کان 10 مئي 2017ع
32. هفتيوار سچ جو آواز ميهڙ، جلد 4، شمارو 50، 3 اپريل کان 11 اپريل 2018.

روزاني اخبارون

33. روزاني بختور حيدرآباد ، 16 آڪٽوبر 1996ع
34. روزاني عوامي محاذ ڪراچي، جلد نمبر 21، شمارو 226 ،جمعو 25 آگسٽ 2017ع

رسالا ۽ مئگزين

35. ماهوار آواز سنڌ حيدرآباد، شمارو 8، سيپٽمبر 2017ع، شمارو 8، حيدرآباد، ايڊوانس پرنٽنگ پريس.
36. ماهوار بلند حوصلو حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز، ڊسمبر 2020.
37. ماهوار بلند حوصلو حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز، سيپٽمبر، آڪٽوبر 2020.
38. ماهوار سالار، جشن ميهڙ نمبر، حيدرآباد
39. ماهوار سبگا مئگزين ميهڙ، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز، جولاءِ 2020.

اعجاز علی سوڈھر "انمول"

الفاظ کے جھوٹے بندھن میں
آغاز کے گہرے پردوں میں
ہر شخص محبت کرتا ہے
حالانکہ محبت کچھ بھی نہیں
سب جھوٹے رشتے ناتے ہیں
سب دل رکھنے کی باتیں ہیں
کب کون کسی کا ہوتا ہے
سب اصلی روپ چھپاتے ہیں
احساس سے خالی لوگ یہاں
لفظوں کے تیر چلاتے ہیں
اک بار نظر میں آکے وہ
پھر سارے عمر رلاتے ہیں
یہ عشق محبت مہر و وفا
یہ کہنے کی باتیں ہیں
ہر شخص خودی کی مستی میں
بس اپنی خاطر جیتا ہے

مانا کہ الفاظ کے جھوٹے بندھن ہیں
آغاز کے گہرے پردے ہیں
ہر شخص محبت کرتا ہے
حالانکہ سچی محبت عبادت ہے
سب جھوٹے رشتے ناتے نہیں
سب دل رکھنے کی باتیں نہیں
کب کون کسی کا محبوب بن جائے
کبھی اصلی روپ دکھ جائے
احساس سے خالی سب لوگ نہیں
سب لفظوں کے تیر چلاتے نہیں
اک بار نظر میں آ کر وہ
پھر ساری عمر یاد رہ جاتے ہیں
یہ عشق محبت مہر و وفا
یہ سب کہنے کی باتیں نہیں
ہر شخص خودی کی مستی میں
بس اپنی خاطر جیتا نہیں



ميهڙ جي مردم خيز مٽي نہ رڳو ماضي ۾ اسان کي سنڌي ادب جا روشن ستارا ڏنا آهن بلڪ هلندڙ وقت ۾ سنڌي علم و ادب جي خدمت جا اهڙا وهائو تارا بہ ڏنا آهن جن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. انهن منجهان گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ محترم مولانا سائين اعجاز علي سوڍر صاحب بہ هڪ آهي. مولانا سائين اعجاز علي سوڍر اسان جو سچيت دوست ۽ سگهارو نثر نويس آهي. خاص ڪري تحقيق ۽ مضمون نويسيءَ ۾ هن پنهنجي حيثيت مڃرائي آهي سندس لکڻيون جامد نہ پر متحرڪ آهن، جن جو ثبوت هڪ هي ڪتاب پڻ آهي. هن ڪتاب کان اڳ محقق جو هڪ نادر ڪتاب "مَهان ماڻهو ميهڙ جا" تازو ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو آهي، جنهن ادب جي ميدان ۾ پنهنجو منفرد ڏاڪو ڄمايو آهي. سندس هي ٻيو ڪتاب آهي جيڪو ميهڙ جي مانائتي شخصيت، ليکڪ، اديب ۽ عالم مولانا حبيب حضوري جي خدمات تي لکيل آهي. سندس هن محنت اسلامي رواداريءَ جو پرچار ڪيو آهي نہ تہ اڪثريت ان جي ابتڙ آهي. هر ليکڪ جي لکڻي پنهنجي پنهنجي رنگ ڍنگ (اسلوب) سان هوندي آهي. مولانا سائين اعجاز علي سوڍر صاحب جي لکڻي ۾ اها رَس چس آهي جو سندس ڪتاب پڙهڻ وقت ڪتاب پوري ڪرڻ کان اڳ بند ڪرڻ لاءِ دل نہ چوندي آهي.

احمد رضا آڳرو

Azhar Aadarsh